
رهجي ويل منظر



طارق عالم

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

رهجي ويل منظر

طارق عالم ابڙو

نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد. حيدرآباد سنڌ
2000ع

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو ڪتاب نمبر هڪ سئو ايڪونجاهه

ڇپائيندڙ نيو فيلڊس پبليڪيشنس،
ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.

ڇپيندڙ ذڪي پرنٽنگ پريس، ڪراچي.

پنجون ايڊيشن فيبروري 2000ع

(سڀ حق ۽ واسطا مصنف جا قائم)

RAHJI WIALA MANZARA (Novel) by: TARIQ AALAM ABRO. Published by New Fields Publications, Tando Wali Mohammed, Hyderabad Sindh. Pakistan. Fifth Edition February 2000. Price

Book No: 151

هن ڪتاب جو پهريون ايڊيشن ڊسمبر 1984ع ۾ حسينا سيد پبلشرس، صدر حيدرآباد، سنڌ ڇپيو. ٻيون ايڊيشن نيو فيلڊس پبليڪيشنس آڪٽوبر 1991ع ۾ ڇپيو. ٽيون ۽ چوٿون ايڈيشن روشني پبليڪشن طرفان ڇپيو.

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

ارپيم

امڙ ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ کي

(3 مارچ 1983ع)

طارق عالم ابڙو

تعارف

طارق عالر پٽ محمد عالر ابڙو 10 اپريل 1958ع تي قمبر (ضلعو لاڙڪاڻو) ۾ جنر ورتو. پرائمري تعليم پرئڪٽسنگ اسڪول، (ٽريننگ ڪاليج فارمين) مان، مئٽرڪ جامعہ عربيہ (اڳوڻو ڪندنمل گرلز هاءِ اسڪول) مان ۽ بي – اي سچل آرٽس ڪاليج، حيدرآباد سنڌ مان پاس ڪئي.

ساهت ۾ شروعات شاعريءَ سان ڪئي ۽ سندس پهريان شعر ماهوار ماروئڙا (1975) ۾ ڇپيا. سندس پهرين ڪهاڻي "پائلي" ماهوار تحريڪ ۾ 1978ع ۾ ڇپي. هن وقت تائين 20 ڪهاڻيون ڇپجي چڪيون آنس. ڪهاڻين جو هڪڙو مجموعو "رات، سانت ۽ سوچون" (1981ع) ۾ پبلش ٿيو هو. ۽ پيون "سچاڻپ جي ڳولا ۾" جي عنوان هيٺ شايع ٿيل آهي.

1978ع ۾ سندس پهريون ٽيلي ناٽڪ "چند رهين ٿو ڏور" جيڪو سندس هڪ ڪهاڻيءَ تان آلو ڪيل هو سو ڪراچي ٽيليويزن تان ٽيلي ڪاسٽ ٿيو. هيلتائين نَو ٽيلي ناٽڪ ڪاسٽ ٿي چڪا آنس.

"رهجي ويل منظر" سندس پهريون ناول آهي. ۽ هو هن وقت پنهنجي ٻئي ناول تي ڪر ڪري رهيو آهي.

فوٽو گرافي ۽ چترڪاريءَ سان ڏاڍي دلچسپي آنس.

مهاڳ

رومانس جي ڪهاڻي سڄي دنيا ۾ ساڳي آهي. جوان ۽ جوانڙي ڪٽي نہ ڪٽي ملندا آهن. پهرين مرڪي هڪ ٻئي ڏانهن نهاريندا آهن. پوءِ ڳالهين ۾ ٿهي هڪ ٻئي کي ويجهو ايندا آهن ۽ ٻين کان پري ٿيندا ويندا آهن. ٿهڪن ۽ لڙکن جو اهو سلسلو نيٺ تا! تا! تي اچي ٻيهندو آهي. اها تا! تا! شاديءَ کان اڳ بہ ٿيندي آهي ۽ شاديءَ کان پوءِ بہ. شاديءَ کان پوءِ واريءَ تا! تا! ۾ رڳو اهو فرق اچي ويندو آهي تہ گهر جون پٽيون ٻنهين ڌرين کي پنهنجن پکن ۾ جهلي ٻيهندڙيون آهن ۽ کين ٻاهر نڪرڻ نہ ڏيندڙيون آهن. دراصل ڌريون هڪ ٻئي کي ڇڏي پٽين سان پيار ڪرڻ لڳنديون آهن. ۽ جي تا! تا! شاديءَ کان اڳ ٿي آهي تہ پوءِ ڌريون پٽين جي بدران انهن واٽن، وٽن جي چانئن ۽ انهن ڪنڊن پاسن سان پيار ڪرڻ لڪنديون آهن جتي هو اڻيا ۽ وڻا، هليا ۽ ڪليا. ڪنهن نہ ڪنهن 'سنجها' ڪنهن نہ ڪنهن 'پنهونءَ' جي اها ڪهاڻي دنيا جي سڀني يونيورسٽي ڪئمپسن ۾ جنم ونندي رهندي آهي ۽ ان کي ڪو نہ ڪو طارق عالم لڳندو ئي آهي. پر مسئلو ڪنهن ڪئمپس ۾ جنم ونندڙ ۽ ختم ٿيندڙ رومانس جي عام موضوع جو نہ آهي. مسئلو اهو آهي تہ ان ڪهاڻيءَ اندر چا چا چيو ويو آهي ۽ ڪيئن چيو ويو آهي. طارق عالم جو هيءُ ناول بہ ان ئي نڪتہ نگاهہ کان پرکي سگهجي ٿو.

گذريل ستن اٺن سالن ۾ سنڌي زبان جي (شيخ ايياز جي لکڻين کي ڇڏي) مون ڪابہ اهڙي لکڻي نہ پڙهي آهي. جنهن هن ناول وانگر مون

کي حيرت ۾ وڌو هجي ۽ پاڻ ۾ ايترو جڪڙيو هجيس جو صبح جو 11 وڳي کان شام جو 7 وڳي تائين هڪڙي ئي نشست ۾ پڙهي ويو هجانس. سو ۾ تڏهن جڏهن هن ناول جي ڏمي پڙهڻ کان ٿورو وقت اڳ اينڊريا نيومين 'Andrea Newman' جو ڪئمپس جي زندگيءَ تي لکيل هڪ سهڻو ناول 'A Share of the World' پڙهيو ويٺو هجان.

طارق عالم جنهن ذهني نسل مان آهي. اُهو هلڪڙي جذباتيت. نعري بازي. لفاظي. ورجاء. سطحيت. شوبازي ۽ مشرق جي مخصوص فينٽسيءَ جو ماريل نسل آهي. ان ڪري اها توقع ئي نه هئي ته ڪو طارق عالم سنڌي زبان جو پهريون شاهڪار ناول لکندو. پر جيئن بادشاهيءَ جو قصو بيان ڪندا آهن ته بادشاهه بي اولاد مري ويو ته درٻارين فيصلو ڪيو ته ڪبوتر ٽا هوا ۾ ڇڏيون. اُڏري اُڏري جنهن جي مٿي تي وهندو اهو ملڪ جو بادشاهه ٿيندو. سو سنڌي زبان جي هن تخليقي شاهڪار جي ڪبوتر کي الائي ڪهڙي من ۾ آئي. جو هو ڪنهن اصلي شهزادي جي بدران رول چوڪري طارق عالم جي سِر تي اچي ويٺو. ڪنهن جي پاڻ سان ريس ته ڪانهي پر اُميد الله ۾ آهي ته اڄ نه ته سياڻي سندس مٿي تي ڪبوتر جي بدران ڪانگ وهاريو ويندو. رهي ڳالهه تخليق جي ته اُها چم چم ڪندي وٽس ئي آئي آهي.

هيءُ ناول ڪنهن پرپور ڪلاسيڪي ڏن وانگر آهستي آهستي دکي ٿو. ڪينرائي خوبصورت جملا ۽ تشبيهون. اصلي قدرتي ڪردار ۽ واقعا. رشتن جون حقيقي. جذباتي ۽ احساساتي ڪيفيتون سُرن وانگر اُپرن ٿيون. سرن ۾ پورن وقفن سان لاها چاڑها اچن ٿا. ۽ ڏن مچندي ٻاهه ٿيندي جڏهن وڃي ٽٽي ٿي ته پڑهندڙ ڳچ وقت تائين پنهنجيءَ چاتيءَ تي دکيل ٽاندا آهستي آهستي اُجهامندا محسوس ٿو ڪري.

ناول جي صنف جتي وڏ ۾ وڏ آرٽ جي گهوري آهي. اُتي ان کي لکڻ لاءِ اوتري ئي هنرمندي ٿي کپي. چاکاڻ ته ناول جو ڪينواس پين سيني صنفن جي مقابلي ۾ وڏو ۽ طاقتور آهي. ڏگهي پنڌ ۾ ساڳيءَ رفتار ۽ موڊ سان هلڻ يا آرٽ ۽ ڪرافٽ جو توازن برقرار رکڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي ۽ خاص ڪري ان صورت ۾ اهو ڪم وڌيڪ ڏکيو ٿي وڃي ٿو

جڏهن سنڌي ادب ۾ هنرمنديءَ تي ڏيان ڏيڻ ته چا. ان کي عيب سمجهيو ويندو آهي. يا وري کجهه ڏريون هنرمنديءَ تي ايترو زور ڏيندیون آهن جو آرٽ گم ٿي ويندو آهي ۽ رڳو ناصحانه قسم جو ڪرافٽ ئي ڪرافٽ وڃي بچندو آهي. اهڙي صورتحال ۾ هن ناول ۾ آرٽ ۽ ڪرافٽ جو توازن ڏسي خوشيءَ سان گڏ حيرت به ٿئي ٿي. سنجها ۽ پنهونءَ جي رومانس شروع ٿيڻ کان وٺي ظهير ۽ سنجها جي رومانس تائين ناول کي شاهه ڪاريگريءَ سان اُٽيو ويو آهي. ليڪڪ کٽي به ٽيڙهه ڪائي ٻئي پاسي ايترو نه هليو ويو آهي، جو مرڪزي لائين غائب ٿيندي محسوس ٿئي. جيتوڻيڪ هي ناول رڳو سنجها ۽ پنهونءَ جي رومانس تائين محدود نه آهي. هن ناول ۾ نصير، نادر مني، ٽيلي استار، راحت حسين، صبا، سنجها جي 'ادا' پارٽي ۽ چٽن وڪٽڻ وارو چوڪرو مرڪزي ڪردارن سان گڏجي ڪئمپس جو هڪ پورو ۽ خاص پهلو پڙهندڙ اڳيان چٽو ڪري ٿا ٻيهارين. اهي سڀ اهڙا ڪردار آهن، جيڪي ڪئمپس جي پرپور نمائندگي ٿا ڪن. منجهن ڪوبه غير معمولي نه آهي ۽ وڏي ڳالهه ته اهي ڪردار پنهنجي تحرڪ سان ڪهاڻيءَ کي مرڪزي نقطي يا مرڪزي لائين تان نه ٿا هٽائين. ايتريقدر جو ناول نويس ڪئمپس مان نڪري ڪراچيءَ ۾ عليءَ جي گهر ٿو اچي ته علي ۽ سندس زال جي جهيڙي ۾ به ڪيس پنهنجو مستقبل نظر ٿو اچي ۽ عليءَ جي گهر کي هو ناول ۾ ايترو ئي ٿو آڻي جيتري ان جي ضرورت آهي نه ته عليءَ جي ڪردار ۾ ايڏي ته چڪ آهي جو اهو ڪردار ناول جي مرڪز جي فيوز کي وڏي خوشيءَ سان اُڏائي سگهي ٿو.

جتي مرڪزي لائين کان هٽي وڃڻ ناول لاءِ نقصانڪار آهي. اُتي خود ان لائين تي قائم رهڻ به خطري کان خالي نه آهي. چاڪاڻ ته انهيءَ صورتحال ۾ ليڪڪ کٽي به يڪسانيت، ورجاءُ ۽ سست رفتاريءَ جو شڪار ٿي سگهي ٿو. پر هن ناول ۾ ليڪڪ ساڳيءَ وات تي هلندي ڏاڪي به ڏاڪي زندگيءَ جا ۽ رشتن جا نوان پهلو کولیندو توڙ ڪري ٿو جتان تان کٽي ٿو اُتي ئي وڃي ٽوڙي ٿو پر تان کڻڻ ۽ تان ٽوڙڻ جي وچ واري عرصي ۾ هو زندگيءَ جا ڪئين رنگ روپ ڏيکاري ٿو. اُهي رنگ روپ اهي آهن جيڪي اسان ڏسندا ته رهندا آهيون پر انهن کي کولي پڌرو

ڪري نہ سگھندا آھيون.

اسان وٽ سنڌي ادب ۾ بلڪ پوري مشرق جي فڪشن ۾ اڪثر جيڪي ڪردار ملندا آھن، اُھي يا تہ فرشتا ھوندا آھن يا شيطان. جيڪي پنھنجا پنھنجا نعرا ھڻندا غازي يا شھيد ٿيندا نظر ايندا آھن. اسان فرشتن ۽ شيطانن جا ليکڪ آھيون. اسان وٽ ماڻھو تمام گھٽ تخليق ڪيو ويو آھي. ٻہ چگاڀون چار مدايون رکندڙ ماڻھو چٽڻ لاءِ وڏي بھادري. وڏي فراخدلي ۽ ظالمانہ حد تائين منصف مزاجي ٿي کپي ۽ طارق ھن ناول ۾ پنھنجون اھي خصوصيتون ڏيکاريون آھن. ھن سچي ناول ۾ پنھنجي ڪنھن بہ دوست ڪردار تي رحم نہ کاڌو اٿس. ڪنھن بہ دشمن ڪردار سان بي انصافي نہ ڪئي آھي. ڪنھن بہ ڪردار جي مٿي تي سگ نہ آھن. ڪٿي بہ اصول جو، پيار جو ۽ چگائي جو نعرو ھنيل نہ آھي. پلا جي ڪو ماڻھو نعرو ھڻي بہ سھي تہ ليکڪ جو ايجاد ڪيل نعرو چو ھڻي. پنھنجو نعرو چو نہ ھڻي. جيتوڻيڪ ھن ناول ۾ پنھون، طارق جو پنھنجو ڪردار لڳي ٿو ۽ ھو ان ڪردار وسيلي ڪوبہ نعرو ھڻائي سگھي ٿو. پر ھن ايماندار ۽ شريف ماڻھوءَ ائين نہ ڪيو آھي. بلڪہ ھنڌ ھنڌ پنھنجا چوڌا بہ لاھي ويو آھي.

عبدالقادر جوٹيجو

جامشورو سنڌ

ان زماني ۾ نظر آئي هئينءَ جڏهن شرٽ جا مٿيان بٽڻ بند ڪرڻ سڀائين وساري ويهندو هئس. جڏهن مان 'ڪلين شيوُ' هوندو هئس، ۽ جڏهن مون وٽ رڳو ٻه پينٽس ۽ چار شرٽس هونديون هيون.

توکي تنهنجو ڪلاس فيلو ۽ تنهنجي پيءُ جو اسسٽنٽ، فيڪلٽي گهمائي رهيو هو. هن چيو هو:

'هي پوليٽيڪل سائنس جو ڊپارٽمينٽ آئي.'

تنهنجي آڏو اچي ويو هئس؛ ان مهل مون سان نصير به هو. تو ڪنڌ ڪٽي مون ڏانهن نهاريو هو ۽ مون ڪنڌ جهڪائي. تنهنجين سنهين فريمن واري نظر جي عينڪ پٽيان وشال پر اداس نيٺ منهنجي چهري مٿان 'استاپ فريم' ٿي ويا هئا. قد ۾ مون کان ڇهه انچ ننڍي هوندينءَ. تنهنجن 'يو' شيپ وارن ۾ بي انت 'ڪروز' هئا. مون کي ياد آهي ته توکي سائي رنگ جو پهراڻ پيل هو. جنهن مان تنهنجون ٻانهون ڪلهن تائين ڏنڊليون پئي نظر آيون.

اسان اڳتي هليا ويا هئاسون؛ نصير چيو هو:

'اها، اُهائي آئي جنهن جو مون توسان ذڪر ڪيو هو. يار ڏاڍي تيز چوڪري آهي.'

ڪجهه ڏينهن کان پوءِ نصير مون کي آرٽس فيڪلٽيءَ جي ٻاهرين ڪينٽين جي ٻاهران نظر آيو هو. تون ان مهل ڊپارٽمينٽ جي شاگردن سان

گڏ بيٺي هيئن ۽ هو سپ تنهنجي چوڪير بيٺل هئا. نصير سان وڏي وڃي مليو هئس. ڪنول چيو هُئي:

'سنجهاڻ هن کي ڏسي توکي ڌارون جي ٿيوري ته ياد نه ٿي اچي!'

مون ڏانهن ڏٺو هيئي هڪ ڪن لاءِ. ۽ چيو هُيئي:

'هِن لاءِ مان ائين نه چوندوس؛ چو ته مان هن سان فري ناهيان.'

اهي تنهنجا پهريان لفظ هئا مون لاءِ چيل.

ڪاريڊور جي ٽلهي تي ويهي اُس جو تاءُ وٺندي، پهريون پيرو مون سان پاڻ ڳالهايو هيئي:

'توهان پڙهندا آهيو؟'

'ها.'

'ڇا ۾.....؟'

'فائن آرٽس ۾.'

'فائينل ايئر ۾ آهيو؟'

'نه؛ مان ته انٽر ئي هن سال ڏني آهي.'

'ان جو مطلب ته تون مون کان ننڍو آهين!'

'توهان جي عمر ڇا آهي؟'

'ٽيويهه سال. تنهنجي؟'

'ٻاويهه سال.'

'ان جو مطلب ته مان توکي مار ڪڍي سگهان ٿي! چو ته تون مون کان سال ننڍو آهين.'

'نه، نه، گهر ۾ ننڍي هجڻ جي حيثيت ۾ درڪا ڪاوان ۽ هتي به توهان مار ڏيندیون!'

تو ڪجهه ڪن اڳ اسان جي پرسان اچي بيٺل پنهنجي دوست ڏانهن مرڪي، تارا گول ڦيرائي چيو هو:

'پڌئي؟'

تنهنجي دوست به مرڪي پئي هئي. تو چيو هو:

'هيءَ منهنجي پرائمريءَ جي دوست آهي، شبنم. اسان بنهي گڏجي

يونيورسٽيءَ ۾ ايڊميشن ورتي آهي: بس رڳو ڊپارٽمينٽ الڳ آهي.'

اسان هڪ ٻئي کي 'وش' ڪيو هو: مان هن جي چهري تي بي ترتيبيءَ سان لڳل روڄ کي ڏسي رهيو هئس ته چيو هيئي:

'تون تصويرون ٺاهي ويندو آهين؟'

'ها ٺاهي ته ويندو آهيان.'

تون پنهنجي جينز جي نيري ويڪري پرس جي ڪنهن ڪنڊ مان، تصويرن جو پيڪٽ ڪڍي چيو هو:

'مون کي ٺاهي ڏيندين منهنجي تصوير؟'

'ها چو نه.....؟'

تون پنهنجي هٿ ۾ جهليل پيڪٽ مون ڏانهن وڌائي چڏيو هو. ٻن کان سواءِ ٻيون سڀ رنگين هيون. تنهنجا هڪ ٻه ڪلوزاپ سٺا لڳا هئم. پر تون مون کي پنهنجي اسٽوڊيو ۾ نڪتل فوٽو ڏيندي چيو هو:

'ٺاهي ڏيندين نه....؟'

تنهنجي اها تصوير 'آرٽيفيشل' لڳي هئم. مون کي هر 'اريجنل' شي کان ڇڙ آهي. پر مون مٿينءَ دل سان چيو هو:

'ها.'

'ڪيترن ڏينهن ۾.....؟'

'هفتي ڪن ۾.'

هفتي مان ڪيترائي هفتا لنگهي ويا پر مان تنهنجو پورٽريٽ ٺاهي نه سگهيس. اڪثر پڇندي هئينءَ:

'منهنجي تصوير.....؟'

ڪونه ڪو ڪوڙ ڳالهائي چڏيندو هئس. تنهنجو پورٽريٽ ڇو نه ٿي ٺاهي سگهيس.....؟ سڌ نه اٿم. جڏهن ته توکان اڳ ڪيترين چوڪرين جا پورٽريٽ ٺاهي ڏئي چڪو هئس. تون نه 'سيڪسي' هئينءَ نه ايڏي خوبصورت. پوءِ به تو ۾ ڪجهه هو: ڪا اهڙي چڪ جنهن مون کي تولاءِ سوچڻ تي مجبور ڪري چڏيو هو. اها چڪ شايد يا يقين تنهنجي 'انٽيليڪچوئلنيس' هئي. تو ۾ اهي سڀ ڳالهيون هيون جيڪي 'بولڊ'

چوڪريءَ ۾ هڪ گهرجن. چوڪرن جي ميڙ ۾ هوندي به سڀني تي 'دامينيٽ' ڪندي هئينءَ. 'ڪنفيوزن' تنهنجي پاسي کان به نه لنگهندي هئي. ڳالهائڻ مهل تون پاڻ لاءِ ڳالهايل لفظن جي آخري لفظ ۾ 'و' جو اضافو ڪري چڏيندي هئينءَ. جيئنءَ:

'مان اڄ توهان کي ڪمپني ڏئي نه سگهندوس.'

مان ۽ نصير توکي تنهنجي اسٽاپ تائين چڏڻ ويا هئاسون تہ چيو هيئي:

'گانو ٻڌايانوَ....؟' ۽ ڳائڻ لڳي هئينءَ:

"Brown girl in the ring"

تنهنجو آواز ٻڌي محسوس ٿيو هڪ جڻ ڪوئي غفائن مان ڳائيندو هجي. نٽهڻ اُس ۾ منهنجو ذهن تنهنجي آواز جي برف باريءَ ۾ وڃائجي ويو هو.

ٻئي ڏينهن ــ پنهنجي ڊپارٽمينٽ جي ڪاريڊور جي ٽلهه کي ٽيڪ ڏئي وينل نظر آئي هئينءَ..... تنهنجي ڳولا ۾ تو تائين پهتو هئس.

مون ڏانهن اداس نيٽ ڪٽي نهاري چيو هيئي:

'ويهہ.'

تو آڏو ويهي رهيو هئس. مون ڏانهن ڏسندي رهي هئينءَ ڪي گهڙيون. پوءِ چيو هيئي:

'ڪهاڻيون به لکندو آهين؟'

'ها.'

'۽ شاعري به؟'

'اهو سڀ ڪنهن ٻڌايو اٿوَ!!؟'

'ڪلاڪار کي سڃاڻڻ لاءِ ڪنهن به آئڊينٽٽي ڪارڊ جي ضرورت نه پوندي آهي.'

ماڻ ڏسي پنهنجو هٿ وڌائيندي چيو هيئي:

'توکي هٿ ڏسڻ ايندو آهي....؟'

تنهنجو مينهن وسارڻي جهڙو هٿ. پنهنجن ٻنهن هٿن ۾ جهليندي چيو هئم:

'ها مون کي ڪوڙ ڳالهائڻ ايندو آهي.'

کن لاءِ تنهنجا اداس نينءَ تانڊائن جان جرڪي پيا هئا: ۽ هلڪا ٿهڪ، سڏڪا بڌجي هوائن ۾ اڏري ويا هئا. چيو هيئي:

'ڏس منهنجي زندگيءَ جي ليک ڪيڏي نہ ٽٽل آهي.....' تنهنجي زندگيءَ جي ليک ڏانهن ڏٺو هئم. جيڪا سيلاب جي زد ۾ اچي ويل ٽرين جي پٽڑين وانگر ڪيترن ئي هنڌن تان اکڙيل هئي.

'هڪڙي ڳالهه ٻڌايانءِ سنجها....؟'

'ٻڌاءِ.' تجسس مان چيو هيئي.

'ڪجهه ڏينهن ٿيندا هڪ نوجوان جو ايڪسيڊنٽ ٿيندي ڏٺو هئم.'

'پوءِ، ڇا هو مري ويو هو.....؟....؟'

'ها ـ هو مري ويو هو. مون هن جي رت ۾ لت پت ڪليل تريءَ ۾ ڏٺو هو...'

'ڇا هو هن جي تري ۾ !!؟'

ڏکو ساهه ڇڏائجي ويو هئم: چيو هومانءِ:

'سنجها، هنجي ڪليل تريءَ ۾ زندگيءَ جي ليک ڏاڍي ڏکهي هئي.'

منهنجن هٿن مان پنهنجو هٿ کسڪائيندي چيو هيئي:

'مون کي ڪوبہ سمجهي نہ سگهيو آهي.'

'مون کي خبر آهي تہ تون بہ بين مشرقي چوڪرين جيان، انديا تان نشر ٿيندڙ فرمائشي پروگرام جا گانا ٻڌي خوابن جي پيرس ۾ پهچي ويندين هوندينءَ.....؟'

'مون چيو نہ، مون کي ڪوبہ سمجهي نہ سگهيو آهي، گهر وارا بہ نہ.....'

ڪاوڙ ۾ اڻي هلي وئي هئينءَ، ۽ مان تنهنجن پيرن ۾ پاتل 'پينسل هيل' جا آواز پاڻ کان پري ٿيندي ٻڌندو رهيو هئس.

ڪنهن ٻڌايو هو:

'سنجها کي بلڊ ڪينسر آهي.'

من ۾ زلزلو اچي ويو هئم. پاتالن تائين ڏڏي ويو هئس. تنهنجا چيل

جملا اُلر ڪري آيا هئا.

'مون کي ڪوبہ سمجهي نہ سگهيو آهي.' ــ ڪلاس ۾ ويٺي هئينءَ: محسوس ٿيو هئم جڻ سورج پوين پساهن ۾ هو جنهن جا پيلا اداس پاڇا تنهنجن نيٽن ۾ الهي آيا هئا. توڙانهن وڏي آيو هئس: تون ڪنهن اونهين سوچ مان ڪنڌ ۾ پيل بلئڪ بورڊ کي گهوري رهي هئينءَ.

'سنجها!'

هلڪو چرڪ پري مون ڏانهن نهاريو هيئي.

'هيٺ هلون: پارڪ ۾؟....؟' توکان پڇيو هئم.

'چانهہ پيارندين....؟' هن ساڳي گنپيرتا سان چيو هو.

'رڳو چانهہ؟.....؟'

'پيٽيز بہ.'

'پر هڪڙي شرط تي.'

'چئو.'

'بل تون ڏيندينءَ.'

'چو ڪا خاص ڳالهہ آهي؟'

'نہ عام ڳالهہ آهي. پئسا ڪونهن

منهنجو جواب ٻڌي تو مرڪي ڏنو هو. ٻئي فيڪلٽيءَ جي پارڪ ۾ هليا آيا هئاسون. چپر تي ويهندي ڪاپي طرف ڏسندي چيو هيئي:

'پٽي آڻي ڏي.'

مان چپر مٿان ڊوڙندو، ڪيترن ئي گلابن جا لاش تنهنجي آڏو آڻي رکيا هئا.

'ايترا سارا!!!؟....'

حيران ٿي وئي هئينءَ.

'مان تولاءِ سڀ ڪجهہ ڪري سگهان ٿو. سواءِ آڪاس مان تارا توڙي آڻي ڏيڻ جي!'

تنهنجا اداس نيڻ ٽمڪي پيا هئا ٽيڑن جيئن ءِ هر طرف ڦهلجي ويا هئا هوائن ۾ تنهنجن ٿهڪن جا ڪارا گلاب.

'سنجها: تون چاهين تہ مان تولاءِ پنهنجي 'ٽين ايج' محبوب کي بہ

چڏي سگهان ٿو.....'

'نه مهرباني.'

چاهيو هئم ڪنهن طرح توکي پنهنجو ڪرڻ. توکي بي انتها سک ڏيڻ.

تون پنهنجي 'ڊپارٽمينٽ' جي هڪ شاگرد، جيڪو توکان سال سينئر هو، مٿ انٽريسٽ وٺڻ لڳي هئينءَ. اندر ئي اندر پُري پيو هئس؛ خبر ناهي ڇا ڏسي ورتو هو تو ان اچاتري ماڻهوءَ مٿ!!؟. هو ته انهن منجهان هو جيڪي نه هوندي به پارٽنرس جا ڪپڙا پائي فيڪلٽيءَ مٿ اچي شو آف ڪندا آهن. جن جي شخصيت رڳو ڪپڙن جي شوخيءَ مٿ ئي ظاهر ٿي سگهندي آهي.ـــ توکي ڪيترائي ڀيرا هن سان ڪمپني ڪندي ڏٺو هئم. انهن ڏينهن مٿ مون تنهنجن نيٽن مٿ پيار جا ڳاڙها گلاب مرڪندي ڏٺا هئا. محسوس ٿيو هئم جڏ مون غلطيءَ مان ڪنهن غلط اسٽيشن تي لهڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. يا شايد توکي سُڌ نه هئي ته تون جنهن کي سورج پئي جاتو سو حقيقت مٿ ڪنهن ملڪ طرفان چڏيل جڙتو اُپگرهه کان گهٽ نه هو. جڏهن تون ان ٽيلي اسٽار کي به سپين آڏو 'ادا' چوندي هئينءَ. محبت ڪرڻ جي باوجود؟.

مان ء نصير فيڪلٽيءَ جي سيڪنڊ فلور تان لهي رهيا هئاسين ته ڏاڪڻين جي اڳين ديوار کان شبنم نڪتي هئي. سندس چهري تي رڪ اڏامي رهي هئي؛ اسان کي ڏسي چيو هيائين:

'خبر پيوءَ....؟ سنجها جي حالت ڏاڍي خراب آهي. ڪيس ڪالهه سول هاسپيٽل جي ڪينسر وارڊ مٿ ڪڍائي ويا هن.'

پير ڏرتيءَ تان اُکڙي ويا هئم؛ لفظ گلي جي اونڌاهين سرنگهه مان هٿوراڙيون ڏيندا زبان تائين پهتا هئا: 'مون کي ـــ سنجها وٽ وڃي هلندينءَ.....؟'

'ٺيڪ آهي؛ مان ٿوري دير کان پوءِ ويندس. تون پلي مون سان هلجانءِ.'

اهو چئي هوءَ اڳتي هلي وئي هئي. ڪنهن بحري جهاز جيان جڏ

سمنڊ جي اونهائين ۾ ڪرڻ لڳو هئس. اسان ٻئي ديوار پار ڪري ڏاڪڻين ڏانهن لڙي ويا هئاسين ته پهرين ڏاڪي مٿان توڪي ويڻل ڏٺو هوسون. ــ 'او ــ نو.....!!؟؟' رڙ منهنجي چپن مان نڪاءِ تي پڙڪو ڏئي اڏامي ويل ڳيري جيان نڪري وئي هئي ۽ مان گوڏن پر ويهي تنهنجي هٿن کي چمي ورتو هو. ان اوچتي عمل تي ڪجهه به چئي نه سگهي هئيءَ. سواءِ عجب کائڻ جي. تو منهنجي شبنم سان ڪيل ڳالهه ٻولهه ٻڌي ورتي هئي شايد. پر مون کي تنهنجي مذاق مٿان ڏک ٿيو هو.

نصير جي ٻهاڻي توڪي ڏسڻ آيو هيس. تنهنجن سپني ادن جا موڊ خراب هئا. ٽيلي اسٽار جو به جنهن ۾ تون انٽريسٽيڊ هئينءَ. هن مون ڏانهن بيحد ڏکار منجهان ڏٺو هو ۽ سپ ٽڙي پکڙي ويا هئا. تون به اڻ ڏٺو ڪري ٽيلي اسٽار سان هلي وئي هئينءَ. نصير مون ڏانهن وڏي آيو هو: چيو هئائين:

'پيارا، اهي سپ توتي ڪاوڙجي پيا آهن ته تو پري ڪاريڊور ۾ سنجها جي هٿ تي 'ڪِس' چو ڪئي آهي.'

ان ڏينهن تنهنجي مڙني همدردن مٿان ڪل آئي هئم: ۽ مون کي تنهنجا اهي ادا، ڪنهن وڏي بنگلي ۾ پلجندڙ ننڍڙن فيشني ڪتن جهڙا لڳا هئا جيڪي رڳو پؤنڪي سگهندا آهن. مان چپ چاپ هليو ويو هئس. ان ئي شام جو نصير ملي ويو هو، چيو هئائين:

'هڪ نئين خبر.'

'ڪنهن جي باري ۾؟'

'سنجها جي هن ڊپارٽمينٽ وارن ادن مان اهو جنهن سان هوءَ گهٽو فري آهي سو درحقيقت 'اڪنامڪس' واري ان چوريءَ مٿان مرندو آهي جنهن کي پائڻ ته چا، پر چهڻ به هن لاءِ اڻ ٿيٽي آهي. ۽ ها... ٽيلي اسٽار اڄ اشفاق کي ٻڌايو ته سنجها ڪاليج لائيف ۾ به هڪ زبردست رومانس ڪري چڪي آهي جيڪو مشڪل سان پوڻا ٻه سال مس هليو هو. ۽ سنجها جو چاهيندڙ سنجها جي هڪ دوست مٿان عاشق ٿي پيو هو.۽ سنجها کي ئي پنهنجي ان دوست سان دوستي رکائڻ لاءِ چيو هئائين. سنجها پنهنجي چاهيندڙ مٿان اٽلي پئي هئي. چيو هيائينس: 'تون گندي نالي جو گندو

ڪيڙو آهين. مون کي ڏک آهي، رهندو پنهنجن وچائي چڏيل چاهتن تي.'

سنجها هن کي هميشه لاءِ گڊ باءِ چئي چڏيو هو. هوءَ اندران ئي اندران پري پئي هئي؛ ٻڏو آ 'مينٽل' ۾ ٽي پئي هئي. ٽيلي اسٽار ۾ چيو پئي، 'سنجها سموڪر' ۾ زبردست آهي. ۽ هوءَ جا شبنم آهي نہ.... سا نہ ٻڏو آهي بلڪل پروفيشنل آهي هڪ فلم ڏيڪارينس ۽ مطلب پورو ڪري وڃ.'

اهو سڀ ٻڏي تولاءِ منهنجون محبتون شديد ٽي ويون هيون. ان کان پوءِ ڏاڍي سڻي لڳڻ لڳي هئينءَ، بلڪل پاڻ جهڙي. محسوس ٿيو هئم جڻ تون انهن مڙني پيچرن کي پار ڪري چڪي هئينءَ جن کي پارڻ ڪرڻ کان پوءِ چوڪرو مرد، ۽ چوڪري عورت بڻجي ويندي آهي.

ڪاريدور ۾ ڪرسيءَ مٿان ويٺل هئينءَ، توکي وڃ ڪيو هئم جنهن جو ڏاڍو سرد جواب ڏنو هيئي. تنهنجي آڏو ڪارنس تي ويهي رهيو هئس. مون ڏانهن عجيب انداز مان ڏسندي رهي هئينءَ، ۽ سرد آواز ۾ چيو هيئي:

'پنهنجي ڊپارٽمينٽ ايترو گهٽ چو ويندو آهين.....؟'

'منهنجي ڊپارٽمينٽ نہ وڃڻ سان توهان کي ڪو نقصان رسي ٿو؟'

'هروپرو پنهنجو ٽائيم وڃائيندو آهين، تون ۽ منهنجو ننڍو ادا آهين. مان نہ ٽي چاهيان تون پنهنجا ڪلاس مِس ڪرين.'

'مون وٽ جذبا، پڙهائيءَ کان وڌيڪ اهميت رکن ٿا.'

'چريو آهين.'

کن رکي چيو هيئي:

'تنهنجي شادي ٽيل آهي؟'

'نہ، پر 'مئريج' مان پنهنجي مرضيءَ سان ڪندس.'

'نہ. 'مئريج' ماڻهوءَ کي هميشه مائٽن جي مرضيءَ سان ڪرڻ گهرجي. مائٽ ڪڏهن ۽ اولاد لاءِ غلط فيصلا نہ ڪندا آهن.'

۽ مان اوچتو چئي ويٺو هئس:

'ڪلين بولڊ ٽيڻ کان پوءِ هر ماڻهو ائين ئي سوچيندو آهي.'

هڪدم چپ ٽي وئي هئينءَ. تنهنجن اداس نيٽن ۾ لڙڪ پرجي

آيا هئا.

تنهنجي ڊپارٽمينٽ نہ آيو هئس، نہ نصير سان مليو هئس. ٽئين ڏينهن نصير صبح جو مون وٽ آيو هو چيو هئائين:

'اڄ اسان جي ڊپارٽمينٽ ۾ انٽرنيشنل رليشنز جي وچ ۾ ڪرڪيٽ ميچ آهي. هل تہ استيڊيم هلون.'

اسان استيڊيم پهچي ويا هئاسون. مون ڏٺو هو تون منهنجي وڏي پاڻ کي ڪجهہ چئي رهي هئينءَ. توهان وٽ اچڻ مناسب نہ سمجهيو هئم. منهنجو وڏو پاڻ توسان ڳالهائي ورتو هو تہ موڊ خراب هئس؛ زهر ٻڏل آواز ۾ چيو هئائين:

'اهڙين چوڪرين سان ڳالهائڻ جو ڪهڙو ضرور....؟' ڪيس ڪو جواب ڏيان ئي، منهنجو وڏو پاڻ ڪاوڙيل ڏاند جيان استيڊيم جا ڏاڪا لتاڙيندو، پنرن مان آوازن جي ڏوڙ اڏائيندو هليو ويو هو. هڪ ڪن لاءِ توڏانهن نهاريو هئم. 'يو' شيپ وارن مٽان ڪرڪيٽئر ڪيپ تاڻيل هئي ۽ اڪين مٽان سن گلاسز. ان مهل ڏاڍي افسوس مان پنهنجي ان ادا کي. اڪين تي دوربين رکي پهرين بال تي آئوٽ ٽيندي ۽ واپس ايندي ڏسي رهي هئينءَ جيڪو توکي بيحد ويجهو هوندو هو. ڪرڪيٽ ڏسي گهر واپس آيو هئس تہ پاڻ چيو هو:

'هن توکي گاريون پئي ٻڪيون.'

'سو تہ سندس رائيٽ آهي.'

منهنجو جواب ٻڌي پاڻ گلاس اڏ ۾ روڪي چڏيو هيو؛ ۽ وات ۾ پريل گرڙي زور سان ڏرتيءَ مٽان اڇلائي چڏي هئي. پوءِ اڏيڪو گلاس ٻہ.

نصير اڇي ٻڌايو هو:

'هن توکي گاريون پئي ٻڪيون.'

جواب ۾ ڪلي پيو هئس. نصير افسوس مان چيو هو:

'سنجها کي ائين ڪرڻ نہ ڪپندو هو.'

مون پاريءَ ۾ بيئل گلاب مان هڪ گل پٽي، نصير جي ڪوٽ جي

ڪالر مٿان هٿي چيو هو:

'ڏس گل تنهنجي ڪوٽ جي ڪالر مٿان ڪيڏو نہ خوبصورت پيو لڳي؟'

نصير پنهنجن چپن جي ڪنڊن تي مرڪ جا پوپٽ ڪٽي هليو ويو هو.

پنهنجي ڊپارٽمينٽ ڪان واپس پئي وريس تہ هڪ سجاڻو اچي ملیو هو. ملندي ئي چيو هئائين: 'هن جا سپ 'ادا' تو مٿان ڪاوڙيل آهن. هن چيو پئي هاڻ جيڪڏهن تون هن جي ڊپارٽمينٽ ۾ ويندين تہ هو پنهنجن غيرتي ٽونشن سان تنهنجو منهن، ڪجهہ مهينن لاءِ سجاڻپ ڪان ٻاهر ڪري ڇڏيندا. هڪ اڌ تہ توکي گار ڏيندي چيو هو..... جو ڪلاڪار آهي؛ ڪلاڪار هوندائي وڏا ..... آهن.'

'ها شايد هو سپ سچ ئي چون ٿا.'

هن سجاتل کي جواب ڏئي هلڻ لڳو هئس تہ هن پنيان ڪان رڙ ڪري چيو هو:

'هو جيڪو هن جي تمام ويجهو آهي. تنهن جا تہ تو مٿان ڏاڍا خار آهن؛ تو سنجها جو هٽ هن آڏو چميو هو چا....؟'

'ڪاش ائين ٿيو هجي ها.' چپن ۾ پٽڪيو هئم. ان ئي ڏينهن مون توهان ٻنهين کي هڪ پبلڪ پليس تي چبر مٿان بلڪل ويجهو ويٺل ڏٺو هو. توکي ۽ تنهنجي ان ادا کي جنهن کي ان ڳالهہ تي اعتراض هو تہ مون وچ فيڪلٽيءَ ۾ تنهنجو هٽ چو چميو هو. پوءِ توهان مون کي ڪٽي نہ ڪٽي هڪٻئي جي ويجهو نظر ايندا هئو. ۽ آئون ڪنڌ جهڪائي من ئي من ۾ تولاءِ دعائون گهرندو هليو ويندو هئس؛ دعائن تي يقين نہ هوندي ہہ.

۽ خبر پئي هئي هڪ پيري تہ تو آڏو ٽيلي استار جي پت وائکي ٿي پئي هئي تہ هو توسان نہ پر ڪنهن بي چوکريءَ سان رومانس ڪرڻ جي چڪر ۾ آهي. پوءِ ہہ تو پنهنجي ٽيلي استار 'ادا' مان آس نہ چڏي هئي ۽ مون کي شديد ڏک ٿيو هو؛ يونيورسٽي اچڻ چڏي ڏنو هئم ۽ جيئن تہ واندي ويهڻ سان عذاب جي سرڪڻ ڦاهي وڌيڪ سوڙهي ٿي ويندي آهي

تنهن ڪري هڪ اخبار ۾ پريس فوٽوگرافر بڻجي ويو هيس.

خبر ناهي گهڻن ڏينهن پڇاڻان.....؟

شايد مهينو ــ منهنجي وڏي پاءُ منهنجي آڏو پيل ڪرسيءَ مٿان ويهندي چيو هو:

'هوءَ آئي هئي. توسان ملڻ پئي چاهيائين: چيو هومانس: هو مصروف ٿي ويو آهي: هاڻ ڪنهن سان به نه ملندو. پر هن ضد ڪندي چيو آهي ته تون سپاڻي هن سان ضرور مل. مون سان چگي دير ڪچهري ڪيائين: بيحد پياري چوڪري آهي.'

پئي ڏينهن تو وٽ آيو هئم. ان وقت ڊپارٽمينٽ جي پٽ کي ٽيڪ ڏئي ڪجهه سوچي رهي هئينءَ. مون کي پاڻ ڏانهن ايندو ڏسي اڳتي وڌي آئي هئينءَ. پئي ماڻ ماڻ، وک وک، سيڪنڊ فلور جي اڪيلي ڪنڊ ۾ اچي ويا هئاسون. تنهنجن گهرن نيٽن ۾ تڪڙ لڳو هئس ته چيو هيئي:

'ائين نه ڏسندو ڪر: محسوس ٿيندو آهي جڙ تنهنجون اکيون مون کان ڪجهه گهرنديون هجن.'

نگاهون تنهنجن نيٽن تان هٽائي آڪاس ۾ ترندڙ اڪيلي ڪڪريءَ مٿان کپائي ڇڏيون هئم. آڪاس ۾ تکيندي چيو هيئي:

'ڪيتري نه اڪيلي آهي.....؟'

توڙانهن ڏٺو هئم. چيو هيئي:

'مٽي هلون.....؟'

فيڪلٽيءَ جون ڏاڪڻيون چڙهندا، قبي مان ٽيندا، چت مٿان اچي ويا هئاسون. سيئي مٿاهيون هيٺاهيون بڻجي ويون هيون. آسمان ۾ ڏٺو هئم: ڪڪري هوريان هوريان هڪ وڏي ڪڪر سان ٻکين پئجي رهي هئي. تو پهريان ڪڪريءَ ۽ ڪڪر ڏانهن ڏٺو هو. پوءِ اک ٽيٽ ڪري مون ڏانهن: مرڪ ٻنهي جي چپن مٿان ڦهلجي وئي هئي.

ملڻ لڳا هئاسين.

پهرين فيڪلٽيءَ جي ڪاريدور ۾. پوءِ فيڪلٽيءَ جي پارڪ ۾. ۽

پوءِ يونيورسٽيءَ جي اڪيلن روڊن مٿان. هڪ پيرَي مان، تون ۽ شبنم سينٽرل لائبريريءَ جي ٽلهن کي ٽيڪ لڳائي ايندڙ ويندڙ نون آيل چوڪرن جي وائڙائپ مٿان کلي رهيا هئاسون تہ فيڪلٽي ۽ لائبريريءَ جي وچ واري روڊ مٿان. هڪ لائيٽ رنگ جي ڪار موڙ ڪٽي. فيڪلٽيءَ ڏانهن وڌڻ لڳي هئي، سلو اسپيڊ ۾. مون ڏٺو هو تنهنجين اکين ۾ ڪي رنگ لهي آيا هئا. ۽ شبنم جي چهري تي بہ. تو چيو هو:

'ڏس اُهائي آهي نہ.....؟'

'رنگ تہ اهوئي آهي.'

'ها، اهائي آهي.'

ڪنهن، ڪار جي سائيڊ وارو شيشو لاهي توڏانهن ڏٺو هو. پوءِ ڪار ٻيو موڙ ڪٽي فيڪلٽيءَ جي ڪينٽين سامهون بيهي رهي هئي؛ ڪار مان ڪوئي لٽو هو ۽ پارڪ جي آڏ واري سيمنٽيڊ گرل تي وڃي ويهي رهيو هو. تڪڙ ۾ اٿي بيهي رهي هئينءَ. پنهنجو بلو جينز وارو پرس ڪلهي مٿان سَٽي، وڃڻ لڳي هئينءَ.

'ڪيڏانهن.....؟'

'باءِ، سپائي ملنداسين.'

'پر ڇو.....!؟'

'ان لاءِ جو هو ڪار وارو منهنجو ڪزن آهي ۽ مون کي وٺڻ آيو آهي؛ خبر ناهي ڇا ڳالهہ آهي.... ۽ تون مهرباني ڪري منهنجي پرس مان هٽ ڪڍي ڇڏ تہ ڪٽي منهنجي يونيورسٽي نہ وڃائين.'

نہ چاهيندي بہ پرس مان هٽ ڪڍي ڇڏيا هئم. تون ڪاڻا ٽيل لغڙ جيان لڏندي لمندي هلي وئي هئينءَ. هو گرل تان لٽو هو؛ تون ڪار ۾ ويهي رهي هئينءَ. ڪار ٽرن ڪٽي منهنجي آڏو پوري اسپيڊ سان ڦيٽن مان چرڙاٽ ڪڍائي گم ٿي وئي هئي. شبنم مون ڏانهن ڏٺو هو. سندس چهري تي مون لاءِ همدرديءَ جا ڀاوَ پگهر جي ڦڙن جيان جرڪي پيا هئا.

تون پوليٽيڪل سائنس جي سيمينار ۾ پنهنجي فرينڊس سان ويني هئينءَ. مون کي اکين سان پاڻ ڏانهن سڏيو هيئي. ڪيتري دير مون کي

لنوائي پنهنجين فريندس سان گالهائيندي رهي هئيءَ. بور ٿيندو رهيو هئس. توهان سپ سيمينار مان نڪري باهر اچي ويون هيون: مون کي ڪولر وٽ ڇڏيندي چيو هيئي:

'هڪ منٽ مان اچان ٿي.'

نہ چاڻ ڪيترا منٽ تنهنجو انتظار ڪندو رهيو هئس. تون نہ آئي هئينءَ. ان ڏينهن پنهنجي نہ هڻڻ جو احساس شدت سان ٿيو هئم. ۽ مان هلندو نہ رڙهندو. انگلش ڊپارٽمينٽ وٽ پهتو هئس: ڪنهن نئين چوڪري سان ٽلهہ کي ٽيڪ ڏئي ڪمپني ڪري رهي هئيءَ. منهنجي اندر ۾ڻ ڊي ڊي ٽي هارجي وئي هئي. اجنبين جيان اڳتي هليو ويو هئس. پٽيان سڏ ڪيو هيئي پر مان هلندو ئي ويو هئس.

ان رات انهيءَ چوڪري کي گولينڈو سنڈس روم تائين پهتو هئس. منهنجي حالت ڏسي سمجهي ويو هئو. چيو هيائين:

'تون تمام سٺو آهين.'

مئل آواز ۾ چيو هيومانس:

'مون کي سنجهان سان محبت آهي.'

'ڪي ٽي پئي هن وقت بہ.'

'مان هن کي وجائڻ نہ ٿو چاهيان.'

'سٺي گالهہ آهي مان تہ اهو بہ چاهيان ٿو. تون هن کي انهن چورين جي دائري مان ڪڍي آءِ جيڪي دراصل هن جون دوست ناهن. هو سپ ڪرپٽ آهن؛ ۽ سنجها بيحد سٺي آهي.'

ماڻ ٽي ويو هئم. هن چيو هو:

'پهريون پيرو ڪنهن چوڪريءَ سان يونيورسٽيءَ ۾ ملي پيڻ هڻڻ جو احساس ٿيو آهي. مان بہ تنهنجي مدد ڪندس.'

ان وقت اهو چوڪرو. گلوڪوز جو پريل گلاس لڳو هئم.

پي ڏينهن پوليٽيڪل سائنس جي ڪنڊ وٽ ملي هئينءَ: اڳين ڏينهن کان وڌيڪ سهڻي ٽي پئي هئينءَ. پئي وک وک هلندا آرٽس فيڪلٽيءَ جي گيمس لاءِ باهران بٽيل 'ونگ' کي ٽيڪ ڏئي ويهي رهيا هئاسين. ان ڏينهن

اسان ٻنهين، خدا تي ڏگهو بحث ڪيو هو. تنهنجي گلي ۾ الله لکيل لاکيٽ پيل هو ۽ منهنجي گلي ۾ صليب. منهنجي هر ڳالهه کي رد ڪندي آخر ۾ عام لهجي ۾ چيو هيئي:

'مون وٽ نه ايندو ڪر، ٽيون ڏينهن منهنجي ڪزن مون کي ڏڪا ڏنا هئا.'

اندر ئي اندر ڪنهن اونهين ڪاهيءَ ۾ ڪرندو ويو هئس. ويندي ويندي پينٽ جي پئچ پيڪٽ مان تو لاءِ آندل سوپاريون ۽ ڪٽمٽا توڏانهن وڌائيندي چيو هئم:

'ڪنهنجي ڇڏي وڃڻ سان ڪوئي مري ناهي ويندو، پر وسارڻ لاءِ کي ڏينهن، کي مهينا، کي سال، عذاب پوڳٽو پوندو آهي.'

وک وک هليو ويو هئس جڏ هر وڪ ڏهندو ويو هئس. سڀ رستا اجنبي ٻڌجي ويا هئا.

رات جو ڪنهن دوست پڇيو هو:

'سنجها کي وسارڻ ۾ ڪيترا ڏينهن لڳندئي.....؟'

'صديون؟'

'هڻ؟ تو جهڙو بولڊ ماڻهو به ايترا ڏينهن لڳائيندو. هڪ 'آردنري' چوڪريءَ کي وسارڻ ۾.....!!!؟' ان مهل مون کي پنهنجو دوست ڏاڍو 'آردنري' لڳو هو. کلي پيو هئس. کلي پيو هئس الائجي روئي پيو هئس پر مون کي جيسين ياد آهي اهو آواز کلڻ جو ئي هو.

ٻيهر پنهنجي ڏنڊي سان لڳي ويو هئس.

هر وقت گلي ۾ ڪيمرا لڙڪائي، شهر ۾ ٽيندڙ حادثن پٽيان ڊوڙندي سوچيندو رهندو هئس، ڪا اهڙي ڪيمرا به هجي ها، جيڪا اندر ۾ ٽيندڙ حادثن جا به فوٽو ڪڍي سگهي ها. ۽ آڻون پنهنجي اندر ۾ ٽي پيل اڪٽ حادثن جي فوٽوگرافز جي نمائش ڪرايان ها ڪنهن چوڪ مٽان. شام جو هڪ لاوارث لاش جو فوٽو ڪڍي، جيڪو سول هاسپيٽل جي ڪولڊ اسٽوريج ۾ فرش تي پيل هو. گهر ويو هئم ته نصير ٻڌايو هو:

'هن تنهنجو پڇيو پئي؛ ڪجهہ پريشان ٻہ هئي.'

سوچيو هئم تون تہ پن جملن ۾ سڀ رشتا ناتا ٽوڙي منهن موڙي فيڪلٽيءَ جي ڪاريدور ۾ غائب ٿي وئي هئينءَ؛ پوءِ ڪنهن اجنبيءَ جي پڇا ڇا لاءِ.....؟

منجهند جو وريم پئي تہ شبنم سان گڏ توڪي پاڻ ڏانهن ايندي ڏٺو هئم. چاهيو هئم لنوائي هليو وڃان؛ پر ائين ڪري نہ سگهيو هئس ۽ تون ڪنهن رومانٽڪ فلم جي 'ڪٽ ٽو ڪٽ' سين جيان پهرين پيرن تائين، پوءِ چاتين تائين، پوءِ ڪلهن تائين، چهري تائين، ۽ آخر ۾ سڄي اسڪرين تي ڪائنات مٽان تنهنجن اداس نيٽن جو 'تائيٽ ڪلوز' ڦهلجي ويو هو. جنهن ۾ اڌامي رهي هئي هر طرف وڇوڙي جي واري. دل چاهيو توڪي ڳرائڙي پائي 'ڪِس' ڪرڻ لاءِ نرڙ تي، اکين تي، ڳلن تي، نڪ ۽ چپن تي. پنهنجن سمورن جذبن مٽان لٽ رکي چڏي هئم. شبنم چيو هو:

'هن سان ملو هن کي چوندا آهن سنجها.'

'ها آ... ...'

پنهنجي 'ها آ' شام جي اداس پاڇن ۾ گم ٿيندڙ ڪو ڪٽيچي لڳو هو. رهجي وئي هئي جنهن جي رڙ 'ها آ'. تو چيو هو:

'سپاٽي ايندين.....؟'

'تون چاهين تہ.'

'مان چاهيان ٿي.'

'ايندس.'

'نہ چاهيان تہ....؟'

'نہ ايندس.'

'ڇو؟'

'تنهنجو چاهڻ، مون لاءِ سڀ ڪجهہ آ. مان چاهيان ٿو تنهنجي چاهڻ سان اهو سڀ ڪجهہ ٿي وڃي جيڪو تون چاهين ٿي ۽ اهو سڀ ٿيندي رهجي وڃي جيڪو تون نہ ٿي چاهين.'

تنهنجي چوڪير پيل ڪرسين مان هڪ تي ويهي رهيو هئس. تون

ڪلاس جي ڊگهين درين جي رنگ لڳل شيشن ۾ گهوري رهي هئينءَ. محسوس ٿيو هئم جڙ تون درين جي ٻئي پار ڏسڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئينءَ، وڃايل آواز ۾ پڇيو هيئي:

'مان جيڪا اندران آهيان؛ باهران چو نہ آهيان....'

'اسان جيڪڏهن پنهنجا اندر پنهنجي باهران مڙهي هلون نہ. تہ هڪ وک بہ نہ هلي سگهون.'

'ها نہ.....؟'

هڪدم چيو هيئي. پر آئون ڪجهہ بہ چئي نہ سگهيو هئم: گهٽو ڪجهہ چوڻ چاهيندي ہو.

'تون مون وٽ روز ايندين....؟'

'جيڪڏهن تون چاهين تہ.....؟'

'هاڻ شايد مان روز چاهيندوس. سپاٽي ايندين؟'

'ها.'

'مون کي ويساهہ نہ ٿو اچي.'

'توکي مون تي ويساهہ رکڻ گهرجي.'

'ها. سپاٽي ضرور اچجانءِ ــ مان گهران نيل ڪٽر ڪٽي ايندوس: تنهنجا ننهن ڏاڍا وڏا ٿي ويا آهن.'

چيو هئم:

'نفسيات دانن جو چوڻ آهي. جن ماڻهن جا ننهن گهٽو ڪري وڏا هوندا آهن سي سڏائين تصور جي دنيا ۾ گهمندا رهندا آهن.'

ڪوبہ جواب نہ ڏنو هيئي: خاموشيءَ سان منهنجي شرٽ جو مٿيون بٽڻ بند ڪري چڏيو هيئي جيڪو مان نديڻ کان بند ڪرڻ وساري چڏيندو هئس.

ڊپارٽمينٽ پابندي سان نہ وڃڻ سبب ڪجهہ ٽيسٽون رهجي ويون هيون. هونءَ بہ انٽر جي هڪ سبجيڪٽ ۾ رهجي ويو هئس. جنهن جو فارم تہ پري چڏيو هئم پر جنهن ڏينهن 'سپلي' ڏيڻي هئم ان صبح جو هلڪي ڦڙ ڦڙ پئجي رهي هئي. چاهيندي بہ امتحان ڏيڻ لاءِ مود ناهي نہ سگهيو

هئس. پينٽ جي پئچ پيڪٽ ۾ سلپ وساري تو وٽ هليو آيو هئس. ان ڏينهن علامہ آءِ آءِ قاضيءَ جي مزار تي مون ڏانهن ڏسندي چيو هيئي:

'مون کي مڃن وارا چوڪرا ڏاڍا زبردست لڳندا آهن.' ۽ منهنجي نڪ ۽ چپن واري خالي حصي کي ڏسڻ لڳي هئينءَ. ڪجهہ ئي ڏينهن ۾ منهنجا چپ نيور ڪارين مڃن ۾ وڃائجي ويا هئا. پهريون پيرو شدت سان احساس ٿيو هئم تہ وڌين مڃن سان تہ ماڻهو پنهنجي ڪوڙي ڪل ۽ ڏاڍي آرام سان لڪائي سگهي ٿو. ۽ پوءِ مان پاڻ کي وڻڻ لڳو هئس.

انهن ايترن ڏينهن ۾ تنهنجو ڪوبہ ادا، مون سان نہ ٽڪرايو هئو. هُو بہ نہ جنهن کي مان ٽيلي استار سڏيندو هئس. جيڪو توکي ويجهو هو؛ ۽ جنهن کي وڌو اعتراض هو تہ مان وچ ڪاريدور ۾ تنهنجو هٿ چو چميو هو.

هڪ پيري سنڌالاجيءَ ٻاهران سرينهن جي وڻ هيٺيان منهنجي پر ۾ ويهي ڏرتيءَ تان ننڍڙيون پٽريون ميڙي رهي هئينءَ، تہ مون پڇيو هئو:

'ٻڌ: تنهنجو اهو ادا ڪٽي آهي؟ جنهن کي اعتراض هو تہ مون سين آڏو تنهنجو هٿ چو چميو....! ۽ جنهن مون کي بي انتها مار ڏيڻ ٿي چاهي ۽ جنهن مون کي گاريون بہ بڪيون هيون؟'

چيو هيئي ڏاڍي ڏکار مان:

'ڇڏينس؛ ڏند ۾ هٽينس. هن کي مون کان وڌيڪ جي ڳولا آهي.'

کن رکي ڏرتيءَ تان هڪ گول تراکڙو پٽر کڻي منهنجي تريءَ تي رکندي پڇيو هيئي:

'تون مونسان مٹريج ڪندين....؟'

مون پنهنجي تريءَ مٿان رکيل تراکڙي پٽر کي ڏسندي پڇيو هو:

'هي ڇا آهي....؟'

'ماني' پل کن ماڻ رهي وري پڇيئي:

'تون مون سان مٹريج ڪندين....؟'

'ها.'

تون وائڙي ٿي وئي هئينءَ. شايد مون مان اها اميد نہ هئي.

رات جو ڊائري ۾ لکيو هئم ــ اسان سڀ سفر ڪري رهيا آهيون ۽ ايندڙ ڪنهن اسٽاپ تي مرڪ جا گل ۽ باءِ جو آٽوگراف ڏئي جدا ٿي ويندا سين.

مون کي سُڌ آهي ته هوءَ جا اڇلهه مون کي چاهڻ لڳي آهي ۽ منهنجي هر ڏک ۾ شيئر ڪري ٿي؛ جيڪا منهنجي شرٽ جا اهي بٽڻ جيڪي نديڻ کان بند ڪرڻ وساري چڏيندو هئس پنهنجن هٿن سان بند ڪرڻ لڳي آهي؛ هلندي هلندي ڪنهن به ايندڙ پل ۾ منهنجي هٿ مان هٽ چڏائي؛ مرڪ جا گل ۽ باءِ جو آٽوگراف ڏئي هلي ويندي ۽ مان سندس پيرن ۾ پاتل نفيس سينڈل جي 'پينسل هيل' جا آواز پاڻ کان ڏور ويندي ٻڌندو رهندس.

علامہ آءِ آءِ قاضيءَ جي مزار تي ڏاڍيون گهريون ڳالهيون ڪيون هيئي. منهنجي ڪاپي پاسي ويٺل هئينءَ؛ ايترو ويجهو جو مون کي محسوس ٿيو هو جڏ منهنجي ڪاپي ڪک سوني ٿي وئي هجي. ڏاڍو هوريان پئي ڳالهايئي جڏ تون منهنجي پر ۾ نه منهنجي قبر جي ڪتبي جي پر ۾ ويٺل هجين. تنهنجا نيٺ ساروڻيون بڇجي پيا هئا. نيٺ نه هئا جڏ سرينهن جي تاري ۾ اٽڪيل به جهنجڻيون هيون. جيڪي ڪنهن به گهڙيءَ هوا جي زور تي ساروڻين جي ياد تي ڪِري به سگهيون ٿي. ڪِري اڏامي به سگهيون ٿي ڪنهن به ڏسا ڏانهن، چئن ڏسائن مان. چيو هيئي:

'نه مان توسان مئريج نه ڪندوس؛ توسان مئريج ڪري پنهنجا سڀ در بند ڪرائڻ نه ٿي چاهيان. مان اهي در بند ٿيندي ڏسي نه سگهندوس.'

پر نه جاڻ چو..... انهن مڙني دروازن کي پنهنجن هٿن سان هوريان هوريان بند ڪري چڏيو هيئي ۽ تنهنجو سمورو خوف سپر هاءِ وي تان ويندڙ، 'اين ـ ايل ـ سي' جي ٽرڪ هيٺيان اچي مري ويو هو. مري ويو هو! مري ويو هو الائجي بيهوش ٿي ويو هو.....؟ ان منجهند جو قاضيءَ جي ٽيلهي کي ٽيڪ ڏئي تو چين ۾ پٽڪيو هو.

'اڄ صبح، يونيورسٽي ايندي مون هن کي ڏٺو هو بس جي دريءَ مان. ڏسندي ئي پانيو هوم، جڏ سڀ ڪجهه پٺتي رهجي ويو هجي. هن

سان گڏ. دل چاهيو هو هلندڙ بس جي دريءَ مان ٽپو ڏئي ڇڏيان.'

چپ چپ روئڻ لڳي هئينءَ. رات جي پوئين پهر ۾ سانيتڪي وهندڙ نديءَ جيان. مون کي ڏاڍي ريس آئي هئي ان مٽان جنهن کي تو ايڏو چاهيو هو. سوچيو هئم ــ ڪڏهن جيڪر هو ملي ويو مون کي ته مان هن جا اهي چپ ضرور چمندس، جن سان هن پهريون پيرو تنهنجن ڪنوارن چپن کي 'ڪِس' ڪئي هئي.

ساڳي تاريخ تي، تو پنهنجا چپ منهنجي ڀائريءَ مٽان اتاري ڇڏيا هئا. اڄ به انهيءَ پني مٽان تنهنجي لپسٽڪ جي سرهاڻ ۽ شفق رنگ چپ سٽل آهن. تنهنجي اڌ ڪليل چپن هيٺيان سائي مس پريل پين سان لکي ڇڏيا هئم. 'امداد' جي ترائيل جا بند:

وري ملون نہ ملون، زندگي رهي نہ رهي
الائي ڪهڙي خبر دوستي رهي نہ رهي.
چپن کي ٽورڙو ويجهو ڪري ڏسي ته وٺون
اکين ۾ پوءِ اها روشني رهي نہ رهي.

ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ ــ

قاضيءَ جي مزار تان تقريباً ٽين وڳي اٽي. سنڌالاجيءَ ڏانهن ويندڙ روڊ تي پهتا هئاسون؛ مون کي الائجي چا سجهيو هو. جهٽ ڏئي توکي پانهن ۾ ڪٽي ورتو هئم. رڙيون نڪري ويون هيئي. ان مهل تون خوف ۾ ويڙهجي وئي هئينءَ جڏهن ڊوڙڻ لڳو هئس. انهيءَ ڦٽڪ ڦٽڪان ۾ منهنجن هٿن جي پڪڙ مان تون ڪسڪي وئي هئينءَ ۽ تون هٿن ۾ روڊ مٽان ڪِري پئي هئينءَ. جڏهن اٽي هئينءَ ته ساڄي هٿ جون به آڱريون رهڙيل هيئي. ان وقت منجهند جا سوا ٽي ٽيا هئا. هن مهل رات جا چار ٽي رهيا آهن. انهيءَ وچ واري عرصي ۾ الائجي ڪيترا پيرا منهنجا هٿ تنهنجي سرير تان ڪسڪي ويا آهن. انهيءَ وچ واري عرصي ۾، مون ڏاڍو پوڳيو آهي؛ پوڳيان پيو. بلڪل ائين جيئن، زبردست برسات کان پوءِ نہ جاڻ ڪيتري دير شهر جون ديوارون روئندیون آهن. ڦڙي ڦڙي، ڦڙي ڦڙي.

تو وٽ روز اچڻ ڪري ۽ تنهنجي پرپور موٽ سبب، مون ڏٺو هو ته تنهنجا سپ 'ادا' توکي هڪ هڪ ڪري ڇڏي ويا هئا، ٽيلي استار به. هو

سپ مون تي جک کائڻ لڳا هئا. هن اسان جي چرپر تي نظر رکڻ لاءِ فيکلٽيءَ ۾ چولا وڪٽندڙ چوڪري کي چڏي ڏنو هو. ان ڳالهه جي سُڌ اسان ٻنهي کي هئي؛ ۽ پرواهه اسان ٻنهي کي نه. ــ توکي ياد هوندو 23 مارچ 1980ع تي موڪل هئي. ۽ چوويهينءَ تي تنهنجي ٽيسٽ. ان صبح جو مون کي هڪ ڊاڪٽر دوست ملي ويو هو، جنهن مون کي ڪينسر جي باري ۾ پوائٽيون ڳالهيون ٻڌايون هيون. ننهن کان چوٽيءَ تائين ڏپ جي ڪنڊ تارن ۾ ويڙهجي ويو هئس. تنهنجي ڪلاس جي ڪليل در وٽ اچي توکي ڏسڻ لڳو هئس. تون لکڻ ۾ محو هئينءَ. پانيو هئم. تون 'ماس ڪميونيڪيشن' جي ٽيسٽ نه، پر پنهنجي آخري وصيت لکي رهي هئينءَ.

منجهند جو مون کي ڪلاس ۾ اڪيلو چڏي وڃڻ لڳي هئينءَ، جيڪو مون نه ٿي چاهيو. ان وقت پاڻ کي به ڪلاس ۾ پيل ڪرسين جيان لڳو هئس، جنهن تان تون اٿي وڃڻ لڳي هئينءَ. ان وقت تائين تون مون کي ڪرسي ئي سمجهندي رهي هئينءَ شايد.

مون توکي ان پل به نه روڪيو هو. سڌ هئم ته تون منهنجي روڪڻ سان ڪڌهن نه رڪندينءَ. (ضد تنهنجي وجود جو حصو هو.) توسان گذاريل هر ڏينهن مون کي آخري لڳندو هو. ويندي ويندي منهنجي ڳل تي هلکي 'ڪس' ڪري وئي هئينءَ. ۽ مان ٽيبل مٿان رکيل هٿن ۾ پنهنجو منهن لڪائي، تنهنجي 'پينسل هيل' جا آواز پري ويندي ٻڌندو رهيو هئس. ڪجهه دير کان پوءِ تنهنجي نفيس سينڈل جا آواز، پاڻ ڏانهن ايندي محسوس ٿيا هئا. لڳو هئم، تنهنجي وڃڻ کان پوءِ ڪاريڊور ۾ تنهنجي سينڈل جا رهجي ويل پڙاڏا آهن؛ جيڪي اچي رهيا هئا/ اچي رهيا آهن. مان هميشه پنهنجي دل جو ڏڪو تنهنجي 'پينسل هيل' مان ايندي ٻڌندو هئس ۽ تنهنجي وڃڻ کان پوءِ پنهنجي دل بيهجندي محسوس ڪندو هئس. جڙ مرڻ لڳندو هئس.

تون واپس اچي ويئي هيئن تنهنجن نيٽن ۾ ايلاز' سمايل هو.

'ڏس مان موٽي آئي آهيان... سوچيم متان تون ناراض ٿي وڃين.'

'نه؛ تون هلي وڃ نه....؟'

پانهن مان منهن ڪڍي چيو هئم. ۽ سوچيو هئم هونئين هڪ نه

هڪ ڏينهن تون بہ اڪيلو چڏي هلي ويندينءَ. محبتن جي معاملن ۾ منهنجي حيثيت سدائين سرحدون پار ڪرائڻ وارن جهڙي رهي آهي. مان ڪيڏانهن ويندس.....؟؟ تون تہ انهن مان هئينءَ جيڪي محبتن جون سرحدون پار ڪندا هليا ويندا آهن. اڳتي گهٽو اڳتي: ان کان بہ ء ان کان بہ..... تو جڏهن بہ چاهيو هو سپر هاءِ وي جي فوٽ پاٽ تي بيهي آگوسي جي هلڪي اشاري سان ڪيترين ڪارن کان لفٽ ورتي هيئي. جڏهن بہ ڪار ۾ چڙهي هئينءَ منهن ورائي مون ڏانهن نهارڻ ضروري نہ سمجهيو هيئي. ء ڪار منهنجين اکين کان ائين ٽپڪي ۾ ڦري ويندي هئي. جيئن ان مهل منهنجي حيثيت تنهنجي آڏو ٽپڪو بڻجي ويندي هئي. ان وقت بہ شايد توکي خبر نہ هئي. تہ سموري ڪائنات جو وجود ٽپڪي تي بيئل آهي. توکي تہ اها سڌ بہ نہ پئجي سگهي هئي تہ ڪنهن دؤر ۾ هيءَ ڪائنات پاڻ هڪ ٽپڪو هئي ء مان تولاءِ ٽپڪو هوندي بہ ڪائنات هوندو هئس. اڄ مان ڪائنات هوندي بہ ٽپڪو بڻجي ويو آهيان. اهڙو ٽپڪو جيڪو پُولارن ۾ گم ٿي رهيو آهي.

ڪار تنهنجي ڪمزوري هوندي هئي. تون هميشہ ڪار جي ماڊلز تي ڊفينس سوسائٽي جي بنگلن تي ء نٽهڻ اس ۾ ڪڙي تائين پگهر ۾ ٻڏل هوندي بہ ايئرڪنڊيشنڊ ڪمرن ۾. فوم جي گاديلن تي چاتين پَر ليٽي. 'رموور' سان پنهنجن ننهن تان پراڻي نيل پالش لاهيندڙ چوڪرين جي باري ۾ ڏاڍو ڳالهائيندي هئينءَ. ان وقت اهي سپ تنهنجا خواب هوندا هئا: رڳو تنهنجا. منهنجا خواب تہ تڏهن بہ سخت گرميءَ ۾ يوڪليپٽس ء سرينهن جي وچ مان ٺهيل پيچري تان وک وک هلندا رهندا هئا. پنهنجي ماڳ ڏانهن. جتي ڪنهن بہ ڪار لاءِ ڪوبہ رودِ نهيل نہ هو.

انهن ئي ڏينهن ۾. اهو ساڳي لائيٽ رنگ واري ڪار وارو تو وٽ آيو هو: جيڪو هڪ پيرو اڳ بہ توکي مون کان جدا ڪري چڪو هو. ان ڏينهن بہ تون مون کي چڏي هلي وئي هئينءَ چو تہ انهن ڏينهن ۾ تنهنجو خواب مان نہ. ڪار هوندي هئي.

گهٽن گهٽن ڏينهن پڇاڻان جڏهن تون مون کي پنهنجين سمورين شدتن سميت چاهڻ لڳي هئينءَ تہ اهو لائيٽ رنگ جي ڪار وارو توکي

وڻ آيو هو پر تو هن کي موٽائي ڇڏيو هو. ۽ يقين ٿي ويو هئم ته مان تنهنجو خواب ٻڌجي ويو آهيان. تو مون کي چيو هو:

'مون کي معاف ڪري ڇڏجانءِ. مان هاڻ توسان ڪوبہ ڪوڙ ڳالهائڻ نہ ٿي چاهيان. هو منهنجو ڪزن ناهي. ڪالج لائيف ۾ جڏهن برقعو پائيندي هئس هو مون کي مليو هو. مون 'جليل' کان سخت چوٽ کاڌي هئي. ان زماني ۾ ڏاڍو پوڳيو هئم. ۽ مون لاءِ سڀ مرد هڪ جهڙا ٿي پيا هئا: منهنجي موالي مامي جي وهائي هيٺيان رکيل چرس منهنجي جيابي جو هلکو ترورو ٻڌجي پيو هو. خبر ٿئي..... مان روز فري پيريڊ ۾: ڪالج جي پٺين پاسي قبرستان ۾ وڃي. چرس جا سگريٽ ناهي پيئندي هوس. آئون ڏاڍو 'ريليڪس' محسوس ڪندي هوس. انهن ئي ڏينهن ۾ هو لائيٽ رنگ جي ڪار وارو منهنجي پٺيان اچڻ لڳو هو. ۽ مان نہ چاهيندي بہ هڪ ڏينهن هن سان ڪار ۾ ويهي رهي هئس. مون کي ڪار جي دريءَ منجهان ڪائنات ڏاڍي سکي ستابي نظر ايندي آهي. هو اڪثر مون کي ڪالج جي گيٽ تي بيئل پٽيوالي هٿان سڏائي ونندو هو. منهنجا هن سال کي وڏا 'سيڪسيوئل' ناتا نہ هئا سواءِ ڪنهن 'ڪول ڪارنر' تي ڪار پارڪ ڪري 'ڪِس' جي. ها مون هن سان شادي ڪرڻ چاهي هئي اها خبر هوندي بہ ته هو زال وارو هو. هو مون سان پنهنجي زال جون ڏاڍيون شڪايتون ڪندو هو. هوءَ سندس مائٽياڻي هئي ۽ 'اسٽيٽس' ۾ شايد هن کان وڌيڪ.'

تنهنجيون ڳالهيون ٻڌڻ کان پوءِ، محسوس ٿيو هئم. تون پاڻ کي مسلسل تباهہ ڪندي آئي هئينءَ. منهنجي چاهنا تولاءِ وڌيڪ گهري ٿي وئي هئي. هونءَ بہ مون کي اداس چوڪريون فوٽ پاٽ تي رديءَ ۾ وڪامجندڙ قيمتي ڪتابن جهڙيون لڳنديون آهن. ـــ پوءِ تنهنجين محبتن جا سمورا رستا مون طرف لڙي آيا هئا. هوريان هوريان ٻئي هڪٻئي جون ضرورتون ٻڌجي پيا هئاسين.

انهن ئي ڏينهن مان هڪ ڏينهن تي، تو منهنجي ڊائري کولي پڙهي هئي. جڏهن 1 اپريل 1980ع واري پيج تي تو پنهنجي 'پينسل هيل' وارو

ذکر پڑهيو هو ته چيو هيئي:

'انهن مان ناهيان جن منجهان سمجهي رهيو آهين. جيڪڏهن تنهنجي شرٽ جو کليل بٽڻ بند ڪري چڏيو اٿم ۽ اڄ جڏهن مان تنهنجي هر ڏک جي پاڻيوار بڻجي چڪي آهيان ته سمجهي چڏ. تنهنجو سفر ختم ٿي چڪو آهي. ۽ مان تنهنجي سفر جي آخري منزل آهيان. هاڻ تون ڪڏهن به منهنجي 'پينسل هيل' جا آواز پاڻ کان پري ٿيندي بڌي نه سگهندين. مان پنهنجون سموريون محبتون تو مٿان گهورڻ چاهيان ٿي.'

ان ڏينهن کان پوءِ 'پينسل هيل' وارو سينڊل هميشه لاءِ لاهي چڏيو هو. محسوس ٿيو هئم. تو پنهنجا سمورا خواب 'ڊسٽبن' ۾ اڇلي. يوڪليپٽس جي ڊگهن وڻن واري رستي مٿان ٽاڪ منجهند جو، منهنجن پنڌ گهمندڙ خوابن وٽ. اگهاڙين پيرين هلي آئي هئينءَ ۽ تنهنجو قد به انچ ننڍي ٿي وڃڻ بدران ڇهه انچ ڊگهو ٿي ويو هو. تو مون کي پاڻ جيتري ئي محسوس ٿي هئينءَ، هر طرح سان.

علامه آءِ آءِ قاضيءَ جي مزار جي پر ۾ بينل سرينهن جي ٽڙ کي ٽيڪ ڏئي. آمهون سامهون بينا هئاسين. تو وڻ جي سامهون ٽهيل ٽلهي تي ويٺي هئينءَ ۽ تنهنجو منهن رودِ طرف هو. مان سرينهن جي ٽڙ کي ٽيڪ ڏئي بينو هئس. منهنجو منهن تو ڏانهن ۽ پٺ رودِ طرف هئي. رودِ ڏانهن ڏسندي چيو هيئي:

'ماڻهو ٽا اچن.'

'گهٽا آهن....؟'

'چار.'

'انهن مان ڪو هڪ 'سليڪٽ' ڪر جيڪو ٻين ٽن کان وڌيڪ سهڻو هجي.'

'ها. جيڪو نيري ڊريس ۾ آهي؛ بيحد سهڻو ٿو لڳي.'

سرينهن جي ٽڙ کي ٽيڪ ڏئي انهن چئن جي اچڻ جو بيچينيءَ سان انتظار ڪرڻ لڳو هوس. نه، شايد رڳو نيري ڊريس واري جو. هن جي پيرن جا ڪڙڪا منهنجي پر مان لنگهي اڳتي وڌيا هٿا ته چيو هيئي:

'ڏس..... جيڪو نيري دريس ۾ آهي، ڪيڏو سهڻو. ڪيڏو نہ سهڻو آهي.....؟'

ڪنهن اڻڄاتل خوف مان، منهن ورائي ڏٺو هئم نيري دريس واري ڏانهن. جيڪو باقي تن ڇڻن جي لوچ ۾ نندڙا پتڪڙا ٽپ ڏيندو وڃي رهيو هو. سمورو خوف هوا ٿي ويو هئم، ۽ مان وڏا وڏا ٿهڪ ڏئي تنهنجي هوندي سوندي سرينهن کي ٻڪ پائي چڏي هئم. ٻارن وانگر پڇيو هيئي:

'ڇا هو سهڻو ناهي.....؟'

'نہ هو بي انتها سهڻو آهي. مون کان بہ؛ توکان بہ. اسان ٻنهي کان.'

'ها. واقعي هو اسان ٻنهين کان وڌيڪ سهڻو آهي. ڇو تہ هو اسان ٻنهين جو حصو آهي. نہ اسان ٻئي هن جو حصو آهيون.... اسان ٽيئي هڪ آهيون. اسان مان ڪوبہ ٻيو ڪونهي؛ ڪوبہ ٽيون ڪونهي..... اسان ٻئي 'هو' آهي. توهان ٻئي، مان آهيان. هو ۽ مان، تون آهين.'

تنهنجو هٿ منهنجي سرير تي گسڪڻ لڳو هو. پانيو هئم ڇڻ مان تو ڏانهن گسڪڻ لڳو هوس. ان وقت تون مون کي هڪ ڊگهي گسڪڻ لڳي هئينءَ جنهن جي لسي حصي تان منهنجا ٻئي پير کسڪي ويا هئا. مان پوري رفتار سان ترڪندو تنهنجي نرڙ، نيٽن، ڳلن، ۽ ڳچيءَ کان ٽيندو چپن تائين پهچي ويو هئس؛ جيڪي اڻ لکا ٽڙڪي رهيا هئا. اکيون ٻوٽجي ويون هئم. پهرين ٻنهنجا چپ، پوءِ سمورو وجود وساري ويٺو هئس. پانيو هئم ڇڻ سنڊو جي وچ ۾ ترندڙ ٻيڙيءَ مٿان اوندين منهن ستو پيو هوس. منهنجا چپ ٻيڙيءَ جي پيٽ تي ڇهٽيل هئا؛ لهر لهر جهومڻ لڳو هوس؛ اکيلو مان نہ. ٻيڙي بہ. پر ٻيڙي بہ غائب ٿي وئي هئي؛ ٻئي لهرن مٿان ٻڏي وڃڻ جي ٻوءَ کان هڪٻئي سان ڇهڻي پيا هئاسون. لهرون هيون جيڪي اسان کي لوڏي رهيون هيون؛ هيٺ مٽي. ساڄي کاپي. کاپي ساڄي. ان ڏينهن اسان جي هٿ ترين ۾ اکيون ڦٽي پيون هيون. جيڪي اڪثر محبت جي شدت پيدا ڪري وٺندي آهي ۽ هٿ جسم جي سڀني ڳلين جو سير ڪرڻ لڳندا آهن.

سخت جهڙ هو. اسان ٻيئي آرٽس فيڪلٽيءَ جي پٽين پهاڙيءَ تي پير

لڙڪائي وينا هئاسون. هلڪي ڦڙ ڦڙ ۾ پئجي رهي هئي. مون آسمان تي هڪبئي مٿان سٽيل ڪرن ڏانهن ڏسندي چيو هو:

'آسمان بيروت بڻجي ويو آهي.'

ڇڙ رات جي ڪنهن پهر آسمان کي باهه لڳي. وسامي چڪي هئي. صبح جو رهجي ويو هو نپور کارو دونهون: هڪبئي مٿان سٽيل. دونهون جيڪو ڊوڙي رهيو هو اتر کان ڏکڻ ڏسا. جڏهن مان آسمان ڏانهن نهاريو هو، اکٽ ڦڙيون منهنجين پنبڻين تي ڪريون هيون. ۽ ڪيتريون ڳالهائڻ سبب وات جي ڪاهيءَ ۾ وڃائجي ويون هيون. ان مهل مان پنهنجو ڪليل وات پنهنجين اکين سان ڏٺو هو. بي انتها گهرو، اونهون. ڦڙيون آسمان تان ٽٽي پنهنجي وات تائين ايندي ڏنيون هئم. ۽ وات جي اونهي ڪاهي ۾ ڪرندي ب. پوءِ رڳو رهجي ويا هٿا پڙاڏا سندن سنهين چيخن جا: منهنجن ڪنن ۾.

'هلون.....'

'ڪيڏانهن.....؟'

ڪنڌ ڪٽي ڏٺو هيئي: تنهنجن نيٽن ۾ اندلڪ جا ست ئي رنگ اوچتو ئي اوچتو هڪ رنگ ۾ گم ٿي ويا هئا: ڳاڙهي. ريٽي ڳاڙهي رنگ ۾. ڳاڙهاڻ جيڪا تنهنجن نيٽن مان اڏري سڄي ڪائنات تي ڦهلجي وئي هئي. ٻئي هٿن ۾ هٿ ڦاسائي. ننڍين وڏن پٽرن تي پب ڪپائي ساڄي ٻيلنس ڪندا پهاڙيءَ کان هيٺ لهي پيا هئاسون. تنهنجو هٿ منهنجي چيلهه تي ۽ منهنجو هٿ تنهنجي ڪ ۾ سري ويو هو. هلڻ لڳا هئاسين اوپر طرف. اهو پيچرو ان وقت تولاءِ پلي نئون هجي پر مون لاءِ سترنهن سال پراڻو هو. جيڪو هن وقت تولاءِ ب پراڻو ٿي چڪو آهي. هلندي اسان جون زبانون ماٺ هيون پر اسان جا هٿ مسلسل ڳالهائي رهيا هئا. پنيون لتاڙيندا، سرينهن ۽ يوڪلپٽس جي سرهاڻ پريل ڏگهن وٽن جي وچ مان هلندا، روڊ، پيچرا ۽ ڳليون لتاڙيندا رهيا هئاسون. آڪاس تي گهاٽو ڪارو دونهون ڏکڻ ڏسا ڏانهن مسلسل ڊوڙي رهيو هو. ڦڙيون اسان جي پنبڻين، ڳلن، چپن ۽ ڳچين تي لڳي ڪتڪايون ڪري ڪنهن طرف وڻي وڃي رهيون هيون.

پهچي ويا هئاسون جتي اسان کي پهچڻ ڪيندو هو. منهنجو آگوٺو ۽ ڏسٽي. پاڻ ۾ ملي ڪاپي ڪان ساڃي اڌ گول ۾ ڦري ويون هيون. آواز آيو هو: 'ٽڙڪ' تالو منهنجي هٺ ۾ هو ۽ ڪنديِ تو ڪولي چڏي هئي. اندر اچي ويا هئاسون. سمورا آواز باهر رهجي ويا هئا. منهنجا چپ تنهنجي ڪن جي پاڙيءَ هيٺيان رڙهي آيا هئا: نيٺ منهنجي چهري تان ترڪي آگرين ۾ اچي ويا هئا. صوفا تان گسڪي، گلم تي وڃائجي ويا هئاسون. تنهنجو ڪاپو هٺ ڪياڙيءَ ڏانهن ڪڃي ويو هو: آواز آيو هو 'زززپ.' هوا تيز گهلي هئي. دريءَ جو تاڪ ٽڙڪي سان ڪلي بند ٿي ويو هو ۽ دريءَ مٿان لڙڪيل ريشمي پردو جهٽڪي سان ڏوري مان نڪري هوا ۾ اڏامي گلم ٿي ڦهلجي ويو هو. ۽ سڀ ڪجهه 'ا' ٿي ويو هو. تون گلم تي اوپر ڪان اولهه طرف ڪسڪڻ لڳي هئيءَ هوريان هوريان جيئن دريا ۾ ڪا لهر. هوا جي زور تي هڪ ڪناري ڪان پي ڪناري ڏانهن سفر ڪرڻ لڳي. پهريان هڪ لهر، پوءِ هڪ ٻئي پٺيان ڪيترين ئي. ڪي ڪناري تائين ته ڪي اڌ ۾ رهجي ويل. درين جي شيشن تي مينهن پوڻ جي رفتار تيز ٿي وئي هئي. پهريان ڪجهه ڪجهه، پوءِ ڪجهه وڌيڪ ۽ پوءِ ان ڪان به وڌيڪ برسات جي ڦڙين جو آواز ملي هڪ ٿي ويو هو. شيشا سيئي پاڻي ٿي ويا هئا. هلڪي ٿڌ هوندي به تنهنجو چهرو ٿاڪ منجهند جو ٽغاريون ڏوئيندڙ ڪولهڙ جي چهري جيان، پگهرجي ويو هو. تنهنجيون پنڀٽيون، پوپٽ جي پرن جيان ڦڙڪي ويون هيون ۽ چپ به. ۽ منهنجي اندران ڪجهه واڇوڙي جهڙو ڦيريون ڪائي اڏري ويو هو. ۽ مون کي محسوس ٿيو هو جڏ ڏرتي مٿي ڪجي وئي هئي يا شايد آسمان هيٺ لهي آيو هو. تنهنجا هٺ منهنجي سرير تان ريڙهيون پائي گلم تي پئجي رهيا هئا.

باهر نڪتا هئاسون. ڪڪرن جو دونهون ڦٽي چڪو هو. آڪاس ڪٽان هلڪو نيرو. ڪٽان گهرو نيرو ظاهر ٿي پيو هو. ڏرتيءَ تي نالا ناهي وهندڙ پاڻيءَ ۾. آڪاس پنهنجي ان وقت نظر ايندڙ سمورن رنگن سميت مرڪي رهيو هو. اسان ان پاڻيءَ ۽ آڪاس مٽان. هٿن ۾ هٺ ڏئي خالي ٿي ويل ڪڪرن جيان اڏري پيا هئاسون. ڪيڏا نه هلڪا ٿي پيا هئاسون.

تنهنجا ڪيترائي روپ ٽي پيا هئا. ڪڏهن لهرون ڪڏهن گسڪڻ. ته ڪڏهن لهرن مٿان لڏندڙ ٻيڙي. ڦهلجي ويا هئاسون سڄي يونيورسٽيءَ مٿان. پهاڙين جي گهٽين کان ونڊي ديوين جي ننڍڙن جهنگلن تائين. يا شايد سيئي گهٽ ۽ ديوين جا ننڍڙا جهنگل اسان جي اندر ڦهلجي ويا هئا.

هوريان هوريان تون پنهنجي پرائمريءَ جي انهن سمورين ساهيڙين کان الڳ ٽي وئي هئينءَ. جن سان انهن جي ڪرتوتن جي ناتي نه. ڏکهي دوستيءَ جي ناتي گڏ رهندي پئي آئينءَ. ۽ جن جي ڪري تون بدنام ٻ ٽي رهي هئينءَ. جيڪو نه مون چاهيو ٽي. نه هن. جنهن سان تو انگلش ڊپارٽمينٽ جي ڪارنر وٽ ويهي ڪچهري پئي ڪئي. مون کي پوليٽيڪل سائنس جي ڪولر وٽ وساري. هن جڏهن توکي مڙني چوڪرين کان پرتي ٽيندو ڏٺو هو؛ جيڪو هن چواڻي. هڪ فلم تي ٿي پنهنجو سپ ڪجهه اربي ڇڏيندیون هيون ته مون کي ڏاڍا پاڪر پائي چميون ڏيڻ لڳو هو.

تنهنجو ٽيلي اسٽار ادا، ۽ سندس ساٿياري آخري سال جو رزلٽ نڪرندي ئي ائين اڏامي ويا هئا جيئن پهرئين پهر پيل ماڪ سج نڪرڻ سان ڏرتيءَ تان اڏامي وڃي. جيڪڏهن ڏک هئم ٻ ته نصير جي يونيورسٽي ڇڏي وڃڻ جو.

تنهنجي گهرج بڻجي پيو هوس. تنهن ڪري ئي مان پريس فوٽو گرافر جي نوڪريءَ کي الوداع چئي توکي پابنديءَ سان 'اٽينڊ' ڪرڻ لڳو هوس. ۽ پاڻ وڌيڪ آزاديءَ سان گهمڻ لڳا هئاسون. پهريون پيرو جڏهن ڪراچي هليا هئاسون ته انهيءَ عليءَ، جنهن کي هڪ پيري، جڏهن مون سان ملڻ آيو هو ته تو کيس ست سُريون ٻڌايون هيون، ڪيڏو نه پيار ڏنو هو هن ۽ سندس زال...! هنن جو ٻن سالن جو راهل ڪيڏو نه ڏنگو هو.... جنهن لاءِ تو بوهري بازار مان پينٽ ۽ شرٽ ٻ ورتي هئي. ۽ ها هڪ جنرل اسٽور تان پاڻ 'ڊاٽي رف رائيڊر' جو پيڪٽ ٻ ته ورتو هو.....؟

علي ۽ سندس زال پاڻ کي نويڪلو ڪمرو ڏئي ڇڏيو هو. اهي سياري جا ڇاڙڪا ڏينهن هئا. ان رات پاڻ مسلسل هڪ ٻئي جي ڪن

پرسان ڳالهائيندا رهيا هئاسون.... توسان ڳالهائڻ مهل پهرين منهنجي ڪاپي اک جا چپر تنهنجي ساڄي ڳل مٿان کلندا ۽ بند ٿيندا رهيا هئا. جنهن جو مزيدار احساس محسوس ڪرائڻ لاءِ تو به هڪدم پنهنجي پيءَ اک جا چپر منهنجي ڪاپي ڳل مٿان کولڻ ۽ بند ڪرڻ لڳي هئينءَ. تنهنجا کلندڙ ۽ بند ٿيندڙ چپر مون کي پنهنجي ڳل تي پوپٽ جي پرن جيان محسوس ٿيا ها. پوءِ پاڻ واري واري سان هڪبئي جي ڳلن تي اکيون چنيڻ لڳا هئاسون. ان رات تو هڪ پي به عجيب حرڪت ڪئي هئي. تو پنهنجو ڪاپو نيڻ منهنجي ساڄي نيڻ جي ايڏو ته ويجهو آڻي چڏيو هو جو اسان بنهين جي نيڻن جون ماڻڪيون 'فيلڊ آئوٽ' ٿي ويون هيون. تو ڪجهه دير بنا اک چنيڻ جي ڏسڻ کان پوءِ سرپاڻن ۾ پڇيو هو:

'تنهنجي نيڻ ۾ سونهري رنگ لهي آيو آهي: توکي منهنجي نيڻ ۾ نظر اچي ٿو.....؟'

مون ڏٺو هو ان گهڙيءَ. تنهنجي ڪاپي نيڻ ۾ به ڪو رنگ چمڪي پيو هو. سونهري نيرو. سونهري نارنگي. يا شايد رڳو سونهري. پر مون کي ساهي ساهيءَ سان اهي سپئي رنگ تنهنجي ڪاپي نيڻ ۾ نظر آيا هئا. ان رات تون گهٽي پاڳي مون کان صبا جي باري ۾ پڇندي رهي هئينءَ. تون مون کان ڪجهه اوڳاڻڻ پئي چاهيو. اهو ئي ته مان ۽ صبا ڪراچي ۾ اچي سنجوگ ڪيو هو يا نه....؟ پر تو نه ڄاتو سنجها ته سنجوگ جو اصل سڪ ته سدائين تو مان ماڻي سگهيو هوس. جو ته منهنجين سمورين محبتن جا پيڇرا تو تائين اچي دنگ ٿي، ٿي ويا. پر توکي ويساهه پوءِ به نه آيو هو ۽ تنهنجو شڪ مٽائڻ لاءِ منهنجا چپ تنهنجي ڪياڙي، ڳلن، چپن ۽ ٻين حصن مٿان ڪجهه ڳولهڻ لڳا هئا. اهو ڪجهه جيڪو هن ڪڏهن به صبا جي وجود تي ڳولهڻ جي ڪوشش نه ڪئي هئي.

ان کان پوءِ پاڻ جڏهن به ڪراچي آيا هئاسون ته پيوءَ جي گلشن واري خالي بنگلي جي مٿين بيڊ روم ۾ ستا هئاسون؛ جتي پيوءَ جي ممي ۽ ڊيڊي اچي رهندا هئا. ڪيڏو 'ڪمفرٽ ايبل' هو اهو بيڊ روم ۽ ڪيڏيون سياويڪ هيون اهي گهميل گهميل ميرانجهڙيون راتيون جن ۾ اسان جو شديد پيار سمايل هو. انهن ڪڏهن نه وسرندڙ حسين راتين ۾ به.

تون مون کي پيار ڪندي اوچتو اداس ٿي ويندي هئيءَ ۽ شڪ جي نظرن سان ڏسندي پڇندي هئين: 'صبا سان هت گهٽيون راتيون گذاريون هيئي پنهون.....؟'

نئين سال جي ايڊميشن لسٽ تي ڪيترن نالن سان گڏ هڪ نمبر آڏو لکيل هو: 'مِس صبا حميد فخري. ڊاٽر آف مسٽر حميد فخري.'

پريويس جا ڪلاس شروع ٿي ويا هئا. پين سان صبا به اڇڻ شروع ڪيو هو. تراکڙو منهن. وڏا پورا ناسي نيڻ جن جا چپر ڪڏهن ڪڏهن بند ٿي ڪلندڙ. ننڍڙي پر وڻندڙ نڪ هيٺان به پريل چپ. پورو پنو قد. گول ڪلها. آڪڙيل چاتيون. هر وک تي چلندڙ. هر ڪنيل وک بي پرواهه ۽ تکي. تيز هلڻ سبب سندس ريشمي وار ساڄي کاپي جهاتيون پائيندڙ. پهرين نظر ۾ هوءَ مون کي ڏاڍي استائلش نظر آئي هئي. صبا جڏهن به مون کي ڪاريدور ۾ ٽڪرائي هئي، مان شعوري طور ڏانهنس ڏسڻ کان لنوائي چڏيو هو. مون کي اهڙيون چوڪريون زهر لڳنديون آهن جيڪي سمجهنديون آهن سندن ويهڻ سان سڄي ڪائنات ويهي ٿي رهي ۽ سندن اٿڻ سان هر شئي چرپر ۾ اچي ٿي. صبا شروع ۾ اهڙي ئي لڳي هئي. پوءِ هن توسان ملڻ شروع ڪري چڏيو هو ۽ تنهنجي ڪري مون سان به. ۽ صبا. منهنجي سندس لاءِ قائم ڪيل راءِ کي غلط ڪري چڏيو هو. صبا هر ننڍڙي ڳالهه تي وڏا ٽهڪ ڏئي ڪلي پوندي هئي. کلڻ جي معاملي ۾ هوءَ مون کي پاڻ جهڙي لڳي هئي. انهن ئي ڏينهن ۾ ڪيمرا ڪٽي سڄي يونيورسٽي ۾ تنهنجا 'سنسپس' ڪيا هئم ۽ سموري يونيورسٽي ڪيمرا جي اک ۾ محفوظ ٿي وئي هئي.

توهان جي ڊپارٽمينٽ پاران لڳندڙ استڊي ٽوئر ۾ صبا مون سان فري ٿي وئي هئي. جڏهن به اهڙي ڪا ٽوئر لڳندي هئي پاڻ بس جي جنهن به سيٽ تي ويهندا هئاسون اها جڻ اسان جي ملڪيت بڻجي ويندي هئي. شروع ڪان آخر تائين ان سيٽ تي ڪوبه ويهڻ جي سگهه ساري نه سگهندو هو. ۽ تون مون کي ان سيٽ تان اٿڻ نه ڏينديءَ هئيءَ. نه ئي پاڻ اٿندي هئيءَ. شايد توکي ڊپ هو ته تنهنجي اٿي وڃڻ سان. ڪو ٻيو تنهنجي

سيٺ ولاري چڏيندو. پر انهن بن ڏينهن جي استڊي ٽوئر ۾ الائجي چو تو صبا کي مون سان فري ٽيڻ ڏنو هو. شايد توکي يقين هو ته صبا مون 'رف' ۽ بي پرواهه سان عشق ڪڏهن به ڪري نه سگهندي. ان ڳالهه جو احساس مون کي به هو. ان سموري ٽوئر ۾ رڳو هڪ پيرو ڪاوڙي هئيءَ. واپسيءَ تي جڏهن بس مڪلي پهتي هئي؛ ان مهل صبا مون کي سڏ ڪري. هٿن ۾ جهليل سنڊي اخبار جي هڪ خبر جي ست ڏانهن اشارو ڪري. ڪنهن ڏکئي اکر جي معنيٰ پچي هئي. بس. مڪليءَ پهتي هئي. ڪجهه ڏنگن شاگردن گوڙ ڪيو هو:

'اسان ملان لٽر جي قبر ڏسنداسون.'

'اسان کي ملان لٽر جي قبر ڏيکاريو.'

'سائين، ملان لٽر جي قبر به اسان جي استڊي ٽوئر ۾ شامل آهي.'

بس ۾ هلڪا ڊبل ٿهڪ سيٽن هيٺان بانبڑا پائڻ لڳا ها. صبا وائڙن وانگر پڇيو هو:

'ملان لٽر جي قبر ۾ ڪهڙي خاص ڳالهه آهي.....؟' مان پنهنجا چپ هن جي ڪن ويجهو آڻي. هن کي ملان لٽر جي قبر جي خاصيت بڌائي چڏي هئي. ۽ صبا ٻئي هٿ وات تي رکي ٿهڪن ۾ ٻڏجي وئي هئي. تنهنجن نيٽن ۾ هڪ ئي مهل توائي پٽو ۽ حسد پرجي آيو هو. خونخوار لهجي ۾ مون کي سڏي پاڻ سان گڏ ويهڻ لاءِ چيو هيئي. تنهنجي پر ۾ اچي ويٺو هوس؛ ڏڪار مان چيو هيئي:

'ڪهڙي ضرورت هئي.'

'چاجي.....؟'

'هن کي اهو ڪن ۾ ٻڌائڻ جي؛ جيڪو مان هت ويهي ٻڌي سگهي آهيان.'

'ٻڌي يا سمجهي.....؟'

مون کي ڪوبه جواب ته ڏنو هيئي ۽ نٿي جي بادشاهي مسجد تائين مون سان نه ڳالهايو هيئي. جنهن کي صبا به محسوس ڪيو هو.

ان استڊي ٽوئر کان پوءِ، جيڪا صبا جي پهرين ۽ اسان جي ٽين

هئي. صبا مهينو نہ آئي هئي. خبر پئي هئي. 'صبا بيمار آهي.' ٿوئر مان موٽي رات جو گهر اچي وهنتي هئي ۽ پکو هلائي سمهي پئي هئي. صبح جو ڪرنگهي ۾ شديد سور سان بخار ٿي پيو هوس. مهيني کان پوءِ هڪ صبح جو هوءَ ڪاريدور ۾ نظر آئي هئي؛ شايد واپس وڃي رهي هئي. مون کي ڏسندي پري کان ئي رڙ ڪئي هئائين:

'هاءِ!'

تکيون وکون ڪٽندي ويجهو پهچي وئي هئي. چوڻ لڳي:

'وڏي افسوس جي ڳالهه آهي.....'

'ڪهڙي .....؟'

'ڪا سڌ نہ لڌئي؛ ڪير مئو ڪير بچيو.....؟'

'مون کي افسوس آهي.'

'ها پئي. اوهان کي سنجها جي فوٽو گرافس ڪڍڻ کان فرصت ملي تہ ڪنهن پئي تي نہ نظر پئي نہ. اوهان جي هٿ ۾ ڪيمرا هجي نہ هجي. پر اوهان جي اکين جا پئي لينس هر وقت سنجها جي چهري تي فوڪس هوندا آهن.'

'ان ڪري جو سنجها منهنجي محبوبا آهي.'

'ها توهان پئي سڏا آهيو.'

'ٽينڪس.'

'پنهنجي ڳالهه آهي.' مرڪي پئي هئي. وڃڻ لڳو هوس تہ چيو هئائين:

'سنجها جي اڄ ٽيسٽ آهي ۽ هوءَ ٽيسٽ پئي ڏي.'

'مون کي خبر آهي.'

'اڪيلو ويهي چا ڪندين.....؟'

'انتظار.'

'مان اڄ بور آهيان.'

'پوءِ.....'

'تون مون کي ايستائين ڪمپني ڏئي سگهين تہ ڏاڍو سٺو جيسين سنجها ٽيسٽ ڏئي وٺي.'

صبا کي سندس ساهيڙين وٽ ٽانيڪو ڪرڻ لاءِ، هن سان سڄي فيڪلٽي رلندو رهيو هوس پر هن جي هڪ به ساهيڙي نظر نه آئي هئي. ٽڪجي اسان سيڪنڊ فلور جي ڏاڪڻين مٿان ويهي رهيا هئاسون. وقت گذارڻ لاءِ ڳالهائڻ لڳو هوس:

'اوهان جو پيءُ ڇا ڪندو آهي.....؟'

'وڪيل آهي.'

'ٻين لفظن ۾ ڪوڙ جو واپاري آهي.....؟' اهو ٻڌي صبا ٽهڪ ڏئي ڪلي پئي هئي. وري پچيومانس:

'پيءُ جون اڪيليون آهيو.....؟'

'نه مون کان وڏيون منهنجيون ٻه پيٽون پيون به آهن.'

'پرٽيل آهن؟'

'ها، ٻنهين هن ئي يونيورسٽي مان گريجوئيشن ڪئي آهي. ۽ پڑهائيءَ جي دوران ٻن سنڌي چوڪرن سان شاديون رچائي چڏيون اٿن. ڇگا موچارا زميندار چوڪرا آهن. پر منهنجي پيا جي خواهش آهي ته گهٽ ۾ گهٽ مان ڪنهن سنڌيءَ سان مڙيج نه ڪريان.'

'چو.....؟'

'اهو ته پيا ئي ٻڌائي سگهندو.....'

'۽ تنهنجي ممي.....؟'

صبا کجهه گهڙين لاءِ ماٺ ٿي وئي هئي. پوءِ چيو هئائين:

'منهنجي اصل ممي ڪراچي ۾ رهندي آهي هتي منهنجي 'اسٽيپ مدر' رهندي آهي، مون کي بنهه ناهي وڻندي.'

'پائر گهٽا اٿوءَ.....؟'

'هڪ، پر نه هئڻ جهڙو. پيا کي هن ٿي ڏاڍو ڏک آهي. مڙئرڪ کان وڌيڪ نه پڑهي سگهيو. جڏهن ته پيا هن کي ڊاڪٽر بنائڻ ٿي چاهيو. پاڻ کي وڏو غيرتمند سمجهندو آهي. مون ٿي ڪرڙي نظر رکندو آهي. مون کي هن جي ڪابه پرواهه ناهي. پيا چوندو آهي، منهنجو پٽ به تون آهين، ته ڏيءَ به تون.'

'خواب ڏسندي آهين؟'

'خواب..... منهنجا خواب اسان جي گهر جي مٽئين ڪمري جي رودِ ڏانهن ڪلندڙ دريءَ مان، آپ گهات ڪري چڪا آهن. هاڻ هڪ خواهش آهي.'

'ڪهڙي.....؟'

'يا ڪنهن پوڙهي پر امير ترين ماڻهوءَ سان شادي ڪريان، يا ڪوئي ساٺ ڏي تہ 'بينڪ رابري يا اسمگلنگ ڪريان.'

'بي انتها حسين عورت کان، ڪنهن بہ طرح گهٽ پيانڪ خواب ناهن.'

صبا ٿهڪ ڏئي ڪلي پئي هئي ۽ ڪلندي چيو هئائين:

'ڳالهيون خوبصورت ڪري سگهندو آهين.'

'۽ مان پاڻ.....؟'

'ٺيڪ آهين.'

تون ٽيست ڏئي اچي وئي هئينءَ. ۽ اسان ٽنهين ڏاکڻين مٽان ويهي چانهہ پيتي هئي.

صبا پهرين مون کي پنهنجي اڪيلي نالي سان سڏيندي هئي. پر پوءِ ڪنهن لاشعوري خوف کان منهنجي نالي اڳيان 'ادا' جو واڌارو آڻي ڇڏيو هئائين. پهريون پيرو شدت سان احساس ٿيو هئم. تہ لفظن جو رشتن سان ڪو ايڏو گهرو لاڳاپو بہ ناهي. هن جي 'ادا' جي خطاب کان پوءِ مان ڪجهہ ڊجي ويو هوس ۽ تون بي اوني ٿي وئي هئينءَ.

هڪ پيري صبح جو، تون، مان ۽ صبا، فيڪلٽيءَ جي ڪاريڊور ۾، رودِ واري پاسي کان ٽلهن کي ٽيڪ ڏئي بيٺا هئاسون. تہ صبا پرس مان هڪ لفافو ڪڍي مون طرف وڌائيندي چيو هو:

'هن ۾ منهنجي ان خواب جون تصويرون آهن، جنهن تي منهنجا پيا خواب بيٺل هئا. ۽ جنهن جي ڪري منهنجن مڙني خوابن اڄ کان ڇهہ مهينا اڳ منهنجي ڪمري جي دريءَ مان آڪٿات ڪري ڇڏيو هو.'

اسان هڪ ڪري سڀ تصويرون ڏٺيون هيون. ڪيڏو حسين هو صبا جو خواب.....؟ يونان جي شهزادن جهڙو. فوٽو گرافس ڏسي صبا

ي واپس ڪيا هئم ته هن چيو هو:

'اڄ ڏهين وڳي هو پنهنجون تصويرون به واپس ڪٽي ويندو.'

واڇ ۾ ٽائيم ڏنو هيئي: ڏهن ۾ ڏهه منٽ هئا. پوري ڏهين وڳي ور ڪلر جي ڪار آرٽس فيڪلٽيءَ جي مين گيٽ آڏو اچي بيٺي هئي. هن مان لٽو هو يونان جو شهزادو. هن اڪين تان سن گلاسز هيٺ ڪائي: سيڪنڊ فلور ڏانهن نهاريو هو. جتي تون، مان ۽ صبا بينا اسون. صبا جو منهن محرم جي ڏهين ٻڪجي ويو هو. هوءَ ڪاريدور مان نڙندر وڪون ڪٽندي وڃڻ لڳي هئي، ڇڻ گهاٽي ڏٻڻ ۾ هيٺ لهندي وئي ي. هڪٻئي ڏانهن نهاريو هوسون. ان گهڙيءَ اسان کي محسوس ٿيو هو. ڻ ڪوئي مري ويو هو.

صبا مون کي مظلوم لڳڻ لڳي هئي. منهنجيون سموريون همدرديون با جي گهر ڏانهن ويندڙ رستن جي ٻنهين پاسي ايري آيل گهاٽا وڻ ٻڪجي ون هيون. صبا کي چگيءَ طرح سڌ هئي ته منهنجين سمورين محبتن جا جرا تو وٽ اچي ختم ٿي ويندا آهن. هڪ ڀيري هن چيو هو:

'مون کي خبر آهي، تون سنجها سان بي انتها محبت ڪندو آهين. ري قدر جو تو هن کي پاڻ مٿان مڙهي ڇڏيو آهي. هوءَ سڀين آڏو توسان س بيهيوَ' به ڪندي آهي. ۽ تون ان کي به هن جو پيار سمجهي لنوائي ڏيندو آهين. اهو سڀ ڄاڻندي به مان چاهيان ٿي. تون مون سان ملندو ۽. الائجي ڇو.... توسان ملي سڪ جو احساس ٿيندو اٿم.'

۽ مان صبا جو وڌيڪ خيال ڪرڻ لڳو هوس. شايد ان ڪري به و مون کي 'فرسٽريٽيڊ' چوڪريون فوٽ پاٽ تي ردي۽ ۾ وڪامندڙ متي ڪتابن جهڙيون لڳنديون آهن.' هڪ ڀيري صبا کي چيو هئم:

'آئون جيڪڏهن دنيا جو امير ترين ماڻهو هجان ها، ته هڪ محل رايان ها، جنهن ۾ ساري جڳ جون 'فرسٽريٽيڊ' چوڪريون پنهنجي ضيءَ سان جيون گهارين ها.' صبا منهنجي ڳالهه ٻڌي وڌيڪ اداس ٻڪجي ي هئي.

منهنجو صبا جي گهر روز وڃڻ ڪُکڻ لڳو هيئي. منهنجا صبا لاءِ ۽ وقت خلوص مان چيل جملا، توکي برا لڳندا هئا ۽ صبا لاءِ تنهنجي دل

مر پريل محبت ۽ همدردي، اسپرٽ بڌجي اڏامي وئي هئي؛ ۽ تون مون مٿان چٽر پريل جملا اڇلڻ لڳي هئينءَ. پهرين گهٽ، پوءِ ڪجهه وڌيڪ. موقعو مناسب ڏسندي، توکي تنهنجون ڪلاس فيلوز، منهنجي ۽ صبا جي خلاف پرڻ لڳيون هيون جن برنديءَ مٿان پيٽرول جو اثر ڏيکاريو هو. پوءِ تو مون تي سڌا سنوان الزام مڙهڻ شروع ڪيا هئا. ڪجهه به سمجهي نه سگهيو هئس؛ وائڙو بڌجي ويو هئس. توکي هر طريقي سان سمجهائڻ چاهيو هئم. پر تون ڪجهه به سمجهڻ جي موڊ ۾ نه هئينءَ.

انهن ئي ڏينهن ۾ منهنجو هڪ پيارو دوست جيڪو 'نارد مُني' بڌجي ويو هو اسان ٽنهي جي وچ ۾ ڪنهن مضبوط رسي جيان اپري آيو هو. هو قد جو بندرو، رنگ جو سانورو هو. هن جي نظر جي عينڪ پٽيان نظر ايندڙ چنجهيون اکيون ائين لڳنديون هيون جڙ ڪنهن ڏنگي پار، چشمي جي شيشن پٽيان به مئل ماکوڙيون رکي چڏيون هجن. چشمو، سندس ننڍڙي پٽاريل نڪ مٿان هر وقت ائين چهٽيل هوندو هو. جيئن رش ۾ فوٽ بورڊ مٿان لڙکندڙ ڪو شخص. جنهن جا به ئي پير فٽ بورڊ يعني هن جي نڪ تي. ۽ پئي هٽ ريلنگس ۾ يعني هن جي ڪن تي. پوري سگهه سان چهٽيل هجن. جڏهن هو ڪنهن سازش ۾ ڪامياب ٿيندو هو ته سندس مئل ماکوڙين جهڙيون، اکيون جيئريون ماکوڙيون بڌجي پونديون هيون ۽ چشمي پٽيان هيڏانهن هوڏانهن چرڻ لڳنديون هيون. ۽ ڪلڻ وقت سندس ٽلهن چپن پٽيان ڏند ائين ظاهر ٿي پوندا هئا، جيئن باغ طرف ڪلندڙ دريءَ جا پئي طاق هوا جي زور تي ڪلي وڃن هڪ زوردار ٽڙکي سان. ۽ ظاهر ٿي پئي پئي طرف سائي چبر مٿان ڪا ڏانگاري. 'نارد مُني' مون کي ڏاڍو پيارو هو، هو به ڏاڍو سٽو. ڪنهن زماني ۾ جڏهن نه تون هئين نه صبا، هو مون کي پيار ڪرڻ جي حد تائين چاهيندو هو. تڏهن هو مون کي بلڪل برو نه لڳندو هو. ۽ هن جون سموريون خاميون هن جي خاصيتن جو حصو لڳنديون هيون. تڏهن مون کي هن جي مرڪ فرشتي جهڙي معصوم، ۽ سندس ٽهڪ ڏنگن پارڻ جهڙا محسوس ٿيندا هئا. حقيقت ۾، اسان هڪٻئي لاءِ سٽا ۽ مهان اوسيتائين هوندا آهيون جيسين تائين هڪٻئي

جي ڳالهين جو احترام ڪندا آهيون. نارد مُني جذباتي هو ۽ جذباتي هڻڻ جي ناتي بيوقوف. انهيءَ ڪري ئي هو ماڻهن لاءِ رايا جلد قائم ڪندو هو ۽ بدلائي ڇڏيندو هو. جنهن زماني ۾ توهان ٻنهين جو ڪوبہ تصور مون وٽ نہ هو، اسان ٻئي گڏجي پيئندا هئاسين، ساڳئي گلاس ۾. تڏهن اسان ٻنهين وٽ اوبر جو تصور بلڪل ڪونہ هو. نارد مُني جڏهن رڳو منهنجو دوست هو، هڪ سٺو دوست تڏهن مون هن کي تو سان ملايو هو. نارد مُني جي وڏي ۾ وڏي ٽريجدي عورت هئي. هن سان ڪڏهن بہ ڪنهن عورت رومانس نہ ڪيو هو، سواءِ پروفيشنل عورتن جي. جن جي محبتن جا دروازا سدائين ٻئسن وارن لاءِ کليل رهندا آهن. ۽ هو ٻئسن ڪمائڻ جا سپ گر ڇاڻندو هو. نہ، هن ڪڏهن بہ ڪنهن جو ڪيسو نہ ڪٽيو هو. ۽ نہ ئي هن ۾ ڏاڙي هڻڻ جي سگهہ هئي. نارد مُنيءَ ۾، اهي سڀ خاصيتون هيون جيڪي ڪمرشيل آرٽسٽ ۾ هڻڻ گهرجن، جيڪي مان پيدا ڪري نہ سگهيو هئس. مان ٻين جي مرضيءَ، ٻين جي حڪم تي ڪابہ لائين نہ ڪڍي سگهندو آهيان ۽ هن جا هٿ هميشه هر هڪ جي حڪم جي انتظار ۾ رُکيل رهندا هئا. ان ۾ هن جو ڏوهہ بہ نہ هو. اها هن جي سٺائي هئي، هن گهر وارن جي مجبورين آڏو سيز فائر ڪري ڇڏيو هو. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ هو ان ڪمايل ٻئسن مان، اڌ ڪان وڌيڪ وئيشيائن ۽ شراب تي وڃائي ڇڏيندو هو. ڪيس ڏوهاري نہ ٿو سمجهان ڇو تہ عورت بهرحال مرد جي وڏين ضرورتن مان هڪ ضرورت آهي. مون کي خبر آهي، تہ هو دوستن سان شديد محبتون ڪندڙ هو. پر مان اهو وساري وينو هئس تہ هو عورت جي معاملي ۾ هميشه کان ويچارو هڻڻ سبب منهنجي خلاف بہ استعمال ٿي سگهيو ٿي. ها، پهرين هو استعمال ٿي ويو هو. پوءِ هن شعوري ڪوشش سان منهنجي خلاف ڪم ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو هو.

صبا ۽ مان سينٽرل لائبريريءَ جي روڊ مٿان آمهون سامهون ويٺا هئاسون. يونيورسٽيءَ جي چڑواڳ هوا پنهنجي سموري سگهہ سان گهُلي، روڊ جي ٻنهي پاسن کان يوڪلپٽس جي قدآور وڻن کي سجدا ڪرائي رهي هئي ۽ يوڪلپٽس جا ڊگها پن، هوا جي زور تي چوڌيل ۾ گول قرندڙ پارن

جيان بود ۾ پرجي تاڙيون وڄائي رهيا هئا. صبا بوڪلپٽس جي چوٽين کان ٻه مٽي گهوري چيو هو:

'توکي خبر آهي، منهنجي ممي ۽ پاپا ۾ 'سيپريشن' جو واحد سبب ڪهڙو هو؟'

'ڪهڙو هو؟'

'شڪ. منهنجو پاپا ڏاڍو شڪي مزاج رهيو آهي. پاپا ممیءَ سان لو مئريج ڪئي هئي، تڏهن پاپا وڪيل نه هو. خيرپور ۾ 'ٽي اينڊ ٽي' ۾ 'ايس ڊي او' هو. ممي اڃ پڑهيل هئي. پاپا ڪيس پنهنجي پرسنل سيڪريٽريءَ کان ٽيوشن ڏيارائڻ لڳو هو. ۽ ممي بي اي ٻه ڪري ورتي هئي. پوءِ الائي ڇو.....؟ پاپا کي ممیءَ تي شڪ ٿيڻ لڳو ۽ پاپا پنهنجي پرسنل سيڪريٽريءَ کي نوڪريءَ مان ڪڍي ڇڏيو. ان ڳالهه تي ممي کي ڏاڍو ڏک ٿيو هو. پاپا ۽ ممیءَ ۾ اڪثر جهيڑو ٿيڻ لڳو ۽ هڪ ڏينهن ممي گهر مان هلي وئي. ڪجهه هفتن کان پوءِ سندس خط آيو هو جنهن ۾ لکيل هو ته ممیءَ پيا جي پرسنل سيڪريٽريءَ سان شادي رچائي ڇڏي هئي. پاپا ڪڏهن ٻه، مون کي ممیءَ وٽ وڃڻ کان نه روڪيو آهي. ان ڪري مان ڪنهن تي ٻه شڪ ڪرڻ نه چاهيندي آهيان ۽ مان هن تي ٻه ڪڏهن شڪ نه ڪيو. پر..... هن منهنجي پرٽيل ساهيڙيءَ سان رات گذاري هئي. اها سڌ هوندي ٻه، ته هوءَ منهنجي ساهيڙي هئي ۽ مان سندس محبوبا..... مون کي سخت ڏکيو رسيو هو. ان ڏينهن مان ڏاڍو رني هئس. ڪيڏو مانُ هئم هن تي.... مون کي سڌ هئي ته هو هر رات نئين چوڪريءَ سان گذاريندو آهي. پر مون کي يقين هو ته هو مون سان محبت ٿو ڪري. مون کي مانُ هوندو هو ته هو منهنجين ساهيڙين جي بي انتها عزت ٿو ڪري. پر ائين نه هو..... ۽ هن منهنجي ساهيڙيءَ سان رات گذاري، مون کي محسوس ڪرايو هو ته هن کي.....'

صبا وڌيڪ ڪجهه ٻه چئي نه سگهي هئي. پرس مان گولڊ ليف جو پئڪيٽ ڪڍي، سگريٽ ڪڍائي، ڏگها ڏگها سوٽا هڻڻ لڳي هئي. منهنجو نارد مُني دوست مون کي ڳولينڊو مون تائين پهتو هو. هن جي صبا سان سچاٽپ ڪرائيندي چيو هئم:

'هي منهنجن پيارن دوستن مان هڪ آهي. منهنجا دوست مون کي هنجي محبوبا جيڏا پيارا آهن. ۽ مون کي پنهنجا سڀ دوست پنهنجو پرتوَ ڪندا آهن. هن سان ملي توکي، منهنجي هٿ جو احساس وڌيڪ گهرائيءَ سان محسوس ٿيندو.'

ان ملاقات کان پوءِ نارد مُني، صبا مٽان پنهنجين سمورين سچاين سميت عاشق ٿي پيو هو. اها گالهه هن مون کي ڪنهن طرح محسوس ڪرائي هئي. جيڪڏهن هو محسوس نه ٻ ڪرائي ها. تڏهن ٻ محسوس ڪري چڪو هئس. هر طرح سان چاهيو هئم ته صبا نارد مُنيءَ ۾ ڇسپي وڃي. هڪ پيري صبا سان ڏاڍو بحث ڪيو هئم. تڏهن صبا ڪجهه ڏک ۽ ڪجهه ڪاوڙ مان چيو هو:

'جيڪڏهن، تون، مون مان جان ڇڏائڻ چاهين ٿو ته صاف لفظن ۾ ئي ڇڏ. جيسين تنهنجي دوست جو تعلق آهي مان هن جي عزت ڪندي ٻيان. بيشڪ هو هڪ سٺو چوڪرو آهي. ۽ مون کي ان ڪري ٻ چگو ڪندو آهي، ته هو منهنجي ڪراچي واري ڪزن جهڙو آهي جيڪو مون کي ڏيو چاهيندو آهي. جنهن کي اها ٻ چگيءَ طرح خبر آهي ته مان هن سان ، پر ڪنهن ٻئي سان عشق ڪندي آهيان. ۽ اها ٻ جاڻ اٿس ته هو هاڻ ون کي ڇڏي چڪو آهي. مان پنهنجي ڪزن جي ٻ عزت ڪندي آهيان. ان هن کان ڪجهه ٻ نه لڪائيندي آهيان. مون هن کي هميشه سٺو وست سمجهيو آهي. منهنجو ڪزن ۽ تنهنجو دوست. ٻئي هڪجهڙا آهن ۽ ئي عزت لائق آهن. پر عشق ڪرڻ لائق ناهن. مون وٽ پيار جو پنهنجو ڪنسيپٽ آهي. ۽ جيئن ته اهو منهنجو پنهنجو آهي تنهن ڪري مان انهيءَ ٻئي ڪنهن جي مداخلت بلڪل برداشت نه ڪنديس. تنهن ڪري. پليز ون خدا جي واسطي پنهنجي دوست کي سمجهائي ڇڏ ته مون طرفان. هنجي لاءِ ايڏا وڏا آئڊيئلز نه بڻائي جو انهن جي ڏڻ سان. سندس نندڙو جود ڏهجي وڃائجي وڃي.'

صبا جي ايڏي تفصيلي جواب کان پوءِ وڌيڪ ڳالهائڻ فضول سمجهيو هئم. پر اهي سڀ ڳالهيون نارد مُنيءَ کي نه ٻڌايون هئم. سڌ ئم هو جذباتي هو ۽ حساس.ٻ. چيو هومانس:

'صبا سان ملندو رهي. هن کي تو جهڙي سڻي ۽ سڀاڻهي پيار ڪرڻ واري جي ضرورت آهي.' جڏهن تون مون سان هوندي هئينءَ تہ. ڪوشش ڪري صبا کي نارد مُنيءَ جي حوالي ڪري ڇڏيندو هئس. ان آس تي تہ. شايد صبا جي اندر ۾ هن لاءِ محبت جي ڪا چٽنگ پڙکو کائي پنيت بڻجي پئي پر مون جاتو ٿي تہ اهو سڀ اڻ ٽيڙو هو. هڪ پيري وجهہ وٺي صبا مون کي پنهنجي ان دوست آڏو چئي ڇڏيو هو:

'ڏس، مان توکي اڄ تنهنجي هن دوست آڏو چوان ٿي: پوءِ اها هن جي مرضي تہ هي ڪنهن کي بہ وڃي ٻڌائي. ان جي مون کي پرواهہ نہ آهي. تہ مان تو ۾ سنجيدگيءَ سان دلچسپي وٺڻ لڳي آهيان. هاڻ تنهنجي مرضي. تون مون کي ڇڏي ڇڏ يا مون سان ملندو رهہ. الائجي ڇو..... تون خوبصورت نہ هوندي بہ مون کي سٺو لڳندو آهين. مون کي محسوس پيو ٿئي..... اهو مان پاڻ کي پيو وڏو دوکو ڏئي رهي آهيان.' صبا جي پورن ناسي ڪليل نيٽن ۾ ڪجهہ پرجي ويو هو. جنهن کي هن پولارن ۾ گهوري غائب ڪري ڇڏيو هو ۽ پيو سگريٽ ڪڍي، ڏکائي، ڏڳها ڏڳها سوٽا هڻڻ لڳي هئي. محسوس ٿيو هئم، جڻ هن اهو سڀ نارد مُنيءَ کي ٻڌائڻ چاهيو هو. منهنجي دوست جي چهري تان سڀ شوخ رنگ اڏامي ويا هئا. جي رهجي بہ ويو هو تہ. ڳوڙهو ناسي رنگ ۽ ڦڪي مرڪ. ۽ نارد مُني ٻهانو ناهي هليو ويو هو.

'توکي ائين ڪرڻ نہ ڪپندو هو ۽ هونءَ بہ توکي جاڻ آهي تہ....' صبا منهنجي جملي کي اڌ ۾ ڪٽي، پنهنجو سگريٽ وارو هٿ هوا ۾ ٻہ ٽي پيرا لوڏي چيو هو:

'ها ها مون کي خبر آهي تہ تنهنجين محبتن جا رستا سنجها وٺ پهچي ختم ٿي وڃن ٿا. ۽ تون سنجها جي ڪري پنهنجي 'ٽين ايج' محبوبا کي بہ ڇڏي چڪو آهين. اهو سڀ جاڻندي بہ يار.... مان گهلجي رهي آهيان توڏانهن. نہ چاهيندي بہ مان، مان تنهنجي ڳالهين جي سيلاب جي زد ۾ اچي وئي آهيان. اسپيڊ سان توڏانهن لڙهي رهي آهيان.'

صبا ٻئي هٿ پنهنجي نرم وارن مٿان ڪپائي ڇڏيا هئا. سرد آواز ۾ چيو هئم:

'ء لڙهندڙ ماڻهو هميشه ٻڌي ويندا آهن.'

هن اکيون کٽي مون ڏانهن ڏٺو هو. پوءِ آگرين ۾ فلٽر تائين جلي ويل سگريٽ کي.

'مون کي خبر آهي.'

صبا چيو هو مئل آواز ۾ ء جلندڙ سگريٽ چڙواڳ هوا ۾ اڇلائي چڏيو هئائين. ء فلٽر ويو هو هوا جي لهرن تي ڊوڙندو پري تائين. هوءَ اٿي بيٺي هئي؛ ايندڙ بس ڏانهن وڌندي چيو هئائين:

'مان شام جو پنهنجي گهر تي انتظار ڪنديس.'

ان شام، صبا جي گهر ۾ ڪوئي به نه هو. صبا پاڻ ٻڌايو هو، ء مان سندس اهڙي چاڻ ڏيڻ جي باوجود به سدائين جيان پنهنجي مخصوص اڪيلي صوفا تي وڃي ويهي رهيو هوس. چيو هئائين:

'يا ته تون ڏاڍو ظالم آهين يا بيوقوف.'

'مان سدائين پين جي مرضيءَ جو احترام ڪندو آهيان، ها تون مون کي بيوقوف چئي سگهين ٿي.'

'سنجها هميشه پين جي آڏو تنهنجي بي عزتي ڪندي آهي. مون کي ڏاڍو ڏک ٿيندو آهي.'

'اهو منهنجو ء سنجها جو مسئلو آهي، توکي ڏک بلڪل نه ٿيڻ گهرجي.'

'چاءِ مون کي پنهنجو نه ٿو سمجهين.....؟'

'توکي ڪڏهن به پرائو نه جاتو اٿم.'

'پوءِ.....؟'

'سنجها گهٽا ڏک سٺا آهن. مان هن جو سک آهيان.' صبا جي منهن تي رات چانڇجي وئي هئي. پٽڪيو هئائين:

'سنجها واقعي خوش نصيب آهي.'

'ٻڌو آ. 'ايريز' رومانس جي سلسلي ۾ ڏاڍا انتها پسند هوندا آهن. منهنجو دوست به 'ايريز' آهي. تون چاهين ته هاڻ به هو تو وٽ اڃي سگهي ٿو. يقين ڪر هو توکي ڏاڍو پيار ڏيندو.....؟'

'تنهنجو دوست سنو آهي؛ پر مان هن سان عشق ڪرڻ جو تصور به

نہ ٿي ڪري سگھان.'

'ڏاڍي بدقسمت آهين.'

'ها تون ٺيڪ ٿو چئين: منهنجا خواب يا تہ منهنجي گهر جي ٻئين ڪمري جي رود طرف کلندڙ دريءَ مان آڪاهات ڪري چڏيندا آهن يا وري منهنجن خوابن جو ايبارشن ٿي ويندو آهي.'

اهو چوندي هو ڊرائنگ روم مان نڪري وئي هئي. واپس آئي هئي تہ سندس هٿ ۾ چانهہ ۽ چپن ۾ سگريٽ جلي رهيو هو. منهنجي آڏو رکيل ٽيبل مٿان ڪوپ رکي. منهنجي پر ۾ صوفا جي پانهن تي ويهي رهي هئي.

چيو هومانس:

'توکي خبر آهي.....؟ سنجها اڇڪلهہ توکان ڪيترو توائي آهي؟'

'تو مٿان يقين نہ اٿس.'

'چو تہ هوءَ اڳ ۾ هڪ دوکو کائي چڪي آهي. ۽ مان هن کي ٻيهر هرگز برباد ٿيڻ نہ ڏيندس.'

'هڪ ڏينهن هوءَ توکي برباد ڪري هلي ويندي.' ٿهڪ نڪري ويا هئا. ۽ مان الائجي ڪيتري دير کلندو رهيو هوس. صبا چيو هو:

'تون پل ان کي منهنجي 'جيليسي' سمجهہ پر مون کي خبر آهي تہ هوءَ توسان شادي بلڪل نہ ڪندي. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ هن لاءِ تو پنهنجو سپ ڪجهہ وڃائي چڏيو آهي. برباد تہ تون هاڻ ٻہ ٿي چڪو آهين. ان حالت ۾ گهٽ ۾ گهٽ مان تہ توسان شادي بلڪل نہ ڪريان: ها رومانس ڪري سگھان ٿي. ۽ سنجها ٻہ توسان رومانس ٿي ڪري: رڳو رومانس.'

.

تون ڪلاس ۾ ويٺي هئينءَ. نارد مني ٻہ: جنهنجون تون همدرديون حاصل ڪري چڪي هئينءَ. چو تہ عورت جي معاملي ۾ هو هميشہ کان ويچارو هو: ان مهل ٻہ توهان منهنجي باري ۾ ڳالهائي رهيا هيئو. در وٽ ئي بيهي رهيو هوس. چيو هيئي:

'اڇ.....'

ٽيبل ڀڻيان رکيل. 'ٽيچرس' چيئر مٿان اڇي ويهي رهيو هو. ماڻ بڏجي انهن ڏانهن ڏسڻ لڳي هئينءَ. نارد منيءَ جون چشمي ڀڻيان ماکوڙين

جهڙيون اکيون ڪجهه سوچي رهيون هيون. طوفان جي اچڻ کان اڳ جهڙي ماڻ جو احساس ٿيو هئم. هڪ ڊگهي ماڻ کان پوءِ نارد مُني چيو هو:

'مان هلان ٿو.'

'هو هليو ويو هو. چيو هيئي:

'تنهنجو روز صبا سان ملڻ مون کي پاڳل بڻائي ڇڏيندو....'

'توکي مون تي ۽ پاڻ تي ويساهه هئڻ گهرجي.'

'ڏاڍي خطرناڪ چوري آهي.'

'هجي به ته مون کي چا ڪندي....'

'هوءَ توسان رومانس ٿي ڪري.'

باوجود ڪوشش جي تنهنجي آواز ۾ ڪاوڙ ٽڙڪي وئي هئي.

'ڪير ٿو چئي.....؟....'

'تون چا ٿو سمجهين، مان ايتري بيوقوف آهيان.....؟' طوفان جو ڏنڊ چوڏسا چانئجي ويو هو.

'اهڙين ذليل چورين جو ٻيو ڪم ئي ڪهڙو آهي.'

تنهنجو آواز خالي ڪلاس روم ۾ گهوماٽيون کائڻ لڳو هو. مٽي منهنجي اکين ۾ پئجي وئي هئي، چيڪو آواز ۾ پرجي ويو هو:

'سنجها!'

'ها ها. مان چوندوس. هوءَ ذليل آهي. انتهائي ڪميٽي. ڪريل. 'مين' آهي.'

'اسان کي ڪوبه حق نه ٿو پهچي ڪنهن کي بُرو چوڻ جو.'

'برائي، سڀائيءَ جو وجود آهي. تنهن ڪري مان بري کي بُرو. سڀ کي سڀو چوڻ جو حق رکان ٿي. سمجهيئي....'

'جيڪڏهن ڪو بُرو هجي ته.'

'صبا بري آهي.'

'اهڙي طرح اسان سڀ، ڪنهنجي نه ڪنهنجي نظر ۾ بُرا ضرور آهيون.'

'مون کي ڪنهن به 'آرگيومينٽ' جي ضرورت ناهي.' ٿهڪ ڏئي کلي ٻيو هئم. رڙ ڪري چيو هيئي:

'منهنجو دماغ خراب نه ڪر.'

لڙڪ لڙڪ لڙهي پئي هئينءَ، منهنجن ٿهڪن جو ايڪسيڊنٽ ٿي پيو هو.

'تون ڏاڍي پاڳل آهين.'

'هـ. ها. ها تڏهن ته مسلسل دوکا کائيندي پئي اچان: دوستين جي نالي مر، محبتن جي نالي مر، سچائين جي نالي مر.'

پاڻيءَ جو گلاس پري آيو هوس. تو پرس کولي 'وليم فائيو' جي شيشي ڪڍي، هڪ گوري زبان تي رکي، پاڻيءَ جو ڏڪ پري ڇڏيو هيئي.

'گوريون ٻيهر کائڻ لڳي آهين؟'

ٽشوءَ سان لڙڪ اگهندي، ٻارن جيان ڪنڌ ڏوڻي چيو هيئي:

'توسان ڪوڙ ڪونہ ڳالهائيندوس. پوئين ڏيڍ مهيني کان گوريون ٻيهر کائڻ لڳي آهيان. خوابن مر بہ تون مون کي صبا سان هٽ مر هٽ ڏئي گهمندي نظر ايندو آهين. ان چوريءَ، منهنجي زندگي مر زهر اوتي ڇڏيو آهي. مون کي محسوس ٿيندو آهي جيسين تون مون سان هوندو آهين. منهنجو هوندو آهين. الگ ٿيڻ کان پوءِ، تنهنجيون ٻانهون، تنهنجا چپ، سڀ پراوا ٻڌجي ويندا آهن.'

شدت سان احساس ٿيو هئمر. جڏ توسان دوکو ڪري رهيو هئمر. چيو هئمر:

'چا ٿي چاهين.....؟'

'منهنجي ڪا حيثيت آهي؟'

'تنهنجي حيثيت، منهنجي هئڻ جي احساس آهي.'

'صبا سان ڳالهائڻ ڇڏي ڏي.'

'اها تنهنجي خواهش آهي.....؟'

'ڪجهہ بہ سمجهہ.....؟'

ٻوڏاري مر پئجي ويو هوس. چيو هئمر:

'ٺيڪ آهي.'

ڪرسيءَ تان اٿي بيٺي هئينءَ. چيو هيئي:

'هيڏي آ.....'

تنهنجي ويجهو آيو هوس. پنهنجون ٻانهون پکيڙي چيو هيئي:

'پاڪي پاءِ.....'

تنهنجي مختصر چيلهه جي چوڌس، پانهن جو زنجير وڪوڙي ڇڏيو هئم. چيو هيئي:

'زور سان پاءِ.'

پانهن جو گهيرو، تنهنجي چيلهه تي وڌيڪ سوڙهو ڪري ڇڏيو هوم.

'اڃان بہ.'

ڪجهه وڌيڪ سوڙهو ڪري ڇڏيو هوم.

'اڃان بہ.'

جسم جو زور پانهن ۾ اوتي ڇڏيو هوم. رڙ نڪري وئي هيئي:

'بس بس.'

مون زور وڌائي ڇڏيو هو. ڪلندي چنگهندي چيو هيئي:

'مري ويندوس.'

پانهن جو زور گهٽائي ڇڏيو هئم. ۽ تنهنجا ٿهڪ، ڪلاس روم جي فضا ۾ 'ايئر فريشنر' ٻڏجي، چوڌسا ڦهلجي ويا هئا. صبا ڪلاس ۾ داخل ٿي هئي. سندس چهري تي رات ڄاڻجي وئي هئي. صبا کي ڏسي هڪ پل لاءِ، تنهنجن ٿهڪن کي بريڪ لڳي ويو هو. پوءِ تون وڌيڪ قدآور ٿهڪ ڏئي ٽڙي پئي هئينءَ. ۽ تنهنجون پانهون منهنجي چيلهه ۾ وڌيڪ مضبوط ٿي ويون هيون. صبا در تان واپس هلي وئي هئي.

ڪلاس روم مان نڪري، ڪاريڊور ۾ آيا هئاسون تہ صبا کي ڏٺو هئم. جيڪا ڪاريڊور جي ڪنڊ ۾ ٽلهه کي ٽيڪ ڏئي، گل مهر جي ڳاڙهن گلن ۾ هڪ ٽڪ گهوري رهي هئي. ڪن لاءِ منهنجي اندر زلزلو مچي ويو هو. ها، رڳو ڪن لاءِ. اسان ٻئي وک وک سڃاتلن ۾ مرڪ جو اڌ ڪڙيل مڪڙيون ورهائيندا هلڻ لڳا هئاسون.

صبا مون سان ڪيترائي ڀيرا ڳالهائڻ چاهيو هو ۽ مان لنوائي ويو هوس. هڪ ڀيري فيڪلٽيءَ جون ڊاڪٽيون چڙهي رهيو هوس تہ صبا گرلز ڪينٽين جي لوهي گيٽ مان نڪري ذري گهٽ ڊوڙندي منهنجي آڏو اچي بيهي رهي هئي. اکين ۾ گهوريندي چيو هئائين:

'چاهين ٿو مان يونيورسٽي ڇڏي هلي وڃان.....؟' ڊاڪٽين جي وچ تي نالهه ٻڌجي ويو هوس.

'مون آخر تنهنجو ڏوهه ڪهڙو ڪيو آهي.....؟' ڪنڌ جهڪائي، تو وٽ هليو آيو هوس. چيو هئم:

'منهنجي گلي مر تڪليف آهي.'

تو پرس مان 'اسٽريپسلز' ڪڍي ڏني هئي. ڪجهه دير کان پوءِ صبا اسان جي پر مان لنگهي وئي هئي. تو منهنجي چهري تي ڪوبه تاثر نه ڏسي چيو هو:

'ڪيڏي اداس هئي.....؟'

مرڪي ڇڏيو هئس.

'ڏک نه ٿو ٿيئي.....؟'

'فائدو.....؟'

'يار، هوءَ توسان عشق ٿي ڪري.'

'ء مان توسان.'

'مان فلائنگ ساسر ڪائيندوس.'

تو ٻانهن ورائي منهنجي ٻانهن مر وڌي هئي. ڊپارٽمينٽ جي آفيس جو دروازو پار ڪري سيڪنڊ فلور جي پئين ڪاريڊور مر اچي ويا هئاسون. هميشه جيان اتان ئي بن فلائنگ ساسرن جو آربر ڏنو هوسون. ء هن هميشه جيان سيليفين جي ٿيلهيءَ مر فلائنگ ساسر بند ڪري، اسان ڏانهن اڇلائي هئي. هڪ پيري ته پاڻ ڊپارٽمينٽ جي آفيس مان پلاسٽڪ جي ننڍڙي بالٽيءَ جي ڪڙي مر تنهنجو ء شبنم جو رئو ڀڏي ان فلائينگ ساسر واري کان آئسڪريم ٻه ورتي هئي.

رات جو شدت سان احساس ٿيو هئم ته مون کي صبا سان ائين هلڻ نه ڪپندو هو. چو ته رشتن توڙڻ جا ٻه ڪي اصول ٿيندا آهن: جيئن رشتن قائم ڪرڻ جا. جيڪي تو نه ٿي جاتا. تون ته پارن وانگر هئينءَ. بس هي ٿيڻ گهرجي. هي نه ٿيڻ گهرجي کان سواءِ تو وٽ ڪنهن ٻه ٽين ڳالهه جي اهميت نه هئي. ء مان اهو ڄاڻندي ٻه ته محبتن مر ماڻهو سواءِ

هڪئي جي، سڄي دنيا کي 'جيليسيز' ڏيندو ۽ ونندو آهي؛ ٻئي ڏينهن صبح جو تنهنجي غير حاضريءَ ۾، صبا کي سندس ڪلاس جي ڏڳهي درياءَ مان سڏي ان مهل ڪاربڊ ڏنو هو جڏهن سيما ۽ شگفتہ بہ ساڻس گڏ ويٺيون هيون. ڪاربڊ ڏيندي سرپاڻن ۾ چيو هومانس:

'في الحال هن کي نہ پڙهجاءِ.'

سيما مون کي معنيٰ پريل نظرن سان ڏنو هو. دريءَ تان هٽي ڪارنرس تي ويهي رهيو هئس. تون سيمينار ۾ ڪتاب واپس ڪري اچي وئي هئينءَ. اسان ڪاربور مان ايندڙ چوڪرين ۽ چوڪرن جي هلڻين، هيئر اسٽائيلن، لباس ۽ ميڪ اپ مٿان تنقيد ڪري مزا وٺي رهيا هئاسون تہ، مون کي شدت سان باٿ روم جو خيال آيو هو ۽ مان ڏري گهٽ ڊوڙندو هليو ويو هوس. ٽوائلٽ مان باهر نڪتو هوس تہ ڏنو هئم، سيما توسان گڏ ويٺي هئي. ويجهو پهتو هئس تہ هوءَ اٿي هلي وئي هئي. تنهنجو موڊ آف هو. منهنجي ويهڻ کان اڳ چيو هيئي کهري آواز ۾:

'صبا کي جيڪو ڪاربڊ ڏنو اٿئي، واپس وٺينس.'

ڪجهہ چوان ٿي، تو ڪلاس روم جي ڪليل دريءَ ڏانهن وڏندي چيو هو:

'نہ، تون چو ــ؟ مان پاڻ ٿي وٺندوس.'

دريءَ مان صبا کي سڏي چيو هيئي:

'صبا، پنهونءَ جيڪو توکي ڪاربڊ ڏنو آهي. واپس ڪر.....'

صبا وائڙائپ منجهان مون ڏانهن ڏنو هو، منهنجي چهري تي ڪجهہ نہ پسي چيو هيائين:

'ڪهڙو ڪاربڊ.....؟'

'ڪاربڊ شرافت سان واپس ڪر.'

'مون وٽ ڪوبہ ڪاربڊ ڪونهي.....'

صبا پرس ڪرسيءَ تان کڻي باهر نڪري آئي هئي.

'توکي شرم اچڻ گهرجي. نيچ. ذليل. ڪميٽي.....'

تنهنجن گارين جي پڙاڏن تي ڪاربور ۾ گهمندڙ چوڪريون ۽ چوڪرا پنڌ پهڻ ٿي ويا هئا.

'تون مون کي پيڻ ۾ چئين ٿي. ۽ مون سان ايڏو وڏو دوکو ۾ کرين ٿي...؟... تو... تون هن کي پاڻ ۾ چئين ٿي. ۽ پاڻ سان عشق ۾ کرين ٿي...؟... پڏي نہ ٿي مرين اهو سڀ کرڻ کان.....؟'

صبا. مون ڏانهن پريل پريل نيٽن سان تکڻ لڳي هئي. توکي ڀانهن کان وٺي گهلڻ لڳو هوس. مون سان گڏ گهلجندي پرس مان 'ويليم فائيو' جي شيشي ڪڍي هوا ۾ لهرائي چيو هيئي:

'ياد رک. جيڪڏهن مون کي ڪجهه ٿيو تہ منهنجي موت جي ذميدار تون هوندين۽. تون!'

صبا. چوکرن ۽ چوکرين جي ميڙ جي وچ ۾ ڪلاس جي پٽ کي ٽيڪ ڏئي. مون ڏانهن گهوريندي رهي هئي. ۽ مان توکي ڀانهن کان گهليندو سيکنڊ فلور جي ڪنڊ ۾ وٺي ويو هوس.

'توکي اهو سڀ، وچ ڪاريدور ۾ نہ ڪرڻ ڪپندو هو. هر ماڻهوء جي عزت هوندي آهي.'

'عزت ــ؟ اهڙيء ذليل چوريء جي ــ؟ جيڪا مون سان فراڊ ٿي ڪري؟ جيڪا توکي مون کان کسڻ ٿي چاهي ــ؟ ــ'

'هوء توسان ڪوبہ فراڊ نہ ٿي ڪري. نہ ئي مون کي توکان کسي سگهي ٿي. جيسين مان پاڻ نہ چاهيان.'

'تون بہ تہ مون سان فراڊ ڪرڻ لڳو آهين. واعدو ڪرڻ جي باوجود. هن کي ڪاڊ ڏنئي. هن سان ڳالهائين ٿو.....'

'مان هن سان رڳو پنهنجا 'رليشنس' ختم ڪري چڏيا آهن. جن تي توکي سدائين شڪ رهيو آهي.'

'رليشنس ختم ڪرڻ لاءِ چا اهو سڀ ڪرڻ ضروري هو؟'

'ها. آخر ۾ مون ضروري سمجهيو.'

'تون فراڊ آهين. فراڊ آهين. تو مون سان دوکا ڪيا آهن. تون مون سان دوکا ڪندو رهيو آهين.'

'ايڏو وڏو الزام نہ هڻ. سنجها.'

'مان هڻندوس. چو تہ تون هن نيچ، چورا مٽائيندڙ چوريء جي ڪري. مون سان دوکا ڪيا آهن.'

ء مان چئي ويئو هوس: 'تنهنجو، پنهنجي باري ۾ ڪهڙو خيال آهي.....؟'

هڪدم چپ ٿي وئي هئينءَ. بي عزتيءَ جو احساس تنهنجن نيٽن ء چپن جي ڪنڊن تي لهي آيو هو. 'سئو ٽيو ٻڌائي ڇڏيئي. مان اينري ئي خراب آهيان نه.....؟'

'خراب اسان سڀ آهيون سنجها. تنهن ڪري اسان ڪنهن کي نه خراب چوڻ جو حق نه ٿا رکون.'

'نه نه خراب رڳو مان آهيان.'

نيٽن ۾ پرجي آيل لڙڪ تِشوءَ سان اگهندي، پرس ڪٽي وڃڻ لڳي هئينءَ.

'ڪيڏانهن .....؟'

'مان خراب آهيان، توکي ڪا سٹي چوڪري ملي وڃي نه، ته ان سان شادي ڪري ڇڏجانءِ.'

'سنجها..... ڳالهه ٻڌ.... منهنجي ڳالهه ٻڌ. سنجها.....' ء تون ويندي رهي هئينءَ. ڪاوڙ جو زهر جسم ۾ ڦهلجي ويو هئم. پريل آواز ۾ چيو هئم:

'ٺيڪ آهي، مون کي ڇڏڻ ٿي چاهين نه.....؟. سمجهي ڇڏيندس ته اسان منزلن جي ڳولها ڪندي، غلط رستن تي پٽڪي. هڪ ٻئي سان ملي ويا هئاسون. گڈ باءِ.'

ڪاوڙيل ڏاند جيان وڃڻ لڳو هوس. تو پٹيان رڙ ڪئي هئي:

'پنهون، منهنجي ڳالهه ٻڌ.....'

مان هلندو ويو هوس. ء تون رڙيون ڪرڻ لڳي هئينءَ.

'پنهون، پنهون.... منهنجي.....' ڊوڙندي اچي منهنجي ڏوري کان جهلي چيو هيئي:

'مان مري ويندوس.'

'مان فراڊ آهيان نه...؟ هن وقت تائين توسان فراڊ ڪندو آيو آهيان!'

'ڏس مان توکي ٻانهون ٿي ٻڌان.... مان مري ويندوس.' اندر ئي اندر آنرجي ويو هوس. جڏهن به مون کي هٿ ٻڌا هيئي. ٻاڻ کي ڏاڍو

ڪريل محسوس ڪيو هئم. چو ته مان دنيا جي هر عورت لاءِ ڪهڙا به غلط احساس چو نه رکندو هجان، پر ساڳي وقت پنهنجي ماءُ جو تقدس به پسندو آهيان. آگرين سان تنهنجا لڙڪ اگهي چڏيا هئم. ۽ پاڻ مسلسل هڪ ٻئي جي پرسان هلندي به، اڪيلا اڪيلا، چپ چپ. جاتل سجاتل رستن مٿان اجنبين جيان هلندا رهيا هئاسون. پوءِ تو پانهن ورائي منهنجي چيلهه ۾ وڌي هئي ۽ ڪنڌ ڪٽي مون ڏانهن ڏسڻ لڳي هئيءَ. پر مان سڌو ئي سڌو هلي رهيو هوس. منهن ۾ ڏسندي چيو هيئي: 'مون ڏانهن ڏس...؟' هڪ نظر تنهنجي چهري تي اڇلي منهن ڦيري چڏيو هئم: چيو هيئي: 'ڏس نه...؟' تنهنجن نيٽن ۾ نهاريو هئم. چيو هيئي: 'ناراض آهين؟'

'نه.'

'مون ڏانهن چو نه ٿو.....؟'

'ڏسان ته پيو.' هڪٻئي ڏانهن ڏسندي هلڻ لڳا هئاسون. ۽ مرڪ پنهين جي چپن تي سري آئي هئي. هميشه جيان تالو مون کوليو هو ۽ ڪنڊي تو. سڀئي آواز باهر رهجي ويا هئا. ان ڏينهن تو مون کي ڏاڍو پيار ڪيو هو، نيٽن تي، نڪ تي، چپن تي، ڪلهن تي ۽ سيني تي. پهريان هلڪيون هلڪيون 'ڪِسس' ۽ پوءِ هلڪا هلڪا چڪ. آخر ۾ چتوڙ نموني چڪ پائي، چرين جيان چيو هيئي:

'تون منهنجو آهين.'

'رڳو منهنجو آهين.'

'منهنجو آهين.'

'منهنجو آنهه.....'

'منهنجو.....'

'منهن.....'

'مم .....'

..... ۽ ڪجهه دير اڳ اسان پنهين جي وچ ۾ ڪڙو تي ويل اجنبيت جو گرم ۽ سخت احساس هوريان هوريان ڏرو پئجي ويو هو. ٻئي نستا ليٽي، چت ۾ گهورڻ لڳا هئاسون.

ڪارڊ، جيڪو هڪ ڏينهن اڳ مون صبا کي ڏنو هو تنهن جي اڳين حصي تي، ڳاڙهي تر ۾ اڇن اکرن سان لکيل هو: 'Sorry'. ڪارڊ جي ٻئي پاسي لکيو هئم:

'صبا ـــــ نه مان توسان ملندس، نه تون مون سان ملڻ جي ڪوشش ڪج. جيڪڏهن ڪٿي ملي به وڃون ته اسان جي چهرن تي سواءِ 'جنبيت جي ٻيو ڪوبه احساس نه هڻڻ گهرجي. (منهنجو 'رموٽ' ڪنٽرول سنجها جي هٿ ۾ آهي.) ـ روبوٽ

اهوئي ڪارڊ هو، جنهن لاءِ تو ايڏي واويلا مچائي هئي. صبا جي ٻري ڪاريڊور ۾ بي عزتي ڪئي هئي. هوءَ سڀ ڪجهه ٻڌندي به رات جي پوئين پهر وهندڙ ڪنهن مانيٽي ندي‌ءَ جيان چپ چاپ مون ڏانهن ڏسندي رهي هئي. نيٽن ئي نيٽن ۾ چوندي رهي هئي: (اهو سڀ تون آهين؛ آزمائي وٺ جيترو آزمائي سگهين.)

صبا کي تو پنهنجو ڪامپليڪس بڻائي ڇڏيو هو. اڻندي ويهندي، خوابن ۾ به. مان صبا لاءِ سوچڻ ڇڏي ڏنو هو. ۽ تو شروع ڪري ڇڏيو هو. هوءَ مون کي ياد به نه هوندي هئي ۽ تون مون کي ياد ڏياري ڇڏيندي هئين‌ءَ. اصل ۾ صبا ذهني طور تنهنجي ذهن تي 'ڊامينيٽ' ڪري وئي هئي. ڪجهه نه هوندي به، تو هن کي گهٽو ڪجهه بڻائي ڇڏيو هو. تو صبا کي ايترو ته پنهنجي مٿان ۽ منهنجي مٿان سوار ڪري ڇڏيو هو، جو هوءَ هروپرو منهنجي خيالي محبوبا ۽ تنهنجي دشمن بڻجي وئي هئي. انهي‌ءَ ڳالهه تان روز وڙهڻ لڳا هئاسون. ڪلاس روم ۾، رستن مٿان ۽ گهر ۾. توکي هميشه صبا جي ذڪر کان روڪيندو هوس. ۽ تون وڌيڪ شدت سان هن لاءِ ڳالهائڻ لڳندي هئين‌ءَ. صبا، منهنجي تو پاران مڙهيل نه ختم ٿيندڙ ڪهاڻي بڻجي پئي هئي. هڪ پيري ته تو هن جو ايترو ذڪر ڪيو جو مان ايبنارمل ٿي ويو هوس. ان ۾ تنهنجو ڏوهه نه هو. توکي احساس هو ته هوءَ توکان وڌيڪ 'اٽريڪٽو'، 'سيڪسوئل' ۽ 'اسٽائلش' هئي. ۽ مون کي پهريون پيرو شدت سان احساس ٿيو هو ته تنهنجي 'بولڊنيس' اصل ۾ تنهنجي اوٽائين جو 'ماسڪ' هئي. توکي پاڻ تي ويساهه نه هو تنهن ڪري تو مون تي به ويساهه ڪرڻ ڇڏي ڏنو هو. ۽ صبا تنهنجي لاءِ هڪ ذهني

عذاب بڻجي وئي هئي.

منهنجي ڪري صبا جو وچ ڪاريدور ۾ اپمان ٿيو هو. جنهن جو مون کي ڏک هو. چاهيو هئم سندس گهر وڃي معافي وٺ پر تنهنجو مانُ ٽوڙڻ نه ٿي چاهيم. چو ته مون توسان سمورين سچاين سان محبت ڪئي هئي. تڏهن ئي ته مون کي تنهنجا سمورا 'ڪامپليڪس' تنهنجي سونهن جو حصو لڳندا هئا. تڏهن ئي ته مان پنهنجي سموري 'سوشل لائيف' کي الوداع چئي چڏيو هو. تنهنجو رويو منهنجي هر دوست سان ڪيڏو ڪڙو هوندو هو؟ منهنجن دوستن کي تو سدائين پنهنجي ۽ منهنجي وچ ۾. ٽوهر جي نه ٽٽندڙ ديوار سمجهيو هو. نه ڄاڻ ڪيترا پيرا، منهنجن دوستن کي منهنجي آڏو نيچ بڻايو هيئي. پر پوءِ به هن مون وٽ اچڻ نه چڏيو هو. ها، هن اچڻ گهٽائي ضرور چڏيو هو. هڪ پيري علي، ڪراچيءَ مان ڪهي مون سان ملڻ آيو هو. پاڻ فائينل جي ڪلاس ۾ وينا هئاسون. هن کي ڏسندي ئي تنهنجو مود خراب ٿي ويو هو. پوءِ به چڏهن هو نه اٿيو هو ته هن کي ڪليل لفظن ۾ نڪري وڃڻ لاءِ چيو هيئي. ۽ هو نڪري وڃڻ بدران مرڪڻ لڳو هو. مان هن سان گڏجي وڃڻ لڳو هوس ته تو ڪاوڙ ۾ اچي پنهنجي هٿ ۾ جهليل ننڍڙي قينچي پوري سگهه سان مون ڏانهن اڇلائي هئي. قينچي هوا ۾ اڏامندي منهنجي ڪنڌ ڪان اڏرندي وڃي دروازي ۾ ڪتي هئي. وينل چوڪرين کان رڙيون نڪري ويون هيون. ٻاهر نڪتا هئاسون ته علیءَ مرکي چيو هو: 'تنهنجي محبوبا ۽ منهنجي زال ۾ ڪوبه فرق ناهي. اصل ۾ اسان جون زالون ۽ محبوبائون اسان جن دوستن کي پنهنجون ٻهاڙون ٿيون سمجهن.'

پوءِ چڏهن ڪراچي هليا هئاسون ته ٽئين ڏينهن علیءَ جي ئي گهر رهيا هئاسون!

ريڊيو تي توکي نيوز ڪاسٽر جي نوڪري ملي وئي هئي. تون مهيني جا آخري ٻارنهن ڏينهن شام جو ريڊيو وڃڻ لڳي هئينءَ. مان اڪثر تو وٽ ايندو هوس. توهان جي نيوز سيڪشن ۾ منهنجو دوست ظهير به

ساڳين ڏينهن تي نيوز ٽرانسليٽ ڪندو هو. تون هن جي خاندان کي چگيءَ طرح سڃاڻيندي هئينءَ. هڪ ڀيري حيرت مان چيو هيئي:

'يار، ڪمال آهي.... ظهير چگي امير خاندان جو آهي. پوءِ به ٽن سؤن جي لاءِ ٽاڪ منجهند جو ڪٽان کان کهي ٿو اچي....؟'

هڪ ئي سيڪشن ۾ ڪم ڪرڻ سبب، تون ظهير سان فري ٿي وئي هئينءَ. ۽ تنهنجي، منهنجن ۾ين دوستن جيان بيحد عزت ڪرڻ لڳو هو. جنهن ڏينهن تو وٽ اچي نه سگهندو هوس، ظهير توکي ريڊيو جي گيٽ تان رڪشا پڪڙي ڏيندو هو. ۽ مان بي اونو ٿي ويو هوس. چو ته مان چاهيندو هوس ته توکي ڪنهن به قسم جي تڪليف نه پهچي. ظهير جيترو قدآوار ۽ سمارٽ هو، اوترو ئي سياڻ جو سلجٽو.

منهنجي انهيءَ نارد مُني دوست، جنهن کي تو منهنجي جاسوسيءَ تي لڳائي ڇڏيو هو ۽ جيڪو پنهنجا فرض، ڪنهن پگهاردار جاسوس جيان نيائي رهيو هو، جنهن توکي اهو چئي مون کي ڇڏي ڏيڻ لاءِ چيو هو ته: 'جيڪو شخص پنهنجي ماءُ سان سچو ناهي، سو پلا توکي ڪهڙي سچائي ڏيندو.' ۽ جنهن، شروع شروع ۾ ظهير کي تنهنجي لاءِ چيو هو، 'اڙي يار، مان سنجها کي چگي طرح سڃاڻان. وڏي چڪرباز ۽ فلرٽ آهي. ڏسجانءِ هڪ ڏينهن پُنهونءَ کي چڏي هلي ويندي.' نه مان پنهنجي ماءُ سان نفرت ڪندڙ هوس، نه ئي تون چڪر باز هئينءَ. اها نارد مُنيءَ جي عورت ۽ دوستيءَ جي باري ۾ محدود 'اينالائيسس' هئي. پر مان اڄ به ڪيس هڪ سئي چترڪار ۽ ۾ن شريف ماڻهن جي وچ ۾ جهيڙو ڪرائي، صفائيءَ سان گم ٿي ويندڙ جي حيثيت ۾ مڃان ٿو. ها اهي ٻئي ڳالهيون هن ۾ اُتم موجود هيون!

نارد مُني صبا سان به اڪثر ملندو رهندو هو. ڪنهن ٻڌايو هوس ته صبا انهن چوڪرين مان آهي جيڪي وڏن وڏن 'پريزنٽس' تي هرڪي پونديون آهن. ۽ هن محنت سان ڪمايل پئسن مان صبا کي قيمتي 'پريزنٽس' پيش ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيا هئا. هو اهو ڪڏهن به ڄاڻي نه سگهيو هو ته عورت ۽ رشوت ونڊڙ باس ۾ ڪوبه تعلق نه هوندو آهي.

ڪراچي ويو هئس. ساڳي ئي ڏينهن تي ڪنهن پهر، صبا ۽ ڪراچي هلي وئي هئي. اهڙي سڌ توکي نارد مُني ڏئي چڏي هئي. جنهن ڏينهن واپس آيو هئس، ان رات جي ڪنهن پهر صبا ۽ واپس اچي وئي هئي. اهڙي سڌي ۽ توکي نارد مُني پنهنجو فرض سمجهي پهچائي هئي. توسان مليو هوس. تنهنجن نيٽن ۾ ساري جڳ جو درد پريل نظر آيو هئم. پاڳلن جيان مون کي ڏسڻ لڳي هئينءَ. ڪجهه ۽ سمجهي نه سگهيو هوس. چاهيو هئم توسان ڳالهائيان، پر تو سواءِ گهورڻ جي ڪجهه ۽ نه ڳالهايو هو. ۽ مان واپس هليو آيو هوس. بيءَ رات نارد مُني سهڪندو سهڪندو مون وٽ آيو هو. چيو هئائين:

'يار وڏو چڪر ٿي پيو هو. وڏي محنت سان معاملي کي سنپاليو اٿم.'

ڪنهن اڻڄاتل خطري جو احساس ٿيو هئم. چيو هئائين: 'منجهند جو اتفاق سان صبا ۽ سنجُهها. راحت حسين وٽ ملي ويون هيون. پنهين ۾ سخت ڏي وٺ ٿي هئي. اهوئي راحت حسين جيڪو مون کي بنهه ڪونه وٺندو هو. سندس چهرو ۽ ڪيڏو نه پيانڪ هو.....؟ جنهن جي آفيس ۾ سڄي شهر جا جوڙا اچي رومانس ڪندا هئا ۽ هن کان پنهنجا مسئلا حل ڪرائيندا هئا. جيڪو پاڻ کي وڏو پامسٽ، سيڪالاجسٽ ۽ ائسٽرالاجيءَ جو ماهر سمجهندو هو. سندس چواڻي، هو اڄ تائين ٽيهه عشق ڪري چڪو هو. پر مون کي حيرت هئي ته هو پنهنجي اڪيلي زال کي به 'سيٽسفاءِ' ڪري نه سگهيو هو. هوءَ ڪائنس گهٽا سال اڳ طلاق وٺي چڪي هئي. ڪيس سڄي شهر ۾ ۽ خاص طور تي يونيورسٽيءَ ۾ ٽيندڙ عشقن جي گهٽي سڌ هئي. تون، مون کي ۽ ڪيترا پيرا هن وٽ وٺي هلي هئينءَ، پر مان ڪڏهن ۽ هن جي پيرن ۾ پاڻ وڇائڻ جي ڪوشش نه ڪئي هئي. جو ته مون ڪڏهن ۽ ڪنهن ٽئين کي پنهنجي ذاتي معاملي ۾ داخل ٽيڻ جو حق نه بخشيو هو. هميشه چاهيو هئم، جو ڪجهه ۽ اسان پنهين جي وچ ۾ ٽئي، اسان تائين محدود رهي. پر تون هر سچاتل جي آڏو منهنجي ۽ صبا جي شڪايتن جي بٽالين کي ڪڙو ڪري، مارچ پاسٽ ڪرائڻ لڳندي هئينءَ جيڪي تنهنجا پنهنجا پيدا ڪيل خوف هئا. ان وقت مون کي تو مٿان ڏاڍي ڪاوڙ ايندي هئي. پر تون پنهنجي هر غلط عمل

کي حق سمجهي استعمال ڪندي هئينءَ ۽ منهنجي هر صحيح عمل کي ظلم چئي رد ڪري چڏيو هيئي. نارد مُنيءَ ٻڌايو هو: راحت حسين وٽ، توهان ٻنهين ۾ سخت ڏي وٺ ٿي هئي، ۽ منهنجي لاءِ چيو هيئي: پنهون.....؟ جنهن وٽ هڪ پينٽ هڪ شرٽ کان سواءِ آهي چا.....؟ جنهن کي مان جڏهن چاهيان، چڏي سگهان ٿي. ۽ هن ڪنگلي کي مون کان سواءِ 'لفٽ' ڏيندو ٻ ڪير؟ نارد مُنيءَ اهو ٻ ٻڌايو هو ته تنهنجن انتها جي گارين ۽ الزامن کان پوءِ صبا ٻارن جيان روئي پئي هئي. اها تنهنجي ظلم جي انتها هئي سنجها؛ نه ته صبا انهن مان هئي. جن جي اندر ۾ ڏک جا هزارين وائلن چو نه وڄي پون، پر لڙڪ ڪڏهن ٻ سندن پنبڻين جي سرحدن کي پار ڪري نه سگهندا آهن.

اهو سڀ ڪجهه ٻڌڻ کان پوءِ دک جو ٻاهر دونهون اندر ئي اندر منهنجي ساهه کي گهٽڻ لڳو هو. صبا اوچتو گن پوائنٽ تي اچي ويل بي گناهه چوڪري لڳي هئم. نارد مُني ويندي ويندي مون کي تنبيهه ڪري ويو هو، 'سپاٽي شام جو تون مون کي ريڊيو اسٽيشن ٻاهران ضرور مل. ۽ خدا جي واسطي، سنجها توکي ڪجهه ٻ چئي جذباتي نه ٿجانءِ، چو ته هن کي سخت ڏک ۽ ڪاوڙ آهي.' ۽ مان سڄي رات سمنڊ جيان چلندي گذاري چڏي هئي.

نارد مُني ۽ مان ريڊيو جي گيٽ وٽ تنهنجو انتظار ڪري رهيا هئاسون. تون ڊيوٽي ختم ڪري ريڊيو جي گيٽ مان ڪنڌر چهري سان نڪتي هئينءَ. ۽ نستين وکن سان اسان ڏانهن اچڻ لڳي هئينءَ. منهنجي آڏو اچي ائين ڏنو هيئي، جڻ مون تنهنجن ڏنل محبتن ۾ پرٻڻ زهر ملائي چڏيو هو. چپ چاپ هلندا 'حلال احمر' جو گيٽ کولي ننڍڙي پارڪ ۾ ويهي رهيا هئاسون. ڪاوڙ ۽ ڏک منهنجي سيني ۾ الیکٽرڪ ڪٽر ۾ اوچتو اچي، ٻ اڌ ٿي ويل هٽن جيان ڦٽڪي رهيا هئا. آخر تون اسان جي وچ ۾ هڪ ٻاهرين کي گهلي آئي هئينءَ؟ نارد مُني ڪير ٿيندو هو اسان جي محبتن ۽ دکن جي وچ ۾ پُل بڻجڻ وارو.....؟ توکي هميشه چيو هئم. 'سنجها، تنهنجون ڏنل محبتون ۽ ڏک رڳو منهنجي لاءِ آهن. ان ڪري انهن

تي رڳو منهنجو حق آهي. انهن جو اظهار ٻين آڏو ڪرڻ، معنيٰ تنهنجن ڏنل مقدس جذبن جا وچ رود تي ڪپڙا ڦاڙڻ آهن. ۽ توکي به منهنجن ڏنل جذبن جو ايترو احترام هئڻ گهرجي.' پر فيڪلٽيءَ جي ڪاريدور ۾، ان کان پوءِ راحت حسين وٽ پوري آواز سان صبا ۽ مون مٿان الزامن جي پٿر بازي، ۽ ان مٿان نارد مُنيءَ کي وچ ۾ آڻي تون منهنجن ڏنل محبتن ۽ دکن جا وچ رود تي هڪ ئي سٽ ۾ سيئي ڪپڙا ڦاڙي ڇڏيا هئا.

نارد مُنيءَ جي شڪي ڀالهين توکي ذهني مريض بڻائي ڇڏيو هو. تون خيالن ۾ مون کي پاڻ کان الڳ ٿيندي ڏسي يا سمجهي، پاڻ کي 'ان سيڪيوئر' بڻائي ڇڏيو هو. ۽ ان جي بچاءُ ۾ تون هر وک بنا سوچڻ جي کڻندي هلي وئي هئينءَ. اسان ۾ ويچن جو بنياد رکڻ وارو نارد مُني هو جنهن جي سڌ مون کي ته اڳ ئي پڄجي وئي هئي، پر توکي نه. تون سدائين هن کي پنهنجو همدرد چاتو هو. مڃان ٿو هو تنهنجو همدرد هو، پر اهڙو همدرد جيڪو رڻ مان موٽي آيل ماڻهوءَ کي گلوڪوز جو گلاس ته پري ڏي، پر ان ۾ سائنائيڊ جا ٻه ٽي ڦڙا وجهڻ نه وساري.

تون مسلسل مون ڏانهن گهوري رهي هئينءَ، پريل نيٽن سان. جن ۾ آخر تائين منهنجي خلاف 'سلوگنز' لهرائي رهيا هئا. شروعات ڪرڻ نه ٿي چاهيم. مون ڀالهائڻ ئي نه ٿي چاهيو. سڌ هيم ته منهنجي زبان مان هڪ لفظ به ٽڙيو ته هر ڏسا ڏنڊ ڇانئجي ويندو ۽ سڀ ڪجهه وڃائجي ويندو. نارد مُنيءَ چيو هيئي: 'ڏس هي تو وٽ اچي ويو آهي.'

تنهنجن نيٽن ۾ منهنجي خلاف لهرائيندڙ 'سلوگنز' وڏيڪ گهرا ٿي ويا هئا. نارد مُنيءَ چيو هو: 'توهان کي ڀالهائڻ گهرجي.....' جڏ پيٽرول جي ٽانڪيءَ کي ڪنهن تيلي ڏيکاري ڇڏي هئي.

'اهو سڀ ڪجهه ڪرڻ کان بهتر هيئي مون کي ماري ڇڏين ها تون.... تون منهنجين سمورين ڏنل محبتن کي 'بدست بن' ۾ اڇلي هليو وئين.....؟ هن ٽڪي جي چوريءَ سان راتيون گذارڻ لاءِ.....؟ راتيون... گذارڻ.....؟ توکي پنهنجي سنجها جو به خيال نه ٿيو..... رتيءَ برابر به نه....؟ انهن ڏينهن لاءِ سڃايون ڏنيون هيئي....؟ انهن ڏينهن لاءِ.....؟ مار مري ويندوس پنهون، مان مري ويندوس.' تنهنجن نيٽن ۾ لهرائيندڙ سمور

'سلوگنز' لڙڪن جي سيلاب ۾ لڙهي ويا هئا. لڙهڻ لڳا ها.

'غلط آهي اهو سڀ.' لفظ زبان مان ڦٽڪي نڪتا هئم. رڙ ڪري چيو هيئي:

'غلط ناهي. صحيح آهي. تون هن سان گڏجي ڪراچيءَ ويو هئين. من سان گڏ ڪراچيءَ مان واپس موٽيو آهين. هن ذليل چوريءَ سان. تون چا ٿو سمجهين..... آئون ايڏي بيوقوف آهيان....؟' طنز تنهنجن چپن جي ڪنڊن تان سمڻ لڳو هو ۽ نيٺ ۾ ڏڪار.

'اهائي نه وڏي ٽريجڊي آهي.'

'ها ها. مان بيوقوف آهيان. تڏهن ايڏو وڏو دوکو ڏنو اٿئي.'

'تون منهنجين محبتن جي انتها تائين ڪڏهن به پهچي نه سگهندينءَ. تون.... مون کي ڪڏهن به سمجهي نه سگهي آهين ـــ؟

ڪاوڙ جي اُس مٽان ڏک جي شام ڦهلجي وئي هئي. ۽ سڀ ڪجهه سرمائي ڏنڌ ۾ ڏنڌجي خواب بڻجي ويو هو. لڙڪ، آواز ۽ جسم سان گڏ ڏڪي ويا هئا. ڪجهه به چوڻ کان سواءِ، جهرندڙ جيءَ سان اٿي بيٺو هئم. مون سان گڏ تون ۽ نارد مني اٿي بيٺو هو. مئل آواز ۾ چيو هيئي: 'مان سياڻي ايندوس. انتظار ڪندين.....؟' هاڪار ۾ ڪنڌ لوڏي. وک وک ڌهندو هليو ويو هوس. نه چاهيندي به منهنجا پير. صبا جي گهر ڏانهن گهلجي ويا ها.

مون کي ڏسندي صبا جي چهري تي پرهه ڦلجي وئي هئي. چيو هئائين:

'اڄ منهنجي دل چيو پئي، تون ضرور ايندين.'

'چو ـــ؟'

اڪيلي صوفا تي ويهي رهيو هوس.

'توکي سنجها ملي آهي....؟'

'نه.' صبا سان ڪوڙ ڳالهايو هئم. ۽ هن سڪون جو ڏڳهو ساهه ڪٽي چيو هو.

'شڪر آ.'

'چو.....؟'

'خبر ٹئي ڪالهه چا ٿيو هو....؟'

'چا ٿيو هو.....؟'

'تون پورن ٽن مهينن کان پوءِ آيو آهين.'

'ڪالهه چا ٿيو هو.....؟'

'تنهنجي نارد مُني دوست مون کي راحت حسين وٽ وڃي ويو هو. اهو چئي ته راحت حسين مون کي گهرايو آهي.'

'پوءِ؟'

'مون کان اڳ سنجها ويني هئي. ۽ مان سمجهي وئي هيس ڪجهه غلط ضرور آهي.'

'هون.....؟'

راحت حسين مون کي چيو: 'مان توکي پنهنجين ڏيئن وانگر سمجهندو آهيان.' چپ چاپ ٻڌندي رهي هيس. پوءِ چيائين: 'مون کي صفا ٻڌائي ڇڏ. تون پنهونءَ لاءِ ڪهڙا احساس ٿي رکين؟' چيومانس: 'سر. هو ڏاڍو سٺو آهي. بي انتها. منهنجي دل ۾ هن لاءِ بي انتها عزت آهي.' ڇوڙ لڳو: 'تون هن سان ڪراچيءَ ۾ گهٽا ڏينهن رهي هئينءَ؟' ڏاڍي حيرت لڳي هئم ته تون ۽ مون سان گڏجي ڪراچيءَ هلندين.....؟ اهڙي منهنجي قسمت ڪٿي. چيومان: 'سر. آئون ڪراچي وئي ته هيس. پر اڪيلي. ۽ پنهنجيءَ ماءُ جي گهر رهي هيس. پر مون سان گڏ. مون کان سواءِ ٻيو ڪوبه نه هو.—' سنجها مسلسل مون کي گهوري رهي هئي. سندس چهرو باهه جو اُلو ٻڌجي ويو هو. رڙ ڪري چيائين: 'هيءَ بڪواس ٿي ڪري. ڪوڙ ٿي ڳالهائي. سر. هن منهنجو جيئڻ حرام ڪري ڇڏيو آهي. هن ذليل چوريءَ، مون کان منهنجو سڀ ڪجهه کسي ورتو آهي. هيءَ پوربون ٿي راتيون. هن سان گڏ سمهي آئي آهي. هن چوريءَ جو سواءِ ٻين جا گهر ڦٽائڻ جي ڪوبه ڪم ناهي. خدا سندس سڪون برباد ڪيو آهي.' سنجها ايڏو زور سان ڳالهايو هو. جو آفيس جا سڀئي ملازم ڪنا ٿي ويا هئا. ۽ مان زندگيءَ ۾ ٻيو پيرو پنهنجن لڙڪن تي ڪنٽرول ڪري نه سگهي هيس. مون کي سمجهه ۾ اچان ٻه نه ٿو اچي ته سنجها مون تي ايڏو وڏو

الزام جا لاءِ مڙهي ڇڏيو آهي.....؟ ۽ ها جڏهن سنجها چيو: 'اهو پنهون؟ جنهن وٽ هڪ پينٽ ۽ هڪ شرٽ کان سواءِ آهي جا..... جنهن کي مون کان سواءِ چاهيندو ڪير.....؟' تڏهن منهنجي دل چاهيو هو ته چئي ڇڏيانس: مان، مان هن کي چاهيو آهي. مان هن کي چاهيندس. پر منهنجي اندر ۾ پرجي آيل دک ۽ منهنجا لفظ ٻڏي ويا هئا. رڳو ايترو چئي سگهي هئم. 'سر، اهو الزام آهي.' سنجها مون کي ٻيهر پوري سگهه سان ڏهن تي تري آيل گاريون ڏيڻ لڳي هئي. ايتريون گاريون. جو راحت حسين ٻه ڪيس چنيي ڇڏيو هو. ۽ سنجها اهو چئي ته. ڪوئي ٻه سندس ڪونهي. روئندي وڃڻ لڳي هئي. نارد مُنيءَ ڪيس ٻانهن کان روڪي جذباتي لهجي ۾ چيو هو: 'توکي پنهونءَ کي ناهي ڇڏڻو.' اسان ٻئي الائجي ڪيتري دير روئيندیون رهيون سين. اسان کي راحت حسين ڏاڍو سمجهايو هو. مان سنجها سان ان شرط تي پرتي هيس ته هوءَ اڳتي ڪڏهن ٻه پين جي آڏو تنهنجي بي عزتي نه ڪندي. ۽ سنجها مون سان ان شرط تي ڳالهايو آهي ته مان هاڻ ڪڏهن ٻه توکي لفٽ نه ڏيندیس.'

'تمام سٺو.' اڃي وڃڻ لڳو هوس.

'ڪيڏانهن.....؟'

'سنجها سان واعدو ڪري چڪي آهين.'

'پر منهنجي ڳالهه ته ٻڌ، جان.'

'چئو.'

'ويهه.'

ويهي رهيو هئس. صبا منهنجي ڪيسي مان سگريٽ جو پيڪيٽ ڪڍي. سگريٽ چپن جي ڪمان ۾ ڪشي، چيو هو: 'پابنديءَ سان پيئڻ لڳو آهين؟'

'ڪڏهن ڪڏهن خواهش ٿيندي آهي، بي حساب پيئڻ تي.' ماچيس ڏانهنس وڌائيندي. مون ٻه سگريٽ چپن ۾ پيڪوڙي ڇڏي هئي. صبا، پهرين پنهنجي. پوءِ منهنجي سگريٽ ساڳي تيليءَ سان دکائي هئي.

'تون مون کي سگريٽ پيئڻ کان روڪيندو چو نه آهين؟'

'تنهنجو پيا ڪٿي آهي؟'

'ڏيالداس ويو آهي، ۽ ڪلاڪ پيا آهن. سندس اچڻ ۾.'

'۽ تنهنجو پاڻ.....؟'

'چڏينس.'

'تون مون کي، سگريٽ چڪڻ کان ڇو نه روڪيندو آهين؟'

'تون ان ڪري منهنجي آڏو پيئندي آهين ڇا.....؟'

'هو و نم ..... نه.'

'توتي هروپرو جي پنهنجائپ وارو پوز هٽڻ نه چاهيندو آهيان. توکي ضرورت محسوس ٿئي ٿي، تون پيئن ٿي.'

'ضرورت؟ ـــ ضرورت ته مون کي ٻين شين جي به پئي ٿي.....؟'

'مثلن.....؟'

'چا، هر ڳالهه جي وضاحت ضروري آهي؟' صبا جي نيٽن ۾ ڪجهه لهي آيو هو. مون وات ۾ پرجي آيل دونهين کي زبان جو ور ڏئي، سيني ۾ لاهي پوريءَ سگهه سان هوا ۾ اڌاري چڏيو هو. مرکي چيو هيائين:

'تون ئي ٻڌائي.....؟'

'چا ٿو چئي سگهان؟'

'سڀ کان وڏو انگ هوندي به، تو پاڻ کي زيرو ٻڌائي چڏيو آهي.'

'زيرو اهو انگ آهي مس صبا، جيڪو جنهن به انگ جي آڏو لڳندو آهي ته ان انگ جو ملهه وڌي ويندو آهي.'

'اڄ توکي ياد ڪيئن آئي آهيان؟'

'ڏسڻ آيو هوس.'

'چا.....؟'

'هڪ عورت جو عورت سان ڪيل واعدو ڪيترو سچو آهي.'

'ان جي معنيٰ سنجها سان ملي آيو آهين.....؟'

'هون.'

'توکي سنجها چا ٻڌايو آهي.....؟'

'ڪجهه به نه.'

'پهريون پيرو عقل کان ڪم ورتو اٿئي.'

'نه، بيوقوفيءَ کان.'

'تون هر ان ڳالهه کي بيوقوفي ۽ بي ايماني سڏيندو آهين، جيڪا منهنجي سکون جو سبب بڻبي آهي.' صبا اڳي اڳي منهنجي پر مر ويئي هئي.

'سنجها منهنجي محبت جي انتها آهي.'

صبا رڙ نيڻن سان مون ڏانهن ڏسي هلکو ڪنڌ ڏوڻي ٻاهر نڪري وئي هئي. واپس آئي هئي تہ سندس هٿن مر چانهه هئي. هن ڪوپ منهنجي آڏو رکيل ٽيبل تي رکندي چيو هو:

'توکي مونسان ڪراچي هلڻو پوندو.'

'ضروري آهي.....؟'

'ها.'

'چو؟'

'الزام تہ هونئين لڳي چڪو آهي، توسان گڏ سمهڻ جو.'

'ڪوڙ کي سچ ثابت ڪرڻ ٿي چاهين ٿــ؟'

'منهنجي خواهش توسان گڏ رڳو ڪراچي هلڻ جي آهي.'

'رهنداسين ڪٿي.....؟'

'جتي تون رهائيندين.'

'۽ جي ڪجهه ٿي وڃي تہ.....؟'

'ڇا ٿو فرق پئي؟' چوندي صبا جو آواز ترندي ترندي ٻڏي ويو هو.

'پاڻ کي بدنام ڪرائڻ ٿي چاهين.....؟'

'بدنامي: اڃا ڪنهن ٻيءَ شئي جو نانءُ هوندو آهي ڇا؟'

'تو وٽ سڃجها جي ڪيل زيادتين جي معافي وٺڻ آيو هوس.'

'تنهنجي نانءُ تي مليل هر ذلت، مون کي هاڻ اعزاز محسوس ٿيڻ لڳي آهي.'

'اڄ ڪلهه، تنهنجي پٽيان ميراڻي بہ چريو لڳو پيو آهي؟ ايترو هينڊسم، ايترو فٽ، ايڈو قدآور، دانسر، بهترين سائيڪلست، ۽ پيو بہ الائجي ڇا ڇا.....؟'

'مون کي پارن پالڻ جو شوق ڪونهي.'

'ميراثي توکي ٻار ٿو لڳي.....؟'

'جنهن ماڻهوءَ ۾ 'آءِ لوَ يو' چوڻ جيتري 'ڪريج' ۽ نه هجي. تنهن سان پلا رومانس ڪهڙو؟'

'ء نارد مُني.....؟'

'تنهنجي ان دوست جي ڏاڍي عزت ڪندي هئس. پر مون کي محسوس ٿيو ٿئي هن سڄي فساد جي جڙ اهو شخص آهي.'

'ڪيئنءَ ــ؟'

'جڏهن ڪراچي ڀڄي ويس تہ ان شخص مون کان پڇيو هو. اهو ۽ تہ واپس ڪڏهن ايندس.....؟ راحت حسين وٽ سڄو ڇڪر سندس ئي هلايل هو. تون ان شخص کان هوشيار رهجانءِ.'

'اهو سچ. هن جو توسان پيار جو ردعمل آهي.'

'ماءِ فوٽ.'

'ء هن جا پريزنٽز ــ؟'

'مون نہ ورتا هئامانس. ناهيد کي ڏئي ويو هو.'

'ناهيد؟'

'اهائي بليڪي.....؟'

'انگلش واري.....؟'

'ها.'

'جنهن جا روز نوان 'ريومرس' فيڪلٽيءَ جي ڪاريڊورز ۾ ڊوڙندا وتندا ها.....؟'

'جناب.'

'اڄ ڪلهہ ڪنهن سان آهي؟'

'ڪوئي پنهور چوڪرو آهي. هڪ وڏي آرڪيٽيڪٽ جو پٽ آهي. چوڪرو ڪائنس سال ننڍو آهي.'

'اهوئي. جيڪو ايتري ننڍي عمر ۾ هيروئن جو استعمال ڪندو آهي. ء پنهنجي عمر کان وڏو نظر ايندو آهي.....؟'

'تون ڪيئن سڃاڻينس.....؟'

'هن جو پيءُ آرڪيٽيڪٽ کان وڌيڪ. انٽيلڪچوئل ء انگريزيءَ

جي اسڪالر جي حيثيت ۾ مشهور آهي.'

'اڇا .....؟'

'هن سان گهٽا ڏينهن رهندي؟'

'شاديءَ جو پروگرام اٽن. ڇوڪرو عمر ۾ ننڍي هڻڻ سبب ڪانئس 'ڊپريس' رهندو ۽ وڏي ڳالهه اها ته ڇوڪري وٽ اهو سڀ ڪجهه آهي جنهن جي ناهيد کي ڳولها هئي.'

'توکي به ته اهڙي ئي امير جي ڳولها آهي نه؟'

'اهڙا ماڻهو رڳو شادي ڪرڻ لاءِ بهترين ثابت ٿيندا آهن.'

'۽ رومانس.....؟'

'تو جهڙن سان ڪري. مڪمل لطف وٺي سگهجي ٿو. تو جهڙا جيڪي زندگيءَ، موت، ڏک سک کان سواءِ، سيڪس ۽ محبتن کان پوءِ ايندڙ تباهه ڪارين بابت به ڪڏهن سامهون واري کي ڏسي: ڪڏهن پولارن ۾ گهوري، لفظن جا خواب ناڪ ڪنول تارين ۽ ڪڏهن لفظن جا پاڙي پٽر، هوائن جي سمنڊ ۾ ٻوڙڻ جاڻيندا آهن.'

'لفظن جا 'لينڊ اسڪيپ' ته تون به سٺا ناهي جاڻين ٿي؟'

'تو سان ملي. ڳالهائڻ جي سگهه وڏي ويندي آهي.'

'مان هلان ٿو.'

'۽ ڪراچي ـــــــ؟'

'ساري.'

'ڇا واقعي ايڏي نيچ آهيان؟'

'ڪير ٿو چئي.....؟'

'هونءَ سنجها چوندي هئي. اڄ تنهنجو رويو ٽي چئي؟'

'آخر. اهو سڀ چو ٽي ڪرڻ چاهين .....؟'

'تنهنجي نانءَ تي مليل گاريون مون کي ايترو 'رائيٽ' ته ڏين ٿيون ته مان توکي هڪ پيرو پنهنجيءَ مرضيءَ سان ڪنهن به طرف وٺي وڃڻ جو پورو حق رکان ٿي. هونئن به ماڻهو هاڻ مون کي تنهنجي نالي سان. گهٽو نه ته ٿورو ئي سهي. سڃاڻڻ لڳا آهن.'

صوفا تان اٿي ڪاپي پاسي ٽيبل ڪٻٽ جي شيشي جا ٽاڪ کولي.

ڪتاب ڏسڻ لڳو هوس.

'ٻڌ، توکي راجندر، قرت العين، منٽو ۽ پريم چند وٽندا آهن نہ. مان هن سپين کي الگ ڪري رکيو آهي. جيڪڏهن ڪٽي وڃڻ چاهين تہ پل ڪٽي وڃ.'

'پر هي ڪتاب تہ تنهنجي ممي جا يادگار آهن؟ جيڪي توکي تنهنجي ممي جيترا ئي پيارا آهن؟'

'الائجي چو ـــــ تون بہ مون کي ممي جيترو ئي پيارو ٿيندو پيو وڃين.'

'تنهنجون ڳالهيون ذهين ٻارن جيترين سندر ۽ پياريون آهن.'

'ٿينک يو.'

صبا پين تي ٻيهي، هٿ ڦهلائي، ڪٻٽ جي مٿئين حصي مر الگ ڪري رکيل ڪتابن جو سيٽ ڪڍي، مون ڏانهن وڌايو هو.

'ٻڌ، تنهنجي ممي سهڻي آهي؟'

'هڪدم گريس فل.'

'منهنجي ننڍڙي لاڪون خواهش رهي آهي تہ ڪنهن وڏي عمر جي گريس فل ليڊي سان رومانس ڪريان.'

'چا مطلب ـــــ؟'

'مطلب؟ مطلب تہ تنهنجي ممي مون سان رومانس ڪندي.....؟'

'بڪواس نہ ڪر. ڇڄ هتان.' صبا پنهنجي چهري ڀٽيان پرجي آيل کل کي روڪيندي چيو هو.

'مان سنجيده آهيان؟'

'مان توکي چگي طرح سڃاڻان ٿي، توکي ڪنهن سان بہ رومانس ڪونهي سواءِ هن جي.'

'ها ائين تہ آهي.'

'اهو سڀ پنهنجي جاءِ تي هميشه قائم رهي. پر اهو بہ ياد رکجانءِ تہ 'سيٽردي' تي ٻارنهن وڳي مان تنهنجو ڪيفي جارج وٽ انتظار ڪنديس. ۽ مون کي سُڌ آهي تہ تون ايترو بہ مئل ذهن ناهين جو انساني جذبن جو احترام نہ ڪرين؟'

'اِهو اُن ڏينهن جي، انهن لمحن تي چڏي تا ڏيون؟'

'اچي وئي منهنجي ريشمي گڏي.'

امڙ جو آواز صبح سان ڪن پيو هئم. رلي هٿائڻ بنائي سمجهي ويو هوس تہ، تون اچي وئي آهين. مون اندازو لڳايو هو تہ، تون هاڻ امان کي پاکر پاتو آهي. هاڻ چشمو لاهي. ڪلهن تي پيل ڪاري تَر سان هلکن گول گلن واري چادر لاهي ويڑهي آهي. ۽ ناسي لفافي مان. ڪارو رئو ڪڍي چادر لفافي ۾ وجهي چڏي اٽئي. ۽ هاڻ، تون منهنجي ويهاڻي جي هيٺيان پيل سيف جي چابي کٽندينءَ.... هڪ ڪن کان پوءِ. تنهنجي هٿ جو گسڪو ويهاڻي جي هيٺان ٻڏو هئم. پوءِ سيف کلڻ ۽ بند ٿيڻ جو ٽڪو بہ. منهنجي ويهاڻي جي هيٺيان تنهنجي هٿ جو گسڪو ٻيهر ٿيو هو. تو چابي واپس رکي چڏي هئي.

اهو سڀ نہ ڏسندي بہ سمجهي ويو هوس تہ تنهنجو چهرو اداسي ۽ گنيبرتا جي ڪوهيڑي ۾ وکوڙيل آهي. چو تہ هن ڪان اڳ بہ گهر ۾ پير پائيندي هئينءَ، تہ سڀ ڪان پهرين تنهنجي چٽڪٽين آواز سان 'چيل ٻول: 'اسلام عليڪم' ۽ پوءِ تنهنجا شرارت ۾ ٻڏل ٽهڪ گهر جي هر ونگ ۾ پينگهہ ٻڌي لڏڻ لڳندا هئا. ۽ پوءِ وراندي يا ڪمري ۾ ويٺل يا ستل. منهنجي وڏي پاءُ تي جرح 'هن تيليءَ کي ڏسو... اجا تائين ستو پيو آهي؟ اڙي اُٺ خدا جا بندا ڪجهہ گهم ڦر. ڪاءُ پيءُ تہ ٽلهو ٿيءُ.... پاڃائي. مڙسنهين کي ڪجهہ ڪاراءُ پيار تہ ڏسڻ ۾ اچي.....؟' 'اڙي تون وري ڪاڏي ٿي ڊوڙندي وتين ڪونج؟' منهنجي ننڍڙي پائٽيءَ کي ٻانهن ۾ جکڑي چوندي هئينءَ. 'هان!!؟ هيڏا وڏا ننهن؟ گندي. هن هٽن سان ڪائيندي آهين؟ آئوچ ـــــ هاڻي تنهنجن ۽ چاچنهين جي نهن ڪٽڻ جو ذمو بہ مون کنيو آهي؟' ۽ منهنجي ذکر سان گڏ جڻ استين گن جي پوائنٽ مون ڏانهن ٽُي ويندي هئي. 'هن نواب صاحب کي ڏسو..... اجا تائين ستو پيو آهي.' ٻئي ڪن ۾ منهنجي مٽان پيل رلهيءَ کي پوري سگهہ سان ست ڏيندي هئينءَ. جنهن جي مون کي اڳ ۾ سڌ هوندي هئي. تنهن ڪري، مان رليءَ کي اندران ئي ٻنهين هٽن سان مضبوط پکڑي ونندو هوس. 'آئون چوانءِ

ٿي چڏ.' ۽ منهنجا هٿ رليءَ ۾ وڌيڪ مضبوط ٿي ويندا ها. 'نہ ٿو چڏين.....؟ چگو ٻيهر.' ڪجهہ ڪٽ ڪان پوءِ، تون ست سان منهنجي مٿان رلي لاهي چڏيندي هئينءَ. هٿ ۾ پريل گلاس ٿورو پاسيرو ڪري چوندي هئينءَ: 'اٽين ٿو يا.... هاريانءِ؟' ۽ آئون ٿهڪن ۾ پئجي ويندو هوس تنهنجو چٽڪٽو ڏمڪي ٻڏل آواز ٻڌي ۽ گول ڪليل نيٺ ڏسي. 'اٽ.... ڪلين چو پيو....؟ مان ڪو لطيفو ٻڌايو ٿمانءِ!'

اٽندي. وڌيڪ ٿهڪن ۾ پئجي ويندو هوس. مون کي تنهنجي ڪيل رعب تي ڏاڍي ڪل ايندي هئي. ۽ مان تو مٽان ڪوڙو رعب ڪڏهن بہ ڪجهہ سيکندن ڪان وڌيڪ ڪري نہ سگهندو هوس، خبر نہ اٽم چو... تڏهن بہ مون کي ڏاڍي ڪل ايندي هئي. ۽ مان ٿهڪن ۾ پئجي ويندو هوس.

'چو چپ آهين....؟ پنهونءَ ڪجهہ چيو اٽئي.....؟' ادي وڏيءَ جو آواز ڪن پريو هئم. مئل آواز ۾ چيو هيئي:

'نہ، بس ائين ئي.'

'ها ها، چيو هوندس پنهونءَ ڪجهہ.' امان جو آواز پريو هو. 'چورا، سنجها سان چو وڙهيو آهين.....؟' امان منهنجي منهن تان رلي هٽائي چڏي هئي.

'چڏينس آئي، هن کي سمهڻ ڏي. هن کي مون کان وڌيڪ ملي وئي آهي.' چوندي تو منهنجي مٿان نظرون کپائي چڏيون هيون.

'ڪير آهي ـــــ؟ مون کي ٻڌاءِ، جنڌا تہ پٽي اچانس. گهر وڃي.' امان توکي ڳراڻڙي پائي عجيب لهجي ۾ چيو هو. 'توکان وڌيڪ بہ ڪا ٿي سگهي ٿي؟' تون امان جي هنج مان مون ڏانهن فاتحائي انداز ۾ نهارڻ لڳي هئينءَ. امان ۽ ادي وڏي توکي ڪيڏو چاهيندیون هيون؟ مون کان بہ وڌيڪ. هن ڏهني طور توکي پنهنجو ڪري ورتو هو. توئي تہ امان ۽ ادي وڏيءَ کي پنهنجائپ جو شديد احساس ڏياريو هو. ۽ هن توکي پنهنجي ملڪيت سمجهي ورتو هو. ڪيڏيون سادیون هوندیون آهن اسان جون مائر ۽ پينرون؟ ۽ مان پنهنجي لاءِ ونئي آيل هر شئي تنهنجي نانءُ سان منسوب ڪري چڏيندو هوس.

'امان، هي سلوار قميص ڏس؟'

'ڏادي سڻي آهي. گهٽي ورتي اٿئي؟'

'ان ڏينهن ڪراچي ويا هئاسون نہ. سنجهها وڻي ڏني هئي. 'گليمرون' تان.'

'نياٽيءَ کي وڻي ڏين سو تہ گهوريو. ايڏا بہ خرچ ٿو ڪرائينس ـــــ؟ ماڻهوءَ کي ڪو حياءُ ٿيندو آهي.'

هر شئي وڻي آڻي ڏيندي هئينءَ. ڪڏهن شيونگ ڪريم. ڪڏهن رومال. ڪڏهن جوراب. ان ڪري بہ تہ تنهنجي اوڏر هڪ وڏي جنرل اسٽور تي هلندي هئي. پر جڏهن بہ مون وٽ پئسا ايندا هئا. تون حساب ڪولي ويهي رهندي هئينءَ. مون کي تنهنجي اها ڳالهہ وڻندي هئي. انهن ڳالهين ڪري ئي تون مون کي ڪڏهن اجنبي نہ لڳي هئينءَ ڪيڏو 'بولڊ'. 'ريئلسٽڪ' ڇو نہ هجان.... پر سنڌي هجڻ جي ناتي آئيڊئل ازم ڪنهن بار جيان منهنجي قميص جو داون جهليو آيو آهي. اهو منهنجو آئيڊل ازم ئي هو جو محبتن ۾ توکي سدائين ڏيڻ چاهيو هئم.

هونءَ بہ مون توکان ڪڏهن وٺڻ نہ چاهيو هو. (سواءِ پيار ء ڏکن جي) سڌ هئم تنهنجون گهُرجون منهنجن گهُرجن کان ڳريون هيون. تڏهن ئي تہ ٽن سؤن جي خصيص رقم لاءِ يونيورسٽيءَ مان سڏو ريڊيو هلي ويندي هئينءَ. ۽ انهن مليل ٽن سؤن مان، ڏيڍ سؤ رڪشائن جي حوالي ٿي ويندا هيئي. گهر ۾ ڊسٽرب هڻڻ ڪري بہ شايد تون گهر کان گهٽو پري رهڻ چاهيندي هئينءَ. توکي پنهنجي ماءُ سان اڪثر اها شڪايت رهندي هئي تہ هن کي رڳو پنهنجا پٽ پيارا آهن. تنهن ڪري هوءَ پنهنجي هر ڪاوڙ تو مٿان هاري ڇڏيندي آهي.

تنهنجي بابا جي وفات کان پوءِ، توهان جو گهر مسئلن جي چانوٽي بڻجي پيو هو. سڀ کان پهرين توهان پنهنجي پريس وڪڻي ڇڏي هئي. پوءِ تنهنجين ڪرائين مان سونيون چوڙيون غائب ٿي ويون هيون. هڪ ڏينهن روئڻهارڪي لهجي ۾ چيو هيئي: 'بابا سائينءَ پنهنجي حياتيءَ ۾، منهنجي ٽيڻ واري گهوٽ لاءِ جيڪا بن تولن جي سوني مندي ء رادو واچ وڻي رکي هئي. ڪالهہ منهنجو پاءُ وڪڻي آيو ـــ سچ پنهون، ڪالهہ ان ڳالهہ تي مون ڏادو احتجاج ڪيو هو. يار ـــ اسان ڏادا 'ڪرائيسس' ۾ ڦاسي ويا

آهيون. جنهن مسواڙ جي گهر ۾ سالن کان رهندا پيا اچون. تنهنجو مالڪ هاڻ گهر جي ان حصي کي پنجاهه هزار ۾ وڪڻ ٿو چاهي. مجبوراً اهو اسان کي ونڊو پوندو. پنهون، مون کي بابا سائينءَ جي تولاءِ ورتل واچ ۽ منڊيءَ جيڪ وڪامجي وڃڻ جو بي انتها افسوس آهي.' ۽ مون کي رادو واچ، منڊيءَ جو هلڪو بہ ڏک نہ ٿيو هو. ۽ مون تہ هميشه تنهنجن چپن تي مرڪ جا پوپٽ، نيٽن ۾ سڪ جا ڪرٽا ۽ هٿن ۾ خوشيءَ جا گل ڏسڻ چاهيا هئا. پر تو منهنجين ڏنل سڃاين کي دوکو، ۽ ٻين جي دوکن کي ازالي سڃائي سمجهي، منهنجي ڏنل مرڪ جي پوپٽن کي پنهنجن چپن جي ڪنڊن تان اڏاري چڏيو هو. ۽ گذري ويل ٽن سالن ۾ جنهن سڃائيءَ سان تنهنجن نيٽن ۾ سڪ جا ڪرٽا پويا هوا، تن کي تو روئي روئي ناري رک بٽائي چڏيو هو. ۽ منهنجن ڏنل خوشيءَ جي سمورن گلن کي تو هوائن ۾ اڏاري چڏيو هو.

هنڌ چڏي، وهنجي، تيار ٿي توسان گڏ هلڻ لڳو هوس. اهو سڄو ڏينهن فيڪلٽيءَ جي ڪاريڊور ۾، رستن مٿان گڏ هوندي بہ، تنها تنها ۽ ويجهو هوندي بہ دور دور گهمندا رهيا هئاسين. اهڙن موقعن تي ماڻ رهندو هوس يا پنهنجي منهن ڳائڻ لڳندو هوس. ها، اداسيءَ ۾ پنهنجي منهن ڳائڻ منهنجي عادت ۾ شامل آهي. الائجي گهڻن ڪلاڪن جي ماڻ کان پوءِ، تو منهنجي ڪک ۾ چهنڀڙي پاتي هئي.

'ٻڌ، مان جيڪڏهن مري وڃان، توکي ڏک ٿيندو.....؟'

اهڙن موقعن تي توکي چاهيندي بہ ڏسي نہ سگهندو هوس. بنا ڏسڻ جي چيو هئم:

'تنهنجي مري وڃڻ کان پوءِ، ڪائنات مون لاءِ پنهنجو سمورو موهه وڃائي ويهندي. اهو ڏينهن منهنجي زندگيءَ جو آخري ڏينهن هوندو.'

'توکي مون سان ڪيترو پيار آهي.....؟'

'تون منهنجي آڪسيجن آهين.....'

'۽ صبا.....؟'

'توکي نارد مُنيءَ ئي ٻڌايو آهي نہ، تہ آئون صبا سان ڪراچي ويو هوس.....؟'

ماڻ ٻڌجي وئي هئينءَ.

'توکي مون سان محبت آهي نہ سنجها؟'

تو مون ڏانهن ڏسي هاکار ۾ ڪنڌ ڏوٽي چڏيو هو.

'پوءِ تون مون تي يقين چو نہ ٿي ڪرين!'

'ڪريان ٿي.'

'پوءِ هي نارد مُني.... هي راحت حسين. اهو سڀ ڇا هو.....؟'

'واعدو ڪر. نارد مُنيءَ کي نہ ٻڌائيندين؟'

'نہ.'

'تنهنجي ۽ صبا جي ڪراچي وڃڻ جو ۽ گڏ موٽڻ جو اطلاع نارد مُنيءَ ئي ڏنو هو. پر يار مان حيران آهيان.... توهان ٻئي هڪ ئي ڏينهن تي ڪيئن هليا ويا هئا؟ ۽ واپس به.....'

'نارد مُنيءَ ان ڏينهن مون کي صبا سان گڏ ڏٺو هو؟'

'نہ.... جهنم ۾ هٽين. آئينده نہ مان راحت حسين وٽ ويندوس. نہ نارد مُنيءَ سان ڳالهائيندوس. هو سڀ اسان ٻنهين کي الگ ڪري چڏيندا؟'

'توکي سڌ آهي ته نارد مني صبا سان رومانس ٿو ڪري. پر جيڪڏهن صبا کيس لفٽ نہ ٿي ڏي ته مان ڇا ٿو ڪري سگهان....؟'

'چڏينس. جهنم ۾ هٽينس. پنهنجو ڇا؟' تو پنهنجي ٻانهنءَ منهنجي چيلهه ۾ ورائيندي منهنجي چهري ۾ ڏسندي چيو هو:

'ڏس نہ.....؟' ڏٺو هوم توڏانهن خالي نهار سان.

'ناراض آهين.....؟'

'نہ.' لهجي ۾ زوري آندل خالييٽو.

'پاڪي پاءِ.'

۽ لڪائڻ چاهيندي به مرڪ منهنجن چپن تي سرڪي آئي هئي. پهاڙين تان لهندي توکي ٻانهن ۾ ڪٽي ورتو هئم. تون رڙيون ڪندي رهجي وئي هئينءَ. مان پهاڙيءَ جي اڻ گهڙيل لاهيءَ تان ڏوڙهندو هليو ويو هوس.

چنچر تي تقريباً هڪ وڳي. ڪيفي جارج وٽان لنگهيو هوس. صبا،

ميڊيڪل اسٽور واري گهٽيءَ مان نڪري آئي هئي. چاهيندي به لنوائي نه سگهيو هوس. جڏ اڳيان ديوار اچي وئي هئي. صبا، بارن جهڙي مرڪ سان مون ڏانهن وڏي آئي هئي. هڪدم چوڻ لڳي:

'مون کي يقين هو، تون ضرور ايندين.'

'توکي ته بارنهين تائين هليو وڃڻو هو.'

'منهنجي واڃ ۾ اوسين بارنهن نه وڃن ها، جيسين تون نه اچين ها.'

'پر مان توکي اهو ٻڌائڻ آيو آهيان ته توسان هلي نه سگهندس...'

'چو....؟!'

'مجبوري آهي!'

'اهڙي ڪهڙي مجبوري اٿئي.....؟'

'ڪنهن ٻئي پيري هلنداسون....؟'

صبا جي چهري تي ڪجهه دير اڳ جيڪي خوشيءَ جا چنڊ چڙهي آيا هئا، الهي ويا هئا. ۽ سندس چهرو رات جو پويون پهر ٿي پيو هو. اڌ اجهاڻل نيٽن سان مون ڏانهن ڏسڻ لڳي هئي. پوءِ ڪوماٽيل چپن ۽ ڊرڪيل ڪنڌ سان بغل ۾ پرس هٽي، پير تي پير رکي وڃڻ لڳي هئي. سندس ريشمي وار هوا جي جهوٽن تي لوندڙين پٽيان جهاتيون پائي مون کي ڏسڻ لڳا هئا. صبا ڪجهه وکن جي فاصلي تي بٽيل، ڪراچيءَ جي بس اسٽاپ تي بيهي مون ڏانهن نهارڻ بنا، ننهن تان پالش لاهڻ لڳي هئي.

ڪراچيءَ جي بس، اسان ٻنهين جي وچ ۾ اچي، ڪجهه گهڙيون بيهي هلي وئي هئي. ڏئو هئم. صبا مسلسل ننهن تان پالش لاهي رهي هئي. ڏانهس وڏي ويو هئم. صبا ڪنڊر چهري ۽ پريل نيٽن سان مون ڏانهن نهاريو هو، چيو هئم:

'او ـ کي، پر منهنجي ڪيسي ۾ رابيل جي گلن کان سهاڻ ڪجهه ڪونهي.'

صبا هٿ وڌائي منهنجي ڪيسي مان سمورا گل ڪڍي پنهنجي پرس ۾ وجهي چڏيا ها. ۽ پرس مان چار سؤ ڪڍي منهنجي ڪيسي ۾ وجهي چڏيا ها. (اها منهنجي پهرين بي ايماني هئي توسان.) چو ته اها پهرين ڳالهه هئي جيڪا گذريل ٽن سالن کان توکي نه ٻڌائي هئم. ۽ نه ٻڌائي

ٿو ڪيو هئم. چوتو توسان رهي مون کي شدت سان احساس ٿيو هو. ال يا زال جهڙي محبوبا سان هر وقت سچ ڳالهائڻ بيحد هاڃيڪار ثابت ٿيندو آهي. صبا مون کي پنهنجي ڪزن سان ملايو هو. جو ڪيس ڏاڍو ناهيندو هو. بيشڪ هن جو مهاندو ۽ هڏڪاڻ نارد مُنيءَ جهڙو هو. سواءِ معمولي فرق جي. هو بيحد آرٽسٽڪ نيچر، پر پائڻ جي معاملي ۾ رف لڳو ٿم. رئڪ ۾ رکيل ڪتابن ۾ بائيبل کان داس ڪيپٽال ۽ ڪامو: هرمن ٿيس ۽ ڪافڪا کان وٺي ميڪسم گورڪيءَ تائين ڪتاب پنهنجن خيالن ۾ ۾ هئا. ذهن ۾ صبا جا جملا رڙهي آيا هئا: 'پپا چوندو آهي. اهڙي سست ۽ ڪاهل چوڪري سان تنهنجي شادي ڪرائي توکي جهنم ۾ اڇلڻ ٿي برابر آهي.' ته هي ان سست ڪاهل نوجوان جو ڪمرو هو. مون سوچيو هو. هن ڪٽل جينز جي ڪيسي مان سگريٽ ڪڍي مون ڏانهن وڌايا ٿا. مون کان اڳ صبا سگريٽ ڪٽي ورتو هو. پهرين هن منهنجو پوءِ صبا نو ۽ آخر ۾ پنهنجو سگريٽ جلايو هو. ۽ سوٽو هڻي چيو هئائين:

'توهان وٽ زندگيءَ لاءِ ڪهڙو 'ڪانسيپٽ' آهي؟'

'زندگيءَ کي پنهنجي ڪابه معنيٰ ڪونهي.'

'پر ان جملي کي ته پنهنجي معنيٰ آهي؟'

'ها. ساڳيءَ طرح جيئڻ لاءِ به اسان کي بي معنيٰ زندگيءَ کي ڪاڻ ڪا معنيٰ ڏيڻي پوندي آهي. اهڙيءَ طرح زندگيءَ کي پنهنجي ياران نل کا معنيٰ. ماڻهوءَ جو ڪائنات ۾ موهه پيدا ڪري وٺندي آهي. ۽ ماڻهو ڪائنات جي رفرنس سان زندگيءَ کي پيار ڪرڻ لڳندو آهي.'

'ڇا اڪيلو رهي جي نه ٿو سگهجي.....؟'

'پوڳي سگهجي ٿو..... پنهنجي ذات جي جياپي لاءِ رشتن جو سهارو وٺڻو ئي پوندو. پل اهو هٿرادو ئي ڇو نه هجي.'

'معنيٰ ته رشتا ماڻهوءَ جي پنهنجي ذات جي جياپي لاءِ ضروري هن.....؟'

'بلڪل ــ زلزلي ۾ سيئي رشتا، سمي سوڙها ٿي، پنهنجي اندر گم ٿي ويندا آهن. ۽ جي رهجي به ويندو آهي ته رڳو انٽريسٽ.

'انٽريسٽ.....؟'

'ان زلزلي ۾ ماءُ جو پار لاءِ رڙڻ. ڪنهن نوجوان جو پنهنجي محبوبا کي چرين وانگيان سڏڻ. يا ڪنهن ڪنجوس دولتمند جو دولت لاءِ پاڳل ٻڌجي وڃڻ: اصل ۾ اهو سڀ ان گولينڈڙ ماڻهوءَ جو ان گم ٿي ويل شئي ۾ انٽريسٽ جو ڪارڻ آهي. توهان ڪنهن به شئي جي وڃڻ، پيار ڪرڻ، پائڻ ۽ وڃائڻ کي ذات جي دائري مان باهر ڪيئي نه ٿا سگهو.'

'۽ ڇوائس؟'

'جنهن چوڪريءَ کي اڄ مان شديد چاهيان ٿو، ضروري ناهي ته شاديءَ کان پوءِ ڪيس ايڏو شديد چاهيان.'

'مون نه سمجهيو.....؟'

'ماڻهوءَ جي وڏي ٽريجدي اها آهي پيارا، جنهن شئي کي هو حاصل ڪري ونندو آهي، تنهن مان موهه وڃائي ويهندو آهي. منهنجي ننڍڙي پائٽيءَ جو موهه راندڪن ۾ اوسين هوندو آهي جيسين اهي دڪان جي شوڪيس ۾ هوندا آهن. حاصل ڪرڻ کان پوءِ اهي يا ته گهر جي ڪنڊ ۾ پيا هوندا آهن، يا پنهنجون ٽنگون ٻانهون وڃائي ويهندا آهن.'

'توهان جون ڳالهيون مايوس ڪندڙ آهن.' ۽ مان ٿڪ ڏئي ڪلي پيو هوس. صبا نيٽن جي هلڪي دڌڪي سان پڇيو هوس:

'ڪيئن، آهي نه اونچي شئي.....؟'

'اسان جي وڏي ٽريجدي اها آهي، ته اسان 'اينالائسس' ڪرڻ جي سگهه رکون ٿا. ۽ جڏهن شعور جي هٽ سان ڪائنات جي حقيقتن تان پردو کڄندو آهي، ته ماڻهو اڪيلو ٿي پوندو آهي.' مون آخر ۾ چيو هو.

شام جو مان ۽ صبا هروپرو ايلفيءَ ۽ بوهري بازار ۾ رلندا رهيا هئاسون. شام جي سرمائي ڏنڊ ۾ سائين بورڊ چمڙن جيان جاڳي پيا هئا. روڊن تي ڪارن جي پيهه وڏي ويئي هئي. آسمان تي ڪٽان ڪٽان سنبل جي انبڑيءَ مان ڦٽي نڪتل ميرانجهڙي ۽ نرم ڪپهه جهڙا ڪڪر تري رهيا هئا. ۽ گهميل هوا ۾، اڇيان پويان، ساڇي ڪاهي. خوبصورت نيٽ. نرم گرم چپ، شفاف ڪرايون ۽ خوشبوءَ ۾ ٻڏل ٿهڪڙن جي وڏڙي ۾ پڇندي به، توسان گڏ يونيورسٽيءَ جي سانتيڪن روڊ مٿان هٽ ۾ هٽ ڏئي. وک وک هلندو رهيو هوس.

رات جو صبا پنهنجي ممیءَ جي گهر هلي وئي هئي. ۽ آئون گهرن نيٽن واري کهاڻيڪار دوست وٽ هليو ويو هوس. هن پنهنجي گنپير آواز ۾ مرکندي چيو هو:

'اڄ کهڙي پار جي هوا گهلي آهي. جنهن توکي هتڙي پڄايو آهي.....؟'

۽ ڳراٽڙي پائي ڇڏي هئائين. هن جا گهرا نيٽ منجهند ويل سنڊوءَ جي لهرن تي تارن جيان جرکندڙ سُڄ جا ڪرٽا بڏجي. جهل مل ڪرڻ لڳا هئا.

'ماني کاڌي ٿئي....؟'

'نہ.'

'مان ناهي کارايانءِ. يا هيٺ هلون؟'

'هيٺ ٿا هلون.'

فليٽ جون ڏاڪڻيون لهندي پڇيو هئائين:

'پاڃائي سنجها کي نہ وٺي آيو آن چا.....؟'

(منهنجا اڪثر دوست توکي پاڃائي ڪري سڏيندا هئا. سنجها، هي منهنجو اهو دوست هو، جنهن پاڻ کي ڪڪڙ جو پلاءُ رڌي کارايو هو. پلاءُ کائي حيران ٿي وئي هئينءَ، ته ڪو مرد اهو به کهاڻيڪار، ايڏو سٺو رڌ پچاءُ ڪري سگهي ٿو.....؟ منهنجا دوست جن سان تون ڪڏهن بري هلي هئينءَ، تن وٽ جڏهن به ويا هئاسون ته هن پنهنجا نيٽ اسان جن پيرن ۾ دورمٽ جيان وڇائي ڇڏيا هئا.) چيو هومانس:

'سنجها کي ته نہ ـ پر صبا سان گڏجي آيو آهيان.'

'صبا ....؟'

'سنجها جي ڊپارٽمينٽ ۾ پڑهندي آهي.'

'سنڌياڻي آهي؟'

'نہ، مهاجر.'

'سنجها کي ڇڏي ڏنئي چا....؟'

'تون سمجهي سگهين ٿو....؟'

'نہ، پر تو ڳالهه ئي اهڙي ٻڌائي....؟'

منهنجو هي کهاڻيڪار دوست، آگرين تي گڏڻ کان مٿي جيترا رومانس ڪري چڪو هو. ڏهن سالن کان ڪراچيءَ ۾ رهندي به مون کي دادو ڪئنال جي ڪپ تي لڳل سنجهيءَ جي وڻ جهڙو لڳندو آهي. جنهن جي ٿڏي ڇانوءَ ۾ ڪو واٽهڙو ڪنڌ هيٺان پٽڪو ڏئي، ڪي گهڙيون آرام ڪري سگهي. يا جنهن هيٺان گوڻ جا ٻار پنهنجا ڪپڑا، ڌاڪون ۽ چونئريون رکي پر ۾ وهندڙ ڪئنال ۾ ٽپ ڏئي، تڙڪي تڙڪي، ٽڪي ٽڪي اڇي ساهي پٽن. عورت، منهنجي دوست جي جيئڻ جو سبب هئي. چوندو آهي: مون کي حيرت ٿيندي آهي..... جڏهن ماڻهو چوندا آهن، محبت رڳو هڪ وار ٿيندي آهي. ڪيس دوستن جي رومانسز ٻڌڻ جو ڏاڍو شوق رهندو آهي. منهنجو هو کهاڻيڪار دوست پاڻ کي پوڙهو سمجهندو آهي ۽ مون کي هميشه شادي ڪري ڇڏڻ جي تلقين ڪندو رهندو آهي. جڏهن ته جمار ۾ مون کان وڏو هوندي به ننڍو لڳندو آهي. ۽ اٽپرٽيل به.

صبح جو صبا ڪريم آباد جي پل وٽ منهنجو انتظار ڪري رهي هئي. رکشا مان لٿو هئس ته ٽڏو شوڪارو پري چيو هئائين:

'ايتري دير.....؟'

'ٿي وئي.'

'منهنجي دل ۾ وسوسا پيدا ٿي پيا هئا.'

'چو.....؟' اسان ٽريفڪ هئڻ ڪري، ڏاڍيان ڳالهائيندا هلڻ لڳا هئاسين.

'مون سمجهيو، تون واپس هليو وئين.....؟'

'دوکو دوکو هوندو آهي صبا. پوءِ اهو ننڍو هجي يا وڏو. پر ان جو اهو مطلب نه ونجاءِ ته مان توسان رومانس ٿو ڪريان.... توکي شايد سُڌ نه آهي، ته مان پنهنجي دل سنجهيا جي پرس ۾ وساري آيو آهيان.' صبا پرس کولي منهنجي آڏو ڪندي چيو هو:

'هي ڏس، تنهنجن رابيل جي گلن جي مهڪ سان منهنجو سڄو پرس پريل آهي. رات مان هن پرس کي پنهنجي ويهاڻي جي پر ۾ کولي سمهي پئي هيس. ۽ الائجي ڪيترن مهينن کان پوءِ بنا سليپنگ پلز جي گهري ننڊ

ستي هيس.'

'توهان سليپنگ پلز کان سواءِ ننڊ ٿيون ڪري سگهو؟' منهنجو آواز پرسان لنگهي ويندڙ تيز رفتار بس جي هارن ۾ دٻجي ويو هو.

'چا....؟'

سليپنگ پلز کائڻ کان سواءِ به ته ننڊ ڪري سگهجي ٿي؟'

'گورين کائڻ سان يادن جي ٽريفڪ جو عذاب پهچائيندڙ گوڙ ڏهن کان ڪوهين ميل پري هليو ويندو آهي.'

'بکواس ٿي ڪرين؟'

'کائي ڏس ته خبر پئجي ويندئي.'

'ڪاڏي هلون؟'

'جيڏانهن تون چاهيندين؟'

'حيدرآباد هلون؟'

'چو؟'

'هيڏي ٽريفڪ ۾ اچي، مون کي پنهنجي حيثيت ٻڙي محسوس ٿيندي آهي؟'

'توئي چيو هو.....؟'

'چا....؟'

'ته ٻڙي اهو انگ آهي، جيڪو جنهن به انگ جي اڳيان لڳي ته ان جو تعداد وڌي ويندو آهي؟'

ٿڪ نڪري ويو هئم 'ڏاڍي سوئر آهين.' مرڪي پئي هئي ۽ سندس مرڪ روڊ تان خالي ويندڙ ٽيڪسيءَ کي سڏڻ ۾ گم ٿي وئي هئي. ٽيڪسي زوردار بريڪن سان فوٽ پاٽ وٽ اچي جمي وئي هئي. ويهندي چيو هٿائين: 'ڪلفٽن.' ٽيڪسي لالو ڪيت ڏانهن ڊوڙڻ لڳي هئي. چيو هئم: 'صبا لطيفو پڌندينءَ؟' 'پڌاءِ.' هن هڪ نظر مون تي وجهي دريءَ کان ٻاهر ڏسندي چيو هو. مان بال پين شرٽ مان ڪڍي. کولي سندس ويڪري گلي مان جهاتيون پائيندڙ چاتين مٿان ليڪ پائي چڏي هئي. هن چرڪ پري ڊرائيور ڏانهن ڏٺو هو. جيڪو پنهنجن خيالن ۾ گم هو. ٿڪن ۾ پئجي ويو هوس.

'سمنڊ کي ڏسي توکي چا محسوس ٿيندو آهي؟'

سمنڊ جي ڊوڙندڙ چولين کي ڏسندي، پيرن مان سينڊل لاهي هٿن ۾ ڪنڊي پڇيو هئائين. مون جواب ٻوٽ ۾ وجهي ٻوٽ جون ڪهيون پينٽ جي ٻيلٽ سان ٻڌندي چيو هو:

'سمنڊ مون کي رابيندر ناٿ ٽئگور جي گيتا انجلي لڳندو آهي. مون ٽئگور جي گيتا انجلي سڀائين جوتا لاهي الٽي پلٽي هٽي پڙهي آهي. ۽ محسوس ڪيو اٿم پنهنجي جسم تي سندس جملي جي هر لهر کي سمنڊ جي چولي۽ جيان. مون کي جڏهن ٻه سمنڊ گهمڻ جو شوق جاڳندو آهي، ٽئگور کي پڙهندو آهيان.'

'ٽئگور جيڪو بنگال جو شاعر آهي.....؟'

'ها.'

'مون سندس شاعري ته نه پڙهي آهي. پر سندس تصويرون ڏٺيون آهن. هن جي چهري ۾ ٻه سمنڊ جيڏي ئي گهرائي ۽ جلال پريل نظر ايندو آهي.'

هڪ ٽکي چولي اسان جي پيرن کي ڇهندي ڪناري جي آخر تائين هلي وئي هئي ۽ واپس ويندي اسان جي پيرن جي ترين مان واري جا ذرا کسڪائيندي هلي وئي هئي. ٽڏڪار اسان جي پيرن جي ترين مان چڙهندي سموري جسم ۾ ڦهلجي وئي هئي. اداس هوندي ٻه خوشي منهنجي سرير ۾ سمائجي وئي هئي. ڪجهه گهڙين لاءِ ڪناري جي ٻي۽ ڀڪ سجو شهر لهر بڻجي ويو هو. صبا ڏانهن ڏٺو هئم. سندس نيٽن ۾ ٻلي۽ جي اکين جهڙي روشني ڦهلجي وئي هئي. سندس پريل چپ گل تي ويهندڙ پوپٽ جي پرن جيان ڦڙڪي ويا هئا. ٻي لهر آئي آهي (جڏ منهنجو برين واش ڪري وئي هئي.) صبا سامهون هوندي ٻه سمنڊ جي ٻئي پار نظر آئي هئم. شايد مان ٻه هن کي ائين نظر آيو هئم. صبا ٻانهون ڦهلائي مون ڏانهن وڌي هئي. هن جون ٻانهون منهنجي چيلهه ۾ ويڙهجي ويون هيون. جيئن شيو جي جهوڙي ۾ نانگ. ۽ منهنجا هٿ صبا جي تراکڙي چهري ۾ پرجي ويا هئا. پانيو هئم جڏ ڪٽپ کان ٻاهر ٽيولپ جا گل هٿ جي ٻڪ ۾ سمائجي ويا هجن. ۽ گلن جي گهٽائي جي ڪري منهنجو ٻڪ وڌيڪ

ويڪرو ٿي ويو هجي. جهڪندو ئي هليو ويو هوس. منهنجا چپ. منهنجو سمورو وات ڪنهن هلڪي گرم ۽ مٺي شئي سان تر ٿي ويو هو. الائجي ڪيتريون لهرون پيرن جي ترين مان واري ڪسڪائي هليون ويون هيون...؟ ڏار ٿيا هئاسين ته چيلهه چپل هئاسين. واري ڪسڪي وڃڻ ڪري پير نندڙين کڏن ۾ ڪتل هئا. مون کي ياد اچي ٿو، اهڙي ئي هڪ ڏگهي ۽ گهري ڪِس مون توکي رات جي پوئين پهر ۾ آرٽس فيڪلٽيءَ جي پاهرين پارڪ ۾ ڪئي هئي. ان رات توهان فائينل وارن کي. فيڪلٽي جي آڊيٽوريم ۾ فيئر ويل ڏني هئي. ٽيلي استار ۽ سنڊس پولڙين کي ڏسي تنهنجو موڊ خراب ٿي ويو هو. اسان باهر نڪري آيا هئاسين. پارڪ ۾ پسار ڪندي. تارن کي ڏسندي چيو هئم: 'دل چاهي ٿي. توکي ڪِس ڪريان.' تو منهن مٺي ڪري. اکيون ٻوٽي ڇڏيون هيون. هوا جو ٽڏو جهوٽو گهليو هو ۽ پارڪ جي نندڙي گيٽ وٽ يوڪليپٽس جي سهاري بيٺل چنبيليءَ جي هٻڪار سڃي سرير ۾ ڦهلجي وئي هئي. ۽ پوءِ سموري آڪاس تي چپ چمڪي پيا هئا. ڪليل. اڏ ڪليل. وسندڙ پرندڙ چپ.

ٽئين ڏينهن شام جو صبا مون کي ساڳي ئي پل جي ڪنڌ وٽ ملي هئي. هلڻ لڳا هئاسين. صبا چيو هو:

'مون کي وٺي هل.'

'ڪاڏي.....؟'

'پنهنجي دوست جي فليٽ تي.'

'تون مون سان ڪنهن پبلڪ پليس تي هج يا خالي فليٽ ۾ ڳالهه ساڳي آهي.'

'اها منهنجي خواهش آهي.'

'او ـ ڪي.' ٽيڪسي پڪڑي فليٽ تي اچي ويا هئاسين. چابي مون وٽ هئي. انٽرلاڪ ۾ چابي گهمائيندي سوچيو هئم.... 'جيڪڏهن صبا جي جاءِ تي تون هجين ها، ته منهنجي چابي گهمائڻ کان پوءِ هينڊل ضرور تون گهمائين ها.' اسان اندر اچي ويا هئاسين. صبا پرس ڪتابن جي ڏير تي اڇلي. پاڻ پلنگ تي اهلجي پئي هئي. ۽ مان ٻئي پلنگ تي. سڃو ڪمرو لاڙڪاڻي جي زيتونن جي خوشبوءِ سان واسيل هو جيڪي منهنجي دوست

کي ڪوئي ڳوٺان اچي ڏئي ويو هو. پلنگ هيٺان جهڪي زيتونن جو ٽوڪرو چڪي ٻاهر ڪڍيو هئم. هڪ زيتون پاڻ کنيو هئم ۽ ٻيو صبا ڏانهن اڇلايو هئم. صبا زيتون مر چڪ هٿي اپرندي پاسي واري پٽ مٿان لڳل پوڙهي جي تصوير جي پنيي ڏاڙهيءَ مر ڏسندي پڇيو هو:

'هي ڪير آهي....؟'

'تالستاءِ.'

'تالستاءِ. جنهن جو اينا ڪرينينا لکيل آهي....؟'

'ها اهوئي.' ڪن رکي چيو هئم:

'توکي شايد سڌ نہ هجي، پر اها حقيقت آهي تہ، هن شخص جي زال هن سان ڏاڍيون عقوبتون ڪندي هئي. ايڏيون جو هي مولائي عورتن کان هميشه لاءِ الرجڪ ٿي ويو هو.'

'هڪ ڏينهن تنهنجي بہ اهڙي حالت ٿيندي.'

پنهنجو زيتون مر چڪ اڌ رهجي ويو هو. ٽهڪ نڪري ويا هئم. صبا چيو هو:

'پر نہ ــ تون بچي ويندين. چو تہ مون کي يقين آهي سنجها توسان شادي بلڪل نہ ڪندي. تون پل ان کي منهنجي جيلسي ئي سمجهہ.'

ٽهڪن جي گوڙ مر گم ٿي ويو هئم. صبا ٻيو پيرو ساڳيا جملا چيا هئا. مان ٻيو پيرو دل کولي کليو هئم. ۽ مون کي ٻيو پيرو عورت جي عورت مٿان جيلسي تي ڏاڍي کل آئي هئي. جڏهن ٽهڪ هوائن مر غائب ٿي ويا هئا. تہ صبا جي هٿ مر هڪ چڪ جيتري زيتون کي ڏسندي چيو هئم:

'تون اهڙيون ڳالهيون فقط ان لاءِ ٿي ڪرين. تہ جيئن سمورا زيتون تون کائي وڃين. مان رڳو کلندو رهان....؟'

'نہ ـــــ هي بہ تون کائي ڇڏ.' هن آخري هڪ چڪ جيترو ٻچيل زيتون مون ڏانهن اڇلايو هو. ۽ منهنجي هٿ واري هڪ چڪ لڳل زيتون ڏانهن اشارو ڪندي چيو هئائين:

'اهو مون کي ڏي.....'

مون زيتون هن ڏانهن اڇلايو هو جنهن کي هن ٻنهين هٿن مر جهپي

ورتو هو. اسان ٻئي چپ چاپ زيتون کائڻ لڳا هئاسون. بلڪل ائين جيئن ٻير جي ٽارين تي نوريئڙا ٻنهين هٿن ۾ ٻير پکڙي ڪترڻ لڳن. صبا زيتون کائي چيو هو:

'ٻڌ.'

'چئو.'

'سگريٽ پيئندين....؟'

'ورتيون اٿئي چا؟'

'نه. استيپ فادر جون رات چورايون هئم.' هن سگريٽ. پرس مان ڪڍندي ٻئي پنهنجي چپن ۾ پيڪوڙي جلايون هيون. ۽ هٿ وڌائي چيو هئائين:

'اچي وڃ.'

مون هٿ وڌائي ڪانئس سگريٽ ورتي هئي. سوٽي هڻڻ سان محسوس ٿيو هئم. جڏ صبا جي لپسٽڪ جي خوشبو دونهين سان گڏ اندر ۾ سمائجي وئي هجي. صبا ٻه تي گهرا سوٽا هڻڻ کان پوءِ چيو هو:

'ڪالهه سڄي رات مان خواب ۾ سمنڊ وارو منظر ڏسندي رهي هيس. صبح جو مون کي محسوس ٿيو هو جڏ سڄي رات مان پنهنجي بستري تي نه پر سمنڊ جي ڪناري گذاري هجي.'

'خواب ڪڏهن ٻه ساڀيا نه ٿيندڙ خواهشن جا ڏنڏلا عڪس هوندا آهن. مس صبا حميد.'

'ڏنڏلا عڪس ــ ڏنڏلا. اڙي ها. صبح جڏهن وهنتس پئي ته منهنجو ڏيان تنهنجي ڪالهوڪي ٻڌايل لطيفي ڏانهن هليو ويو. مون کي ٻاڻ ۾ ڏاڍي ڪل آئي هئي. پر ممي جي پؤ کان ڪل کي گهٽي ڇڏيو هيم ۽ مان چاهيندي ٻه پنهنجي ان حصي کي نه صابڻ ملي سگهي هيس. نه ٽاول سان مهٽي سگهي آهيان. ڏسندين.....؟'

صبا ڪياڙيءَ وٽان هُڪ ڪولي کاڌو هٿ ٻڌيان ورائي زپ کي هيٺ کسڪائي ڇڏيو هو.

'هي ڏس ــ؟ پر ٿورو ڏنڏلو ٿي ويو آهي.'

'هو نم.'

'ڏس آهي نہ.....؟'

صبا جي چپن تي سوپ جي هلڪي مرڪ ۽ نيٽن ۾ نيري روشني پرتجي وئي هئي. نيري روشني جيڪا صبا جي نيٽن مان نڪري ڪمري ۾ ڦهلجڻ لڳي هئي. سڄو ڪمرو هلڪو نيرو ٽينڊو ويو هو. چيو هئائين: 'آ وڃ. هي چلو تون پائي چڏ.' ڏسٽي آگر مان چلو لاهي مون ڏانهن وڌايو هئائين.

'مون کي اهڙين شين سان ڪابہ دلچسپي ناهي.'

'ها ها مون کي خبر آهي، پر هن کي تون پائي چڏ.'

'چا ڪندس پائي.....؟'

'مون کي خوشي ٽيندي. هڻ ڏي..... پليز؟'

هڻ وڌائي چڏيو هئم. صبا منهنجين مختلف آگرين ۾ چلو لاهڻ ۽ پائڻ لڳي هئي. آهستي آهستي نيرو ڏنڊ وڏيڪ گهرو ٿي ويو هو. نہ جاڻ ڪهڙي پل صبا، چلي سان گڏ پنهنجيون سموريون آگريون منهنجين آگرين جي پورن ۾ پيهي چڏيون هيون. محسوس ٿيو هئم، جڻ سمنڊ جي تهہ ڏانهن وڃڻ لڳو هوس. سيئي آواز سمنڊ جي سطح تي رهجي ويا هئا. سڄو ڪمرو نيرن لهرن سان پرجي ويو هو جن ۾ صبا هوريان هوريان ترندي مون تائين پهچي وئي هئي. بلڪل ائين جيئن سمنڊ جي اندر ماڻهو پنهنجي وجود جي ڳوراڻ وڃائي ويهي ۽ اڏامڻ لڳي لهرن جي ٻانهن تي. صبا جا ريشمي وار، نيرين لهرن تي 'سلوموشن' ۾ هيڏانهن هوڏانهن ٽيندا منهنجي چهري جي چوڏس ڦهلجي ويا هئا. سمنڊ جي اونهائي ۾ ڪرڻ لڳو هئم. ۽ منهنجا هڻ بدحواسيءَ ۾ صبا جي لسي پٽيءَ تي ريڙهيون پائڻ لڳا هئا جيئن مٿانهين تان هيٺ ڪرندڙ شخص جا هڻ پهاڙ جي ايپي سڏي سنواڻي حصي ۾ هيٺاهينءَ ڏانهن ڪرڻ کان بچڻ لاءِ حفاظتي هنڌ ڳوليندا آهن. پنهنجي ساجي چاتيءَ مٿان شديد تڪليف جو احساس ٿيو هئم. پوري سگهہ هٿن ۾ ميڙي صبا کي پاڻ کان ڌار ڪري چڏيو هئم. صبا ٻئي پلنگ تي ڪِري. ٻنهين هٿن جون آگريون نرم وارن ۾ پيهي ٻدل ساهن سان تهڪن ۾ پئجي وئي هئي. پانيو هئم جڻ سمنڊ جي تهہ ڏانهن ويندي امالڪ سمنڊ جي سطح تي پهچي ويو هوس. نيرو ڏنڊ گهوماڻي ڪائي

گيلري ڏانهن ڪلندڙ دريءَ جي سيرن مان غائب ٿي ويو هو. ۽ شهر جو سمورو گوڙ، گيلري جو دروازو پار ڪري ڪمري ۾ ڦهلجي ويو هو. ڏگها ڏگها ساهه ڪٽڻ لڳو هوس، وات ڪولي پوري سگهه سان ساهن تي قابو پائي صبا ڏانهن ڏٺو هئم. جيڪا مون ڏانهن ڏسي مرڪي رهي هئي. ساڃي چاتيءَ ۾ پوسراڻ وڌي وئي هئي. ڪنڌ جهڪائي ڏٺو هئم. صبا جي ڏندن جي چاپ ٿهڪ ڏئي رهي هئي. هوءَ پرس مان هيئر برش ڪڍي وارن ۾ ڏيڻ لڳي هئي. پوءِ ننڍڙو آئينو ڪڍي کاٻي هٿ ۾ جهلي. ساڃي هٿ سان چپن مٿان لپسٽڪ ترڪائڻ لڳي هئي. ڪال بيل وڄي هئي. دروازي ڏانهن ويندي صبا ڏانهن ڏٺو هئم. صبا جا هٿ تڪڙ ۾ پٽيءَ ڏانهن وڌي ويا هئا. آواز ٿيو: (زززز زززپ). ۽ سندس هٿ ڪياڙيءَ وٽ اڇي بيهي رهيو هو. منهنجو ڪهاٽيڪار دوست اندر اڇي ويو هو. مون صبا ڏانهن اشارو ڪري چيو هو: 'صبا حميد فخري.' صبا جي چپن تي مرڪ جي هلڪي ڪريم جرڪي پئي هئي. 'صبا هي منهنجو دوست ڪهاٽيڪار آهي. ڏهن سالن کان ڪراچيءَ ۾ رهندو پيو اچي. پر هن ۾ ڪراچي جي ماڻهن جي ڪابه خاصيت پيدا ٿي نه سگهي آهي. بلڪل ائين جيئن اڄ تائين سندس بستري ۾ هڪ به منگهڻ پيدا نه ٿي سگهيو آهي.... هي مون کي هن فليٽ ۾ رهندي به دادو ڪٽنال جي ڪپ تي لڳل سنجهي جي گهاٽي وڻ جهڙو لڳندو آهي.'

منهنجي دوست جي چهري تي چپن کان وڌيڪ نيڻ مرڪڻ لڳل هئا. اهڙو احساس شايد ڪيس به ٿيو هو ۽ هو ٿهڪ ڏئي مون سان گڏ پلنگ تي ويهي رهيو هو. ڪاري مان زيتون ڪڍي صبا کي ڏيندي چيو هئائين:

'في الحال هن کان وڌيڪ مان توهان جي کهڙي خدمت ڪري ٿو سگهان.....؟'

صبا زيتون ۾ هلڪو چڪ هنيو هو. هن مون ڏانهن اشارو ڪري پڇيو هوس:

'هن ۾ کهڙي خاص ڳالهه آهي، جو توهان هن سان گڏ هيستائين هليون آيون آهيو.....؟'

صبا منهنجي نيٽن ۾ نيڻ اڙائي چيو هو:

'هن جي نيٽن وانگر هن جون ڳالهيون به خوبصورت آهن. هن جي ڳالهين وانگر هن جو اندر به خوبصورت آهي.' ڪن رکي صبا پڇيو هوس:

'هن ۾ توهان کي ڪا خاص خامي نظر آئي آهي چا.....'

'جي؟.... جي نه.'

صبا جي اوچتي سوال تي منهنجو دوست ڪجهه پريشان ٿي ويو هو. صبا چيو هو:

'ديرٿي وئي آهي.' ۽ اسان اٿي بيهي رهيا هئاسون.

بس ڪراچيءَ جي ٽول پلازا پار ڪري، ريڊ انڊينز جي ڪمان مان پوري سگهه سان چڪي ڇڏي ڏنل تير جيان هوائن ۾ اڏامڻ لڳي هئي. ڪليل دريءَ مان هوائون اندر ڏوڪي آيون هيون. صبا جا ريشمي وار منهنجي منهن تي ٽڏڙا ڪيڻ لڳا هئا. صبا پرس کولي لفافو ڪيندي چيو هو: 'نيزا ڪائيندين.....؟ مان جڏهن به واپس ويندي آهيان، ممي مون کي نيزا وٺي ڏيندي آهي ته جيئن منهنجو سفر مصروف گذري.'

هن هلڪو گلابي رومال پنهنجي هنج ۾ پکيڙي، سمورا نيزا مٿان پرٽي ڇڏيا هئا. پوءِ رومال جي چٽني ڪنڊن کي پاڻ ۾ ملائي رومال کي هٿن ۾ مهٽڻ لڳي هئي. مهٽي رومال کولي ڇڏيو هئائين. نيزن جو سمورو ناسي تهه رومال کي چهٽي پيو هو. نيزو آگر ۽ آگوٽي ۾ جهلي مٿيون کوپو ننهن سان لاهڻ لڳو هوس. صبا پهرين منهنجي آگرين ۾ ٽنڊڙ نيزي کي، پوءِ مون کي ڏسي مرڪي پئي هئي. مرڪندي چيو هئائين: 'ائين نه هيئن ڪاءِ. وڌيڪ آسانيءَ ۽ مزي سان ڪائيندين.' صبا نيزو آگوٽي ۽ آگر جي سهاري جهلي، سندس اڌ حصو ڏندن وچ ۾ ڏئي هلڪي چپ ڏني هئي ته نيزي جو اڌ کوپو هن جي ڳاڙهن چپن جي اندر جرڪندڙ ڏندن وچ ۾ رهجي ويو هو. جنهن کي هن ٻئي هٿ سان ڪيي آگر ۽ آگوٽي جي مٿان ظاهر ٿي پيل ڳچ کي ڏندن سان ڪٽي ورتو هو. مون مرڪي ٻيو نيزو ڏندن ۾ رکيو هو ته صبا چرچي ۽ ٽوڪ جي گڏيل سڏيل لهجي ۾ چيو هو:

'سنجها سان رهي تو ماڻهن واريون عادتون وساري ڇڏيون آهن؟'

مون ڏندن ۾ جهليل نيزو ڪليل دريءَ مان ٻاهر اڇلائي ڇڏيو هو.

'توکي ايڏي وڏي جملي ڳالهائڻ جو حق ڪنهن بخشيو آهي صبا.....؟'

منهنجي لفظن جي سرد هوائن صبا جي چهري ۽ هٿن تي جڻ پارو ڪيري وڏو هو. هوءَ وساڻل نيٽن سان مون ڏانهن تڪڻ لڳي هئي.

'مان سنجها لاءِ هڪ بہ ڪوٽو اکر ٻڌڻ کي پنهنجو. سنجها جو ۽ پاڻ تنهنجو ايمان سمجهندس. جو تہ سنجها منهنجي وجائجي ويل سپن جي ساڻيا آهي..... ۽ تون ان ڪري سڀي آهين. بي انتها عزت لائق. جو تنهنجي لڏل سپن جي ساڻيا وجائجي وئي آهي. ان هوندي بہ تون پريل ميڙ ۾ پنهنجي سمورين پيڙائن کي لڪائي پرپور ٿهڪ ڏيڻ جي فن ڪان واقف آهين.'

صبا هوريان هوريان نيٺ ڪٽي منهنجي سرد چهري تان نگاهون هٽائي ڪيتري دير کان هڪ هنڌ پيل هٿن ڏانهن ڏٺو هو. پهريان هڪ آگر چوري هٿائين. پهريان ڪجهہ پوءِ ڪجهہ وڌيڪ. هن هنج ۾ هڪٻئي مٿان رکيل هٿن جي سمورين آگرين کي چورڻ شروع ڪيو هو. ۽ هٿ ڪٽي دريءَ جو سڄو شيشو کولي ڇڏيو هٿائين. هوا. زنا جي ڏوهہ ۾ ڇڏائي پجندڙ ڏوهيءَ پٽيان ڪنهن مچريل هجوم جيان. اندر ڏوڪي. هر طرف ڦهلجي وئي هئي. صبا کليل دريءَ مان پٽ ڏانهن ڊوڙندڙ بي انت ڦهليل ميدان جي آخر ۾ نظر ايندڙ سرمائي ڏنڌ ۾ ويڙهيل پهاڙي سلسلي ڏانهن تڪڻ لڳي هئي.

'سنجها اڄ تائين تو مٿان جيڪي الزامن جا ڦاها اڇلايا آهن تن جو پڇتاءُ اٿم. ۽ ـــ ۽ ان پڇتاءُ جي پوڳنا کي گهٽائڻ لاءِ آئون سنجها سان ويساهہ گهاتي ڪري توسان هليو آيو هئس. رڳو تنهنجي هڏ جي احساس کي جيئري رکڻ لاءِ..... ۽ اڄ. مان جيڪڏهن تو آڏو پنهنجي اندر جي سمورين سچاين سميت اعتراف ڪري بہ ڇڏيان. تہ منهنجي اندر ۾ توسان ۽ تنهنجي جسم سان محبت ڪرڻ جو جذبو پنهنجي سموري سگهہ سان جاڳي پيو آهي تڏهن بہ ڪو فرق نہ پوندو جو تہ ڪوبہ ماڻهو هڪ ئي وقت هڪ کان وڌيڪ سچي ۽ شديد محبت ڪري نہ ٿو سگهي.'

هڪ ئي مهل ڪيترا لڙڪ، صبا جي نيٽن جي پڇڙين مان ڇڏائجي، هوائن ۾ ڦيريون پائي منهنجي ڳلن، چپن ۽ نڪ تي پتڪڙن پارن جي نرم گرم هٿن جيان چهٽي پيا هئا.

'صبا.....'

هن سرمائي ڏنڊ ۾ ويڑهيل پهاڙي سلسلي ڏانهن گهورينديءِ وڃايل لهجي ۾ پڪيو هو:

'هون.'

'توکي سدائين خوش ڏسڻ چاهيو هئم. پر تنهنجن ڏکن ۾ واڌارو آڻڻ کان سواءِ توکي ڪجهه ٻ ڏئي نه سگهيم..... مون کي ناڪاميءَ جو احساس هميشه رهندو.'

'هميشه کان ائين ٿيندو آيو آهي.....'

'ها صبا، جاڳ ۽ ننڊ جي وچ ۾ لڏل سپڻ جي ڪاب حقيقت نه هوندي آهي.' پيهر ڪيترا لڙڪ هوائن تي اڏندا منهنجي نرڙ ۽ لوندڙيءَ وٽ ننڊڙن هٿن جيان چنبڙي پيا هئا.

'صبا، دري بند ڪري ڇڏ. تنهنجا لڙڪ منهنجي اندر ۾ وڍ وجهي رهيا آهن.'

صبا هڪدم منهن ورائي منهنجن نيٽن ۾ نيڻ ڪپائي چيو هو:

'تون چا ٿو سمجهين..... مان هر ڳالهه تي، پارن وانگر روئڻ وارن مان آهيان.....؟ هي ته... هي ته هوا جي دٻاوَ تي زوري نڪري پيل پاڻي آهي.'

صبا جو آواز ويجهي ويو هو. هن پنهنجون ٻانهون دريءَ جي ڪارنس مٿان ڪپائي تنهن مٿان ڪنڌ ڏرڪائي ڇڏيو هو.

'مون کي خبر آهي، تون ڏاڍي بهادر آهين. تڏهن ئي ته تنهنجي ڳالهه جو مانُ رکندي توسان آخري پيرو ملڻ آيو هوس.'

'اڄ کان ٻوءِ مونسان نه ملندين.....؟'

'نه.'

صبا جهٽڪي سان دري بند ڪري ڇڏي هئي ۽ سيئي هوائون رڙيون ڪنديون پٺ ڏانهن رهجي ويون هيون.

'اڄ ڪان پوءِ منهنجا پير انهن سمورين هيڻاهين ڏانهن ڪڇندا. هن ڪان اڳ جن لاءِ منهنجي ذهن ۾ رڳو تصور ايندو هو.'

پوءِ مان هن کي روز نئين چوڪري سان ڏسندو هوس. اڪيلو مان نہ. تو ٻہ ڏنو هو. صبا مون کي ڏسي، انهن چوڪرن سان ڳالهائيندي وڌا ٽهڪ ڏيڻ لڳندي هئي. هن جا ٽهڪ جيڪي ڪڏهن مون لاءِ اڇا ڪبوتر هوندا هئا پوءِ تاندا بٽجي پيا هئا. پر مون هن کي ڪڏهن ٻہ نہ روڪيو هو. سڌ هئم صبا ايڏي آساني سان هر ڪنهن آڏو وڃائجڻ واري نہ هئي. پوءِ ٻہ الائجي ڇو.... هن کي پين سان ڏسي ڏک جي ابت ڪنڌڙي منهنجي گلي ۾ ايتري پوندي هئي جنهن جو عذاب سڄي جسم ۾ پرڇجي ويندو هو. اهو سڀ ڏسڻ کان پوءِ، تون پرسکون ٿي وئي هئينءَ. صبا سان روز نئين چوڪري کي ڏسي ٽنهنجن شفق رنگ چپن تي مرڪ جي ڪونجن جي قطار اڏرڻ لڳندي هئي. ۽ ٽنهنجا نيڻ مون کي چوڻ لڳندا هئا: 'ڏٺئي، اها ٽئي مس صبا حميد. جنهن کي تون پوتر سمجهندو هئين.....؟'

'هي چلو ڪنهن ڏنو اٽئي.....؟'

منهنجي آڳر ۾ پاتل صبا جي چلي ڏانهن شڪ جي نگاهہ سان ڏسندي چيو هيئي:

'هي منهنجي ڪوي دوست جو آهي. ڪاٺمانڈو ڪراچيءَ مان واپس ايندي ڏيڻ وسري ويو هئم.'

ڪوڙ ڳالهايو هئم. چو تہ ڪوڙ مون کي پنهنجي چوڌاري ڪنهن مضبوط قلعي جهڙو محسوس ٿيڻ لڳو هو. ۽ سچ جا سمورا رستا وڇوڙي جي رڻ ڏانهن ويندي نظر آيا هئم.

'لڳي تہ ليڊيز ٽو.....؟'

'ها، شايد زال جو اٽس.'

تون چلي جي سونهري روشنيءَ ۾ غور سان ڏسڻ لڳي هئينءَ. ڇڻ چلي ڏيندڙ جو چهرو سونهري روشنيءَ ۾ گولڻ لڳي هئينءَ. ڪجهہ ٻہ نہ پسي چلو منهنجي چيچ مان لاهي پنهنجي ڏسٽي آگر ۾ پائي چيو هيئي:

'ڏس، هاڻ وڌيڪ خوبصورت ٿو لڳي نه....؟'

چلي پيل آگر ڏانهن هلڪي مرڪ سان ڏسڻ لڳي هئينءَ. سوچيو هئم، توکي جيڪڏهن چلي ڏيندڙ جي سڌ پئجي وڃي ته جيڪر ان چلي کي ايڏي سگهه سان آسمان ڏانهن اڇلائي چڏين، جو ڏرتيءَ جي چڪ وڃائي هميشه لاءِ پولارن ۾ گم ٿي وڃي. چيو هئم:

'هون، زبردست ٿو لڳي.'

ء تو پنهنجين ساهڙين کي ٻڌائي چڏيو هو ته، هي چلو مون توکي مگٽي تي ونڻي ڏنو آهي. منهنجن گهٽن دوستن ء تنهنجين ڪجهه ساهڙين کي اها جاڻ هئي ته اسان جو مگٽو ٿي چڪو آهي.

توکي ياد آهي.....؟ هڪ شام منهنجي هڪ ڏنگي دوست، ظهور کي رازداريءَ مان ٻڌايو هو: 'پنهون ء سنجها هفتو اڳ ڪورٽ ميريج ڪري چڏي آهي. پر في الحال ان ڳالهه کي آئوٽ ڪرڻ نه ٿا چاهين. تنهن ڪري في الحال تون به ڪنهن کي نه ٻڌائج.' منهنجي ان ڏنگي دوست کي سڌ هئي ته ظهور کي جنهن ڳالهه تي زور ڏئي روڪيو، تنهن کي سڄي شهر ۾ اخبار ٻڌائي چڏيندو آهي. ظهور منهنجي ڏنگي دوست سان ان راز کي راز رکڻ جو واعدو ڪري، ٽيليفون بوٿ هليو ويو هو. ء پنهنجي ڪزن پيوءَ کي جيڪو منهنجو تمام پيارو دوست آهي، ٽيليفون تي ٻڌايو هئائين:

'هڪ نئون انڪشاف، پنهونءَ ء سنجها ڪورٽ ميريج ڪري چڏي آهي.'

رات جو منهنجو ڏنگو دوست مون وٽ آيو هو ء هٿ ٻڌي چيو هئائين: 'توکان جيڪڏهن ظهور يا ڪو تنهنجي سنجها سان ڪورٽ ميريج بابت ڪجهه پڇن، ته ها چئي چڏجانءِ، ڪجهه ڏينهن لاءِ نئين چينج ٿي پوندي.' ٻئي ڏينهن صبح سان پيو منهنجي گهر آيو هو. ان مهل تون منهنجي پيرن ۾ پاتل بوٿ جون ڪهيون ٻڌي رهي هئينءَ. پيوءَ رڙ ڪري چيو هو: 'ڪانگريٽچوليشنز' توکي سلام ڪري، مون کي پاڪر پائي ڳچيءَ تي چمي ڏئي چيو هئائين:

اڙي پاڙيا، يارن کان به لڪائي ڪيئي.....؟'

مون پنهنجي اندر ۾ اٿلون ڪائيندڙ ڪل ڪي مرڪ جي ٻنڊ ڏيئي چيو هو: 'في الحال اها ڳالهه سيڪريٽ رکڻي آهي. مون پنهنجي گهر وارن کي به نه ٻڌائي آهي.'

'چو پلا.....؟'

'يار سنجها جون ڪجهه مجبوريون آهن.'

'ڪهڙيون مجبوريون.....؟' تو ٻئي بوٽ جي ڪهين کي ڳنڍ ڏيندي ٻارن وانگر پڇيو هو.

'اها، پاڻ ٻنهين جي شاديءَ جي خبر.....'

'ها اهڙي خبر جيڪڏهن منهنجي گهر ڀهچي وڃي ته ڪهرام مچي وڃي.' تو ڪلندي چيو هو.

'اڇا.....؟ بهرحال 'يو آر گريٽ.' اسان جي پوري لڏي ۾ توهان ٻئي بهادر آهيو. مون امڙ کي به ٻڌايو آهي. ڏاڍي خوش ٿي. چيو اٽائين سيٽي شام جي ماني اڇي اسان وٽ کائو.'

'پر ڪهڙي خوشيءَ ۾ ـــــ؟' تون وائڙي ٿي وئين هئين. اک ڇيڪي چيو هومانءِ:

'پنهنجي شاديءَ جي خوشيءَ ۾ ـــــ؟' توکي سُڌ هئي ته مان ءِ منهنجا دوست اڪثر اهڙيون شرارتون ڪندا رهندا آهيون.

تون ڳالهه جي ٿهه تائين پهچي ٽهڪ ڏئي ڪلي پئي هئينءِ ءِ ڪلندي مون کي ڀاڪي پائي چيو هيئي: 'اڙي ها. پاڻ ايترو ته گڏ رهيا آهيون جو هاڻ ته لڳي ٿو پنهنجيءَ شاديءَ کي سال گذري ويا آهن.'

ٻيوءَ مرڪي چيو هو: 'لڳندو به ائين آهي.'

'اسان تنهنجي دعوت قبول ڪيون ٿا پر ٿوري قيرقار سان.'

'ڪهڙي قيرقار؟'

'اها ته شام جي نه پر سيٽي منجهند جي ماني توهان وٽ.'

'ها اهو ٺيڪ آهي.' تو مرڪي چيو هو.

ٻيوءَ جي امڙ اسان کي ڪيڏو پيار ڏنو هو.....؟ سندس شخصيت پرهه جي پهرين سج جهڙي ۽ سندس آواز پرهه جي پهرين سج جي ڪرڻن

جهڙو تازگي ۽ جلا بخشيندڙ هو. اسان ڊائيننگ ٽيبل تان اٿي ڊرائنگ روم ۾ آڻي چانهه پيئڻ لڳا هئاسون ته اوچتو صبا جو ذڪر ڪڍي ويٺي هئينءَ. حيران ٿي ويو هئم. تون مون تي الزام هڻڻ لڳي هئينءَ. ۽ مان پنهنجي صفائيءَ ۾ ڳالهائڻ لڳو هوس. ڪنهن وڪيل جيان. امڙ منهنجي پيش ڪيل صفائي ٻڌي. توڪي تاڪيد ڪيو هو: 'ڏيءَ توڪي پنهنجي گهوٽ تي يقين ڪرڻ گهرجي.' تون مان ٿي وئي هئينءَ ۽ مان ذلت جو احساس ڪڍي توسان گڏ ٻاهر نڪري آيو هوس.

پاڻ يوڪلپٽس ۽ سرينهن پريل روڊ لتاڙي اتي پهتا هئاسون جتي پهچي سمورا آواز ٻاهر رهجي ويندا هئا. تو منهنجي اگهاڙي سيني تي اپريل ذري گهٽ ڪاري ٿي ويل چڪ ڪي ڏسي رڙ ڪئي هئي:

'هي ڇا هي.....؟'

'ڇا هي؟'

وائڙن جيان پنهنجي اگهاڙي سيني جي ساڄي پاسي صبا جي لڳايل چڪ ڪي ڏٺو هئم. رڳو هڪ پل لاءِ ككو وكو ٿي ويو هوس. ۽ پوءِ ٿهڪ ڏئي ڪلي چيو هئم:

'اها راهل جي مهرباني آهي.'

'راهل .....؟'

'عليءَ جو پٽ ناهي..... جنهن لاءِ تو بوهري بازار مان شرٽ ۽ پينٽ به ورتي هئي؟'

'پر هي ڏند ته پار جا نه ٿا لڳن.....؟'

'هن جا اڳيان به ڏند بلڪل ماءُ وانگر تيز ۽ ويڪرا آهن.'

'ڇا ڪيو هئس تو....؟'

'ڇهندڙي پاتي هئي مانس چٽڙ ۾.'

تون ٿهڪ ڏئي ڪلي پئي هئينءَ ۽ پوءِ چڪ مٽان آڱريون ڦيري افسوس مان چيو هيئي:

'ڪيڏو ته زور سان چڪ پاتو ٽئي حرام زادي.....؟'

'۽ هن جي باري ۾ توهان جو ڪهڙو خيال آهي؟' مون ڏورن ۽

ڪلهن وٽ تنهنجن پاتل چڪن ڏانهن اشارو ڪري پڇيو هو.

'مان تہ پائيندوس، منهنجي مرضي. تون ڪير ٿيندو آهين ڙي مون کي روڪڻ وارو؟'

تون پنهنجا ڏند منهنجي ڪابي اُرهہ ۾ ڪپائي ڇڏيا هئا. تنهنجي ڇڪ جي شدت جيڏي تيز ٿي وئي هئي اوترو منهنجي اندر ۾ پيدا ٿي پيل خوف آئربو ويو هو. ۽ اسان لهر لهر لڙهندا هليا ويا هئاسون. محبتن جي وادي۽ ڏانهن.

صبا جي گهر ڏانهن ويندڙ سمورن رستن مٿان ڦٽي پيل منهنجي همدردي ۽ خلوص جا وڻ موسمي ہوٽن جيان سڙي چانيڙ بڻجي ويا هئا.

اسان رستن تي مليا هئاسون ۽ بنا ڪجهہ ڳالهائڻ جي هليا ويا هئاسون. صبا کي ڏسي نيٽن ۾ اجنبيت پرجي ويندي هئي. ۽ مون کي ڏسي هن جي نيٽن ۾ اداسيۂ جا پيلا گل ڦٽي پوندا هئا. سندس چهرو جنگ کان پوءِ آخري بچي ويل ماڻهوۂ جهڙو ٿي پوندو هو. ان گهڙيۂ هن جون ڪچيل وکون سست ۽ منهنجيون وکون وڌيڪ تيزيۂ سان ڪچڻ لڳنديون هيون.

مڃان ٿو سنجها، جڏهن صبا مون کي اتفاق سان نظر آئي ہ هئي، تہ منهنجو وجود طوفان جي زد ۾ اچي ويل شاهہ بلوط جيان ٽڪرات ڪندو ڌرتيۂ ڏانهن ڪرڻ لڳندو هو. پنهنجا سمورا ڪم وساري، اخبار جي ڦاڙل ٽڪر جيان رستن ۽ گهٽين ۾ اڏامڻ لڳندو هوس. انهن گذري ويل ڏهن مهينن ۾ هڪ پيرو، صبا مون کي فيڪلٽيۂ جي ڪاريڊور مان لنگهندي ڏسي بيهي رهي هئي، چيو هئائين: 'ہڏ' بيهي رهيو هوس.

'تو منهنجو چلو سنجها کي ڏئي ڇڏيو آهي.....؟'

'ها.'

'چو؟'

'مون ۾ ۽ سنجها ۾ ڪو فرق آهي ڇا؟'

'مان رڳو اهو ڄاڻان ٿي، تہ چلو مون توکي ڏنو هو.' ديوار بڻجي ويو هوس. چيو هئائين:

'ڪنهن جي ڏنل محبت جي امانت ڪي به سنياليو سگهڻ جي قوت نه ٿو رکين؟'

'سنجها مون کي مليل سمورين محبتن ۽ امانتن جي مالڪ آهي.'

'چلو يا تنهنجي آگر ۾ هجڻ گهرجي يا سندوءَ جي لهرن ۾.'

'ساري صبا.'

'مون کي تنهنجي ساري جي ضرورت ناهي.'

'مان توکي چلي جي قيمت ڏئي سگهان ٿو؟'

'تون پيو ڏئي به چا سگهندين.....؟'

'ماڻ چاڻان ٿو. رابيل جهڙين اجرين ۽ سڳنڌ پريل عقيدتن ۽ نئين جاول پار جي سرير جهڙين گرم محبتن جي موت دنيا جو ڪوبه امير ترين ماڻهو پئسن سان لڳائڻ چاهي به ته لڳائي نه سگهندو. پر صبا.....'

'مون تي خوبصورت لفظن جا ڦاها نه اڇلاءِ. مان چاٽي چڪي آهيان. خوبصورت لفظ رڳو ذهن تي حڪومت هلائڻ لاءِ استعمال ڪيا ويندا آهن.'

'مون کي ٽيز ٿي ڪرين....؟'

صبا جي چپن تي مرڪ ڪنهن خوبصورت خنجر جي نوڪ جيان چمڪي پئي هئي. چيو هئائين:

'ٽيز هميشه جيئرن ماڻهن کي ڪبو آهي.'

ان کان اڳ جو ڪو جواب ڏيان. صبا ڪجهه پريان بينل. ڏانهس سُجاتل نظرن سان تڪيندڙ سهڻي نوجوان ڏانهن ريشمي وار لهرائيندي مرڪي هلي وئي هئي.

تنهنجي پاران صبا کي مليل ذلت. موت ۾ صبا جي ڏڳهي ماڻ ۽ ان ماڻ جي پٽ ۾ مون لاءِ چپ هنيل پيار. ها. رڳو پيار جو ته هن ڪڏهن به مون سان ڪو وڏو واعدو نه ڪيو هو. ڪلهي تي ڪنڌ ڏرڪائي. ڪو وڏو ڪوڙ نه ڳالهايو هو. صبا ڪڏهن به منهنجن هٿن تي هٿ رکي. نيٽن ۾ نيڻ اٽڪائي نه چيو هو:ـــ 'مان توسان شادي ڪنديس. پوءِ جو نه مون کي سپ ڪجهه چڏڻو پئي. پوءِ جو نه تون مون کي فوٽ پاڻ مٽان ٽينٽ

هٽي ڏين. ۽ جيڪڏهن تون مون کي نه ملين. ته مان کنهن کي به نه ملندس. مون توکي چاهيو آهي. تنهن ڪري منهنجو سرير هميشه تنهنجي امانت رهندو. هن سرير تي هميشه تنهنجي هٿن، چپن جي روشني چمڪندي رهندي. هن نيٽن ۾ هميشه تنهنجي ياد کنهن بن ۾ واڇوڙي جيان گهوماٽيون ڪائيندي رهندي. ۽ جيڪڏهن تون مون کي نه ملين، مان سماج جي سمورين موسمن سان ٽڪر کائي، پنهنجي وجود کي تنهنجي ياد جو المناڪ کنڊر بٽائي ڇڏيندس.'

ها، صبا ڪڏهن به گنپير آواز ۾ لڙڪ پريل نيٽن سان مون ڏانهن ڏسي ائين نه چيو هو. هن ته رڳو مون کي چاهيو ٿي. ۽ موت ۾ رڳو چاهتن جا ڳاڙها گلاب ٿي وٺ چاهيا. شادي ته هن کنهن امير ماڻهوءَ سان ڪرڻ چاهي هئي.

مون کي اهو چوندي ڪابه هڪ نه ٿي ٿئي صبا کي تنهنجي ڏنل ذلتن، منهنجي اندر صبا لاءِ محبت جو جذبو جاڳائي ڇڏيو هو. پر مون پنهنجي اندر صبا لاءِ جاڳي پيل جذبي کي، سمورن محبت جي احساسن کي گهر ۾ گهڙي آيل چور سمجهي، ضمير جي ٽڪٽڪيءَ تي چاڙهي ڇڏيو هو.

پهرين مون پاڻ کي توهان پنهين جي وچ ۾ کنهن قيمتي تاج جيان سمجهيو هو. جنهن کي حاصل ڪرڻ وارو سلطنت جو مالڪ ٿي سگهيو ٿي. اهڙي احساس منهجي اندر مڱي پيدا ڪري ڇڏي هئي. پر ڪجهه عرصي گذرڻ کان پوءِ، اوچتو مون کي محسوس ٿيو هو. مان توهان پنهين جي وچ ۾ کنهن فوٽبال جيان رهيو هوس. جيڪو توهان جي عورتاڻي انا پرستيءَ ۽ هوڏ جي لتن ۾ لتاڙجي رهيو هو ۽ مون پنهنجي دل جي ان چئمبر مان جنهن ۾ صبا لاءِ هر نيڪ ۽ سچي جذبي جا ويوڪارد پيل هئا، ڪيي يونيورسٽيءَ جي چڑواڳ هوائن ۾ اڏاري ڇڏيا هئا.

مان جيڪو ڪڏهن چڑواڳ هوائن وانگر هوندو هوس. توسان ملي ويندي ۾ بيئل پاڻيءَ جيان ٿي پيو هوس. فيڪلٽيءَ جا ڪاريڊور، ڪلاس روم، يوڪليپٽس ۽ سرينهن سان پريل روڊ، پهاڙيون، ديوين جا ننڍڙا

جهنگل ۽ هن گهر جو ڪمرو، ڪاب ۾ ڦيرڦار نہ آئي هئي انهن ۾ ايترو وقت وهامي وڃڻ ڪان پوءِ ب؟ سواءِ فيڪلٽيءَ جي ديوارن تان ڏاهي ويل پراڻن نعرن مٽان نئين سر لکي ويل نعرن جي....؟ هڪ مخصوص مند ۾ سرينهن جي ٽارين ۾ ٽڙي پيل ساڳين گلن جي....؟ هن ڪمري ۾ اسان ٻنهين جي وچ ۾ ٽيندڙ عمل ۾. پر اهو سڀ ساڳيو هو. ساڳيو ٽي ويندو هو. تڏهن مون کي پهريون پيرو شدت سان احساس ٿيو هو. ماڻهو سيني پر رڙهي يا پنيءَ پر رڙهي پر رڙهندو ۽ پوءِ ب ڏرتيءَ مٽان ئي نہ....؟ ڪيڏي نہ محدود زندگي بڻجي وئي هئي؟ مون کي هر منظر چٽن ڊگهن ديوارن ۾ قاتل نظر اچڻ لڳو هو. پنهنجي هن ڪمري وانگر؟ ڪڏهن ڪڏهن توسان گهمندي محسوس ٿيندو هو جڏ اسان ٻئي گهلجي رهيا هئاسون. جڏ ڪنهن اسان جي چيلهن ۾ ڪو ڊگهو ڳرو نظر نہ ايندڙ زنجير ٻڌي ڇڏيو هو. هلڪي هلڪي بيزاري ڪَر ڪٽڻ شروع ڪيو هو. جڏهن تون مون کي هن ڪمري ڏانهن هلڻ لاءِ چوندي هئينءَ. ۽ منهنجي اندر ۾ عجيب مونجهہ ٿيڻ لڳندي هئي.... نہ چاهيندي ب توسان گهلجڻ لڳندو هوس. چا هو هن ڪمري ۾....؟ ساڳي ڪٽ. ساڳيو گلم. ساڳيا صوفا. اهائي ڏاڪڻين پاسي ڪلندڙ دري. ۽ دريءَ ڪان ٻاهر ساڳيو منظر..... اهائي تون. اهوئي مان. ساڳيا چپ. ساڳيا هٽ. ساڳيا عمل.... نہ پيڙيءَ جي چلڻ جو گهرو احساس. نہ مٽانهينءَ ڪان هيٺاهينءَ ڏانهن گسڪڻ جو سيسڙات ڪڍي ڇڏيندڙ جذبو.... ورجاءُ. ورجايل آسڻ.... موٽ ۾ ٽڪ شديد ٽي ويل. ۽ پوءِ نري ويل احساس سان برفاٽا هٽ. هٽن ۾ ڏئي ساڳين رستن مٽان گهلجڻ. ايترو ماڻ ڏسي پڇندي هئينءَ:

'چپ چو آهين.....؟'

'ائين ئي.'

'ڪجهہ ڳالهاءِ.....؟'

'چا....؟'

'ڪجهہ ب....؟'

'سڀ ڪجهہ ۽ ڳالهائي ڇڏيو آهي. گهٽو اڳ. هاڻ ۽ ڇڙا پڙاڏا آهن.'

'بيزار ٽي ويو آهين مون مان.....؟'

موت ۾ اندر جي سمورن جذبن کي لڪائي، خالي پيالڪ ٿهڪ ڏئي پنهنجي نستين پانهن ۾ توکي پري چوندو هوس:

'ڪڏهن ماڻهو پاڻ کان بيزار ٿيو آهي چا.....؟'

۽ تون هزارين ڀيرا اڳ پڇيل سوال ورجائيندي هئينءَ:

'مون سان ڪيڏو پيار ائٿي.....؟'

جو منهنجي بيزاريءَ کي توائيءَ ۾ بدلي ڇڏڻ لاءِ ڪافي هوندو هو. پر مان پاڻ تي جبر ڪري ڪونہ ڪو رومانٽڪ جواب ڏئي ڇڏيندو هوس. اندر ۾ پيدا ٿي پيل ماڻ وڌيڪ گهري وڌيڪ اونهي ٿي ويندي هئي. ۽ مان ماڻ جي ماري ڇڏيندڙ خاموشيءَ کان ڊڄي توسان گڏ هلندي ڪيترائي گيت، غزل، آزاد نظم. وايون هڪٻئي پٺيان جهونگاريڻ لڳندو هوس. اندر ۾ پيدا ٿي پيل ماري ڇڏيندڙ خاموشيءَ کان؟ يا الائجي تنهنجي پڇيل سوال 'چپ چو آهين؟' جي خوف کان. پر اهو سڀ هوندي بہ ڪا چڪ هوندي هئي جا اسان پنهين کي اڪيلائين ۾ هڪٻئي لاءِ سوچڻ ٿي. شدت سان ياد ڪرڻ ٿي مجبور ڪندي هئي.

تون پنهنجي آخري سال جون سموريون ٽيستون ڏئي چڪي هئينءَ. ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ ٽيسز بہ سبمٽ ڪري ڇڏي هيئي. رزلٽ نڪرڻ تائين پاڻ ملندا رهيا هئاسون. رزلٽ نڪرڻ کان پوءِ تون پهرئين هفتي ۾ ٿي ڀيرا. وچئين هفتي ۾ بہ ڀيرا. ۽ آخري هفتي ۾ هڪ ڀيرو اچڻ لڳي هئينءَ. پنهنجي چيلهہ ۾ نظر نہ ايندڙ پاري زنجير جڙ ڊرو پڳجي ويو هو. منظرن جي چوڏس ديوارون تہ نظر آيون هئم، پر ڪجهہ دور دور. ۽ پهريون ڀيرو مان پاڻ کي ڏکهي عرصي جي نظربنديءَ کان آزاد ٿيل محسوس ڪرڻ لڳو هوس. سيئي ڏنل پيچرا ۽ وڻ ڏوتل ۽ اجرا محسوس ٿيا هئم.

مهيني جا آخري پارنهن ڏينهن تنهنجو ريڊيو تي ڪانٽريڪٽ هوندو هو. مهيني جي انهن ڏينهن ۾ تنهنجي چوڻ تي روز شام جو تو وٽ اچڻ لڳو هوس. تنهنجي ڊيوٽي ختم ٿيڻ کان پوءِ ڪجهہ ڪلاڪ پاڻ ڪڏهن اولڊ ڪئمپس جي ليڊيز پارڪ ۾، تہ ڪڏهن شهاب (منهنجو دوست) جي ڊرائنگ روم ۾ گذارڻ لڳا هئاسون. پابندي سدائين مون کي قيد جو

احساس ڏياريو آهي سنجها! پر مون هميشه تنهنجي چيل لفظن جو مانُ رکيو هوندو. مان تہ انهن منجهان آهيان، جيڪي پاڻ عذاب جي پلصراط تان لنگهي بہ پنهنجين محبوبائن سان ڪيل واعدا پاڙيندا آهن. ء تنهنجي خواهش جو احترام مون لاءِ آسماني ڪتابن پاران موڪليل حڪم جيڏو ئي اهم ء احترام لائق هو. اها بي ڳالهہ آهي تہ انسان هجڻ جي ناتي، هن سماج ۾ رهندي جتي ٻيا بہ رهن ٿا، ڪڏهن ڪڏهن ٻين جي جذبن جو نہ چاهيندي بہ احترام ڪرڻو پوندو آهي. منهنجي وڏي ٽريجڊي اها آهي سنجها تہ مان ڪنهن جي بہ بي عزتي ڪري نہ سگهندو آهيان. بي عزتي ڪرڻ تہ وڏي ڳالهہ آهي مان تہ پنهنجي آڏو ڪنهن جي بي عزتي ٿيندي بہ نہ ڏسي سگهندو آهيان. ٿي وي تي ايندڙ سيريز 'ورلڊ ايٽ وار' (World at war) ۾ جڏهن بہ جرمن جو يهودين کي لتون مڪون ء منهن ۾ ٿڪون هڻڻ وارو سيڪيئنز ايندو هو، تہ مان نہ چاهيندي بہ اٿي هليو ويندو هوس. مون کي لڳندو هو، جڻ اهو سڀ ڪجهہ يهوديءَ تي نہ پر مون تي وهي رهيو هجي. ان ويل مان ننهن ڪان چوٽيءَ تائين ذلت جي احساس ۾ ڪرڻ لڳندو هوس.

انهن منجهان آهيان، جن لاءِ پار وڃڻ کان وڌيڪ عزت لائق هوندا آهن. مون کي ياد ٿو اچي..... هڪ ٻيري پوريءَ رفتار سان (شهر جي روڊن تي آهستي هلي نہ سگهندو آهيان) هڪ اسڪول جي گيٽ وٽان لنگهي رهيو هوس جتي پار رسيس هڻڻ سبب شيون کائي رهيا هئا. منهنجو ڪجيل هٽ هڪ پنجن سالن جي ٻار جي هٿن ۾ جهليل ڪچورين جي پليٽ تي لڳو هو ء پليٽ ڪچورين سوڏي وڃي روڊ تي ڪري هئي. يقين ڪر، ان مهل مون کي پاڻ تي ڏاڍي ڪاوڙ آئي هئي. مون هن ٻار کي تمام گهڻي معذرت سان اکٽ چميون ڏئي معافي گهري هئي. ء ڪچورين واري کي هڪ پليٽ جي جاءِ تي ٻن پليٽن جا ڏوکڙ ڏئي هليو ويو هوس. تون ان کي نفسيات جي ٻوليءَ ۾ ڪنهن بہ ذهني بيماريءَ جو نالو ڏئي سگهين ٿي. مون کي ان جي پرواهہ ناهي. مان تہ مودِ ٿيڻ تي پريل روڊن مٿان زور سان ڳائيندي. انڊن کي روڊ پار ڪرائيندي. يا پوڙهن جي مٿن تي بار ڊورائڻ ۾ ڪوبہ شرم يا عار محسوس نہ ڪيو آهي. اهو سڀ ڪرڻ کان

پوءِ مون کي پنهنجي هٿ جو احساس وڌيڪ شدت سان ٿيو آهي.

ها ته مون چيو پئي، تنهنجي خواهش جو احترام مون لاءِ آسماني ڪتابن ۾ موڪليل حڪمن جيترو اهم رهيو آهي ۽ جيئن ته انسان هٿ جي ناتي هن سماج ۾ رهندي جتي آسان جهڙا پيا به رهن ٿا. ڪڏهن ڪڏهن انهن جي جذبن جو احترام به ڪرڻو پيو هوندم. اهڙن موقعن تي يقيناً مون کان تنهنجي ڪيل خواهش جي عمل ۾ ڪوتاهي ٿي وئي هوندي. جنهن تي تون هميشه جيان ڏمري ۽ هوندينءَ. (اها تنهنجي منهنجي لاءِ شديد محبت هوندي هئي الائجي تنهنجي ذهن جي ڪنڊ ۾ مون لاءِ رهجي ويل شڪ آ؟)

اها حقيقت آهي ته تنهنجي دير سان اچڻ ڪري، سرد پئجي ويل محبت جي جذبي ۾ نئين سر، گرمي پيدا ٿي وئي هئي. توکي گهٽا ڏينهن نه پسي لڳندو هئم. هوائن مان آڪسيجن ختم ٿيندي پئي وڃي. اندر ۾ گهُٽ وڌي ويندي هئي. جڏهن توکي اچڻو هوندو هو. اها رات ٻارن وانگر عيد جي صبح جو اوسيئڙو ڪندي اڌ جاڳ اڌ ننڊ ۾ لڏل خوابن ۾ نوان ڪپڙا پائي، مٽائيءَ جي دڪانن تان چانديءَ جي ورڪن ۾ ويڙهيل مٺائي ونندي گذري ويندي هئي. صبح جو ساجهر اک کلڻ جي باوجود هنڌ ۾ پيو هوندو هوس. ته جيئن هميشه جيان تنهنجي سينڊل جو رومانٽڪ آواز، پرس سٽڻ ۽ مخصوص چٽڪٽي لهجي ۾ 'اسلام عليڪم' جو سرهاڻ ڦهلائي ڇڏيندڙ آواز، پوءِ پنهنجي ويهاڻي جي هيڻيان چاپيءَ جي ڳولها ۾ تنهنجي آڱرين گسڪڻ سان گڏ سيف کلڻ جو آواز ٻڌي. آخر ۾ پيرن وٽان تنهنجي هٿن سان رليءَ جي ست سان ڏار ٿيڻ جو انتظار ڪرڻ لڳندو هوس. تون ايندي هئينءَ ته منهنجي اندر تنهنجي انتظار ۾ سڪي ويل وڻ جي ٽارين ۾ جڙ سوين رنگن جون ربينون ۽ رومال لهرائڻ لڳندا هئا. پر توسان ملڻ پڇاڻان سيئي منظر ساڳين چئن ديوارن ۾ بند ٿي ويندا هئا. تون اچڻ شرط ڪنهن نه ڪنهن جهيڙي جو بنياد وجهي ڇڏيندي هئينءَ. ۽ مون کي تنهنجي اچڻ جي خوشي، پنهنجي مرتئي جو ماتم لڳندي هئي. محسوس ٿيڻ لڳو هئم. تون پنهنجي چيلهه ۾ نظر نه ايندڙ ڳري زنجير جي

بار کان بيزار ٿي پئي هئينءَ. نہ چاهيندي بہ گهلجڻ لڳي هئينءَ ان اسهہ بار هيٺ.

مهيني جي پوين ڏينهن ۾ تو وٽ پابنديءَ سان اچڻ لڳو هوس. پهريان نيوز سيڪشن ۾ پوءِ نہ چاهيندي بہ گيٽ جي ٻاهر. هڪ شام جو گهمندي ڦرندي چيو هيئي:

'ريڊيو جو عجيب ماحول آهي. تنهنجو روز اچڻ تو لاءِ بہ تڪليف ڏيندڙ هوندو.....؟ تنهن ڪري اڳتي مان ٻاڻ تو وٽ ايندي رهندوس. ڪڏهن ڪو ضروري ڪم پيو بہ تہ ظهير کي ميسيج ڏئي ڇڏيندوس. هو توکي پهچائي ڇڏيندو.'

پوءِ تون پندرهين ڏينهن اچڻ لڳي هئينءَ. امان، ادي وڏي ءَ منهنجي ننڍڙي ٻائيٽي رابيلا تنهنجي ڪوٽ محسوس ڪرڻ لڳيون هيون. امان اڪثر تنهنجي دير ڪرڻ تي پريشان ٿي پڇندي هئي:

'سنجها کي تہ وٽ اڃ... ڏاڍي ياد ٿي اچي. بيمار تہ ناهي.....؟'

رابيلا منهنجي سيف تي لڳل هڪٻئي جي چيلهن ۾ ٻانهون ڦاسائي نيٽن ۾ گهورينڊڙ چوڪريءَ جي تصوير کي ڏسندي چوندي هئي:

'پنهون؟ هي تون آهين نہ.....؟'

'ها. ءَ هيءَ چوڪري ڪير آهي.....؟ مان پڇندو هومانس. رابيلا جي چهري تي مائيڪل اينجلو جي ٺاهيل پينٽنگز ۾ معصوم فرشتن جي چهرن تي نظر ايندڙ مرڪ جهڙي لکا ٿيڻ لڳندي هئي. ننڍڙا هٿ ڳلن تي رکي چوندي هئي:

'سنجها چاچي.' ننڍڙا هٿ پکيڙي وڏي ويل ننهن کي ڏسندي چوندي هئي:

'پنهون...؟ پنهون؟ ڪڏهن ايندي؟ چاچي سنجها. ڪڏهن ايندي؟'

ءَ مان توکي ريڊيو تي ٽيليفون ڪري. اچڻ لاءِ چوندو هوس. تون ايندي هئينءَ تہ تنهنجي ايندي ئي محسوس ٿيندو هو جڻ گهر جي پٽين کي نئون رنگ لڳي ويو هجي. امان، ادي وڏي، رابيلا سڀ ڪيڏا

بهڪي پوندا هئا.

پندرنهن ڏينهن بدران مهيني ۾ هڪ پيرو اچڻ لڳئين، گهر ۾ پير پائيندي تنهنجي منهن تي ٽڪ ۽ بيزاريءَ جا سڀئي اداس رنگ پکڙجي ويندا هئا. سيني سان ملي پئجي رهندي هئين، ڪڏهن انب جي وڻ هيٺيان، ڪڏهن وراندي ۾. هڪ ڏينهن تون منهنجي پر مان اٿي، سيف تي لکيل پنهنجي ۽ منهنجي نالي ڏانهن وئي هئين، ۽ پنهنجن وڏن ننهن سان تو پنهنجي نانءَ جا حرف اکوڑي چڏيا هئا. ڪنهن ٻئي نه تو منهنجي دل جي ديوار تي لکيل مقدس عبارت کي پنهنجن وڏن ننهن سان کرڙي چڏيو هو. جڏ منهنجي دل يونيورسٽي جي ڊپارٽمينٽ جي ڪا ديوار هئي جنهن تي تنهنجو نالو نه، پر ڪو سياسي نعرو لکيل هو..... منهنجي پر ۾ ويهندي کرڙيل نانءَ ڏانهن ڏسي مرڪندي چيو هيئي:

'صبا جو نانءُ لکي چڏجان.' ذهن ۾ پرجي ويل ڪاوڙ ۽ ڏک هٿن ۾ اٿلي پيو هو. هٿ هوائن ۾ ڪڇي واپس موٽي آيا هئا. ان لاءِ جو اهو سڀ ڪنهن ٻئي نه، تو ڪيو هو. ۽ توکي منهنجي هر شئي مٿان اڌيڪار هو، سيف ۾ پيل هر شئي ڪان وٺي منهنجي جسم جي هر حصي تائين. ڪيلاش ٻڌجي ويو هوس، جنهن جي هر ڏسا برف سان ستل هوندي آهي ۽ اندر آگ.

توکي پنهنجي ماءُ جو ڏاڍو خيال ٿيڻ لڳو هو ۽ پنهنجي پاءُ کان شديد خوف. پوءِ تو ڪڏهن به هن ڪمري ڏانهن هلڻ لاءِ نه چيو.

هڪ پيري چيو هومانءِ 'هلون.....؟' عجيب بيزاريءَ مان چيو هيئي:

'نه، مود نه ٿو ٿئي.'

محسوس ٿيو هئم، تون پنهنجي چيلهه ۾ ٻڌل، نظر نه ايندڙ ڳري زنجير کي ٽوڙڻ جي جاکوڙ ڪري رهي هئين. اڪيلي سر نه، ڪنهن ٻئي جي مدد سان. ديوارن ۾ قاتل سيئي منظر ڏڏڻ لڳا هئا ديوارن سميت. چاهيندي به توکي ڪِس نه ڪئي هئم. نظر آئي هئم چپن مٿان لڳل

لپسٽڪ ۾ اجنبيت جي هلڪي هلڪي ڪاراڻ.

هڪ دڳهي وڃوتي کان پوءِ آئي هئينءَ. چيو هيئي:

'ڊپارٽمينٽ هلٽو آهي.'

'ڪنهن وٽ.....؟'

'ظهير وٽ.'

'باٿي.....؟'

'ها.'

'تنهنجو مود آف آهي؟'

'پڏائيندي مانءِ.'

رستي ۾ چيو هيئي: 'اسان جي سيڪشن انچارج اسان جي ٽائپسٽ کي چيو پئي. ظهير چئي ٿو. سنجها پهريان هڪ ليکڪ سان عشق ڪندي هئي. پوءِ هڪ آرٽسٽ سان. ۽ هاڻ منهنجي پويان هٽ ڏوئي پئجي وئي آهي.'

جڙ بن ۾ باهه لڳي وئي هئي. ڪامندو هليو ويو هوس. ڪجهه به چئي نه سگهيو هوس. توکي ظهير سان ملائي هليو ويو هئم. چو ته ظهير سان ڪٽائڻ ٿي چاهيم. اڌ ڪلاڪ کان پوءِ تون مون کي فيڪلٽيءَ جي باهرين پارڪ ۾ ملي هئينءَ. اسان سانت جي رڻ ۾ پٽڪندا رڙهڻ لڳا هئاسون. پنهنجي منهن ڳالهايو هيئي:

'مون کي ته اڳي ئي يقين هو. ظهير ائين نه چيو هوندو... اها ڪنهن ٻئي جي حرامپائي آهي.'

ڪجهه به نه ڪچيو هوس. گهر اچي ڪمري جي پٽ سان لڳل ڪٽ کي ٽيڪ ڏئي اهلي پيو هوس. ۽ تون منهنجي هنج ۾ ليٽي مون ڏانهن تڪڻ لڳي هئينءَ. تنهنجا نيڻ تنهنجي اندر ۾ ڪجهه لڪل هئڻ جي شاهدي ڏئي رهيا هئا. پريل آواز ۾ چيو هئم:

'1983ع پنهنجي وچوڙي جو سال آهي.'

هلڪو چرڪ نڪري ويو هيئي. تو تڪڙ ۾ منهنجي وات تي هٿ رکي چڏيو هو. لڳو هئم جڙ پنهنجي وات تي هٿ رکڻ چاهيو هيئي. پر غلطيءَ ۾ منهنجي وات تي رکجي ويو هيئي. مئل آواز ۾ چيو هيئي:

'ائين نہ چئو.....'

تو پنهنجو هٿ هٽائي، خشڪ ٿي ويل لپسٽڪ هاڻان چپ منهنجي چپن تي پهريائين رکي، پوءِ ڇهٽائي ڇڏيا هئا. الائجي ڇو.....؟ تنهنجا چپ ڇڪجي سخت ٿي ويا هئا. چيو هئم ٿورو هٽندي.

'ٿورن ڏينهن ۾ ڪيل واعدن سان گڏ ڪس ڪرڻ به وساري ڇڏي اٿئي؟'

ٽڙيل ساهن سان مون ڏانهن ڏسڻ لڳي هئينءَ. خالي آواز ۾ چيو هئم:

'ڪس، تير تاٽيل ڪمان جهڙن چپن جو نہ، ماکيءَ سان پري اڳتي وڌائي ڏنل سپين جهڙن چپن جو نالو هوندو آهي.'

تو ڏرا پٽجي ويل اڌ ڪليل چپ اکيون ٻوٽي، منهنجي هنج مان ڪنڌ ڪٽي مون ڏانهن وڌائي ڇڏيا هئا. ٿهريل آواز ۾ چيو هئم:

'ياد ڪري ڇڏ اها ڳالهه، ڪڏهن نہ ڪڏهن ڪم اچي ويندئي...؟'

تون اکيون ڦاڙي وائڙائپ مان مون ڏانهن ڏسڻ لڳي هئين.

هڪ سجاتل چيو هو:

'نارد مُني چئي ٿو، سنجها هاڻ پنهونءَ کي سمجهي وئي آهي. وٽس وڃڻ ڇڏي ڏنو اٿئين.'

درد جو ڪاڻُ سيني ۾ ڪپي ويو هئم. ٿهڪ ڏئي ڪلي پيو هئس.

پن مهينن کان پوءِ آئي هئينءَ. بيزاريءَ ۽ ٽڪ سان گڏ اداسيءَ جو رنگ به چهري تي ڪٽي، گهٽي دير ويهڻ کان پوءِ مئل آواز ۾ چيو هيئي:

'مان توسان شادي ڪري نہ سگهندوس. مون کي پنهنجن ڪيل واعدن تي ڏک آهي. اصل ۾ مون کي اهو سڀ اڳ ۾ ٻڌائي ڇڏڻ گهربو هو.... پر اڳ ۾ مون کي اهو سڀ ايڏو ناممڪن نہ لڳندو هو. جيڏو هاڻ تي پيو آهي. منهنجو پاڻ الائجي ڇو، توکان ڏاڍو ڇڙيل آهي. ڇئي ٿو مان پاڻ کي شوٽ ڪري ڇڏيندس..... مان توسان رومانس ڪيو آهي. مان توسان رومانس ڪندي رهندوس..... منهنجو جسم، منهنجا نين، منهنجا چپ، منهنجا هٿ، هميشه تنهنجا رهندا. توسان نہ، تہ ڪنهن سان به شادي

نہ ڪندوس.'

صبا جا جملا سقراط جي آخري تقرير جي ستن جيترائي امر لڳا هئم. 'سنجها توسان رڳو رومانس ٿي ڪري. رڳو رومانس.' .... من ۾ اٿلي پيل درد کي لڪائڻ لاءِ ٿهڪ ڏئي ڪلي پيو هوس. چيو هيئي:

'مون کي خبر آهي، تنهنجا ٿهڪ جيڏا اونچا آهن. تنهنجو درد اوڏو گهرو.'

'درد.....؟ درد جو زهر ته ناگاساڪي ۽ هيروشيما جي تباهيءَ کان به اڳ هوائن ۾ مليل آهي.'

اداس لهجي ۾ پڇيو هيئي:

'منهنجي مري وڃڻ جو ڏڪ روئيندين.....؟'

'گهٽو اڳ، هر ڳالهه تي ٻار ٻڌجي روئي ڏيندو هوس. هاڻ چاهيندي به روئي نہ سگهندو آهيان.... ڪجهه ڏينهن ٿيندا. هڪ جلوس تي گولي هلائيندي پوليس منهنجي هڪ جگري يار کي شوٽ ڪري ڇڏيو آهي. جڏهن ته هن ڪوبہ نعرو نہ هنيو هو. هو ته ڏڪي پاڻيءَ جي ڳولها ۾ نڪتو هو. ان ڏينهن کان روئڻ جي ڪوشش ۾ آهيان. اندر سڄو تنور ٻڌجي ويو آهي. ٻاهران لباس جو برف ۾ ڊڪيل آهيان.... لڳي ٿو سمورا لڙڪ اندر جي جر سبب ٻاڦ ٻڌجي اڏري ويا آهن.....'

اڻندي چيو هيئي:

'مان ايندي رهندوس..... تون ٽيليفون ڪندو رهجانءِ؟' توکي بس استاپ تي ڇڏڻ هليو هوس. اولهه طرف نهاريو هيئي. لهندڙ سورج جا سمورا اداس رنگ تنهنجي عينڪ جي شيشن تي لهي آيا هئا.

مونجهه وڏي وئي هئي. ڪراچيءَ هليو ويو هئم. پنهنجي دوست عليءَ وٽ. سندس گهر ۾ سانت لڳي پئي هئي. هو بستر ٿي لڳو ڊرائينگ روم ۾ صوفا تي اڏ ستل. ڪجهه سوچي رهيو هو. مون کي ڏسندي خوشيءَ مان هلڪو چرڪ نڪري ويو هوس. چيو هئائين:

'سڻو ٿيو جو اچين وئين..... نيرن ڪئي اٿئي.....؟'

'نہ.'

'اڇ تہ ڪرايان.....'

پانهن کان گهلينڈو هليو ويو هو. اڳڻ ۾ هٿرادو ٻٽيل بورڇيخاني ڏانهن.

'پاپي ڪاڻي آ.....؟'

'ان کي ڇڏ.'

هو ڊبل روٽيءَ تي مکڻ هڻڻ لڳو هو. ۽ مکڻ هٿي سيکڻ لڳو هو.

'پار ڪاڻي آهن.....؟'

'ڳليءَ ۾ راند کيڏندا هوندا.'

اوڇتو پر واري ڪمري مان هڪ وڏو سڏڪو ايربو هو. عليءَ زور سان چيو هو:

'روئو..... اڃان زور سان رئو. آواز نہ ٿو اچي.'

'ڪير ٿو روئي.....؟'

'بس ڙي يار. روئي ٿي پنهنجن پاڳن تي.'

ٿهڪ ڏئي کلي پيو هئمر. اهو سڀ مون لاءِ نئون نہ هو. ها. ڪنهن ٻئي لاءِ نئون ٿي سگهيو ٿي. هن سلائيز ناهي. ڪجهہ مون کي ڏنا هٿا ۽ ڪجهہ اندر ڪٽي ويو هو. ڪمري مان آواز آيو هو:

'آ.... اُٺ ڪاءِ.'

'مان نہ ڪائيندیس.....' ۽ سڏڪن جو نہ ختم ٿيندڙ سلسلو.

'اُٺ جان. ڪاءِ.'

'مان نہ ڪائيندیس نہ ڪائيندیس.....' ۽ سڏڪن جو نہ ختم ٿيندڙ سلسلو.

'مان چوانءِ ٿو. اٿي ڪاءِ.....؟'

چئي ڇڏيم نہ ڪائيندیس. مون کي تنگ نہ ڪر.'

اوڇتو هڪ زوردار چماٽ جو آواز آيو هو. ۽ منهنجي دوست جو ڪاوڙ ۾ ٻڏل جملو:

'اٺ ڪاءِ. مان توکي جيڏو پيار سان چوان ٿو. اوڏي وڏي ايڪٽنگ ٿي ڪرين.....؟'

سڏڪن جو سلسلو ڪجهہ وڌيڪ بلند. ڪجهہ وڌيڪ تکو ٿي ويو

هو. هو باهر نڪري آيو هو. سندس منهن تي ڪنهن ڪاوڙ جو تاثر نہ هو. مون سان گڏ ويهي. سلائيز ڪائڻ لڳو هو.

'ڳالهہ چا ٿي آهي.....؟'

مون ڪي اڪ هٿي بلند آواز ۾ چيو هئائين:

'وڃي پڇيس.....؟'

اندر ويو هوس. پـــاپي اونڌي منهن پلنگ تي روئي رهي هئي. سڏڪن سبب سڄو جسم لڏي رهيو هوس.

'چا ڳالهہ ٿي آهي، پاپي.....؟'

منهنجو آواز ٻڌي پاپي سانت ٻڌجي وئي هئي.

'علي، ڪجهہ چيو اٿئي.....' علي اندر آيو هو. چيو هئائينس:

'ٻڌائينس ٻڌائينس.....؟' ۽ پاپيءَ جي سڏڪن جو سلسلو ٻيهر شروع ٿي ويو هو.

'ٻڌائينس نہ. پڇ آيو ٿئي.....؟' پاپي منهن مٿي ڪري ڏنو هو. سڄو چهرو لڙڪن سان وهنڊل هوس. سڏڪن وچ ۾ چيو هئائين:

'هن ڪان ئي پڇي وڃ.....؟'

'مان تہ اصل توکي ڪهاڙيون هنيون آهن.....؟' علي، جي لهجي ۾ هلڪي ٽوڪ ايري آئي هئي ۽ پاپي سڏڪن ۾ ٻڌجي وئي هئي.

'اٿ تہ هلون ڏي.' علي، ٻانهن ڪان ونڊي باهر گهليندي چيو هو. پاپي تڪڙ ۾ پلنگ تي اٿي ويٺي هئي. رڙ ڪري چيو هئائين:

'تون باهر نہ ويندين.'

'ڳالهہ چا ٿي آهي، پاپي.....؟'

'صبح جو نڪرندو آهي تہ رات جو بيگاهہ وقت ايندو آهي. گهر ۾ چوويهہ ڪلاڪ دوست هوندا اٿس. مان اڪيلي ٻن ٻارن کي ڪيستائين سنڀاليان.....؟ اڄ اسڪول ۾ ٻارن کان امتحان ونڊو هو. چيومانس، اڄ تون اسڪول نہ وڃ ٻارن سان گهر ۾ هج. جيائين، هڪ کي تون ونڊي وڃ. مان ٻار سنڀاليان يا اسڪول ۾ ٻارن کان امتحان ونان.....؟ ..... سڄي گهر ۾ گاسليٽ هاري ڇڏيو اٿائين. باهہ ٻڌائين.' سڏڪن جو سلسلو ٻيهر شروع ٿي ويو هو.

مون پڇيو هو:

'تہ ان ۾ وڙهڻ جي ڳالهہ هئي.....؟'

عليءَ چيو هو:

'هيءَ اهو سڀ پارن سامهون ڪندي آهي. رڙيون. واڪا. روئڻ.... اڄ بہ ٻنهي پارن کي چماٽون وهائي. سامان ڪٽي پنهنجي گهر وڃڻ لڳي هئي.... تون ئي ٻڌاءِ. اهو سڀ ڏسڻ کان پوءِ پار 'ان سيڪورٽي' جي مرض جا شڪار نہ ٿيندا.....؟ سائيڪ ڪيس نہ بڻبا.....؟..... اڄ هلون.' هو مون کي ٻانهن کان ونڊي گهلڻ لڳو هو. پاڻي پڙڪو ڏئي اٿندي چيو هو:

'وڃين ٿو تہ پنهنجي پارن کي بہ ونيون وڃ. مان نہ سنڀالينديءَ مان. سيف منجهان ڪپڙا ڪڍڻ لڳي هئي.

'نہ سنڀالين. پاڻ ئي فوٽ پاٽ تي ڏڪا ٽاپا کائي وڏا ٿي پوندا.'

علي مون کي ٻانهن کان گهلينڊو ٻاهر ونڊي ويو هو. ڳليءَ ۾ پاڻيءَ جا آواز پڙاڏا ڪرڻ لڳا هئا.

'آئون چوانءِ ٿي. ونيو وڃ پنهنجا پار.....؟' علي مون کي گهلينڊو ئي هليو ويو هو. چيو هئم:

'توهان کي نہ وڙهڻ گهرجي.....'

'منهنجي شديد محبتن هن جو دماغ خراب ڪري ڇڏيو آهي.....'

علي چوندي چپ ٿي ويو هو. محسوس ٿيو هئم. ان جملي کان پوءِ هن گهٽو ڪجهہ ڳالهائڻ چاهيو هو. جيڪو مون بنا ٻڌڻ جي ٻڌي ورتو هو. اسان منهوڙي هليا ويا هئاسون. علي سمنڊ جي ڪناري تي ليٽي سمنڊ کي ڏسڻ بدران آڪاس جي وستن ۾ گهورڻ لڳو هو. مان سوچڻ لڳو هوس. (لو ميريج اهو جهاز آهي. جيڪو آڪاس جي بلندين تي پهچي امالڪ پنهنجو پارٽ وڃائي ويهي. ۽ ٿڪي پيل تاري جيان ڪرڻ لڳي ڏرتيءَ ڏانهن پوري رفتار سان.) سوچي ڇڏيو هئم. محبتن ۾ يا شديد پيار ڪرڻ گهرجي. يا شديد نفرت. شادي هرگز نہ.

تنهنجي شادي نہ ڪري سگهڻ جي مجبوريءَ کي خوبصورت سبب

ڏئي پاڻ کي آجو ڪري چڏيو هئم. ها سنجها، اها پيڙا جيڪا ماڻهو سڀ ڪجهہ حاصل ڪرڻ کان پوءِ بہ وڃائي نہ سگهي. بهتر آهي ڪجهہ بہ نہ پائي پوڳيندو رهي.... پائي وڃائڻ جي پوڳنا کان وڃائي ڪجهہ نہ پائڻ جي پوڳنا وڌيڪ بهتر وڌيڪ سڪلتا واري هوندي آهي. پائي بہ ڪجهہ نہ پائي سگهجي، اهڙي پائڻ کان نہ پائڻ، ڪيڏي عزت جوڳي وک آهي.....؟ ها، ماڻهوءَ کي رڳو محبت ڪرڻ گهرجي. بي انتها..... سڀني بندڻن کان آزاد پيار، هوائن ۾ مٽي تمام مٽي نيري آڪاس جي وسعتن هيٺ اڏامندڙ اڇي ڪبوتر جهڙو اجرو پيار، مون کي مانُ هو تہ. تو مونکي نہ پائيندي بہ ايترو چاهيو ٿي. منهنجي من ۾ تنهنجو تقدس وڌيڪ گهرو ۽ سگهارو ٿي ويو هو. اهو سڀ سمجهي ونڻ کان پوءِ منهنجو وجود بلڪل هلڪو، پوپٽ جهڙو ٿي ويو هو. ۽ مان سڪ جي نند سمهي رهيو هوس.

هڪ ڏينهن، منهنجو ساڻيو گهرين نيٽن وارو ڪهاڻيڪار دوست، مون وٽ آيو هو. اکين ۾ نهاري گنڀير آواز ۾ چيو هئائين:

'بڌو آهي سنجها توکي چڏي ڏنو آهي.....؟'

منهنجي چپن مٿان اپريل گهاٽيون مچون بہ شايد چپن تي پکڙجي ويل مرڪ کي لڪائڻ ۾ ناڪام ويون هيون. جواب ۾ منهنجو دوست بہ هلڪو مرڪي پيو هو. چيو هئم:

'تنهنجو اهو جملو، بلڪل ائين آهي، جيئن ڪوئي ڪنهن کي چئي، هو ماڻهو بن سالن کان ساهہ ڪٽڻ بنا جي رهيو آهي.'

منهنجو جملو بڌي، منهنجو دوست پنهنجي آواز جيان گنڀير ٿي چيو هو.

'سنجها اڄ ڪلهہ ريڊيو تي نيوز ٽرانسليٽ ڪندڙ ڪنهن ظهير چوڪري سان گهمڻ لڳي آهي.....؟'

ٿهڪ منهنجي ڪاڪڙي جي گهٽ مان چونڪڙيون پريندا هليا ويا هئا.

'ظهير..... ظهير منهنجي پيارن دوستن مان هڪ آهي. بيحد سلجهيل ۽ سباجهو. ڪيس سُڌ آهي تہ سنجها منهنجي محبوبا آهي.'

'بڌائڻ واري کي شايد ان ڳالهہ جي سُڌ ڪونهي..... نہ تہ مون

سان اهڙي گالهه نه ڪري ها. ڇو ته اسان سنڌي، پنهنجن دوستن جي محبوبائن کي پنهنجين پيٽن جيڏو ئي مقدس سمجهندا آهيون..... اسان ته انهن ويشائن ڏي به نه ويندا آهيون، جن سان اسان جي يارن جا واسطا هوندا آهن.'

هڪ ڀيرا توسان ٽيليفون تي گالهائڻ چاهيو هئم. پر لائين ۾ گڙبڙ هئڻ سبب منهنجو آواز تو تائين پهچي نه سگهيو هو.

وقت گذارڻ لاءِ پيوءَ وٽ هليو ويو هوس. ڪيتري دير منهن ۾ تڪيندو رهيو هو. مرڪي پيو هئس:

'منهنجن نيٽن ۾ ڪو سچ وڃائجي ويو آئي چا.....؟' ڏکويل آواز ۾ چيو هئائين:

'ٻڌو آهي، تو ۾ ءِ پاڃائي سنجها ۾ سيپريشن ٿي وئي آهي؟' وچون وٺي ويا هئم:

'آخر اهڙين غلط گالهين ڦهلائڻ ۾ ماڻهن کي ڪهڙا گنج ٿا ملن.....'

ڏاڍا جڪ آيا هئم. پيوءَ وٽان بنا چانهه پيئڻ جي هليو ويو هوس.

تنهنجي اچڻ جو اوسيئڙو ڪرڻ لڳو هوس. يا شايد ماڻهن جي گالهين منهنجي انتظار ۾ شدت آڻي ڇڏي هئي. صبا جي چواڻي توکي پاڻ تي دامينيٽ ڪري ڇڏيو هئم. ايترو جو منهنجو وجود تنهنجي نانءَ جو پڙاڏو بڻجي پيو هو. توکي پَسي پنهنجي هئڻ جو احساس جاڳي پوندو هو... منهنجي جيون ۾ تون پهرين چوڪري نه هئينءَ سنجها، جنهن سان محبت ڪئي هئم: بلڪل ائين جيئن تنهنجي جيون ۾ مان پهريون چوڪرو نه هوس جنهن سان تو محبت ڪئي هئي. توکان اڳ منهنجي جيون ۾ جيڪي به آيون هيون ءِ هليون به ويون هيون، تن جي هلي وڃڻ تي منهنجو اندر ڪڏهن به هيروشيما بڻجي نه سگهيو هو. چاهيندي به راتيون جاڳي هن کي ياد ڪري نه سگهيو هوس. شايد ان ڪري، جو هو سڀ منهنجي دل جو دروازو کڙڪائي، مون کان اجازت وٺي مون تائين پهتيون هيون ءِ تون پهرين چوڪري هئينءَ جنهن منهنجي دل جي دروازي کي پوريءَ سگهه سان کولي ڇڏيو هو. بنا کڙڪائڻ جي، بنا ڪنهن اجازت جي. ءِ اندران ڪنڊي

هٽي مون تائين پهتي هئينءَ. تڏهن منهنجي 'ٽين ايج' محبوبا منهنجي دل جو دروازو بند ڏسي. اڃل محبتن جا ڪٽي آيل گل، سر جهڪائي واپس ڪٽي وئي هئي. ۽ پوءِ وفا انهن عقيدت جي گلن کي چپ چاپ پنهنجي ڪورس جي ڪتابن ۾ رکي چڏيو هو. اڄ تائين اهڙي چوڪري نہ ڏٺي اٿم سنجها. جيڪا پنهنجن ڏنل مقدس جذبن جو اپمان پنهنجن نيٽن سان ڏسندي ۽ سياري جي رات جيان ماڻ رهي ۽ پنهنجي دل جي دروازي سان گڏ نيٽن جا سمورا تاڪ کولي انتظار ڪندي رهي.

ڪنهن ٻڌايو هو تہ توکي بلڊ ڪينسر آهي. مون کي ياد اچي وئي هئي. سيفل ملوڪ ڏنڊ تي گذاريل اها شام. جنهن جا سپئي رنگ ڏسندي ڏسندي ڏنڊ جي شفاف جل ۾ لهرائيندا پڏي ويا هئا. مان بنا پٽ ڏانهن ڏسڻ جي توڙانهن ڏوڙندو هليو آيو هوس. پر تنهنجي ويجهو پهچي سڌ پئي پئم. تون ڪنهن جسماني بيماريءَ ۾ نہ پر ذهني مونجهارن جي ڏبائن هيٺ پنهنجي وجود کي جيئارڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئينءَ. انهيءَ زماني ۾ ڏٺو هئم. تون ننڍ جون گوريون گهٽائيءَ ۾ واپرائيندي هئينءَ. ايتريون جو صبح جو ڊپارٽمينٽ ۾ ڳالهائيندي، گهمندي جهولڻ لڳندي هئينءَ. ساهت. آرٽ ۽ سياست تي جيڏو خوبصورت ڳالهائيندي هئينءَ. اوڏيءَ خوبصورتيءَ سان ڪوڙ بہ ڳالهائي سگهندي هئينءَ. ۽ جنهن بہ مهل تو ڪوڙ ڳالهايو هو. ان ڳالهايل ڪوڙ کي گذرندڙ ڪنهن بہ گهڙيءَ ۾ ڪوڙ محڻ لاءِ تيار نہ ٿي هئينءَ. اهڙا ڪوڙ تون رڳو پنهنجي بچاءَ لاءِ ۽ پين جي دلين ۾ پنهنجي لاءِ جڳهہ پيدا ڪرڻ لاءِ ڳالهايا هوندا.

هر ڳالهہ جي انتها تائين پهچڻ جي سگهہ سان گڏ تون ڳالهائڻ جي ذات کان بہ چگي ريت واقف هئينءَ. منهنجا گهٽا دوست تنهنجي ڳالهين کان متاثر ٿي تنهنجي عزت ڪرڻ لڳا هئا. اڪيلائيءَ ۾ جڏهن بہ ويهي تنهنجي اينالائيسس ڪئي هئم. ان نتيجي تي پهتو هوس تہ سڀ ڳالهائڻ ۽ بولڊنيس تو ۾ ان ڪري اپري آيون هيون يا تو پيدا ڪري ورتيون هيون جو تو ۾ ظاهري ڪو ايڏو خاص 'اٽريڪشن' ڪونہ هو. پهرين محبت جي ناڪاميءَ تو ۾ سيڊازم ۽ انسيڪئورٽيءَ جو احساس پيدا ڪري چڏيو هوـــ انهيءَ سبب تون مون سان ننڍين ڳالهين تي وڙهي پوندي هئينءَ.

مون کي پاڻ کان هڪ پل لاءِ به الگ ٿيڻ نه ڏيندي هئينءَ. پوءِ اوچتو ئي اوچتو..... تنهنجو چهرو، ٽڪ ۽ بيزاريءَ جو مهان پورٽريٽ بڻجي پيو هو. مون وٽ اڃا چڏي ڏنو هيئي، ماڻهو عجيب گالهيون ڪرڻ لڳا هئا. بن مهينن کان پوءِ به جڏهن تون نه آئي هئينءَ ته انتظار ڪري نه سگهيو هوس. توکي ڏسڻ لاءِ منهنجا پير پاڻ مرادو ريڊيو اسٽيشن جي گيٽ ڏانهن وڌڻ لڳا هئا. جهوني پپر جي اوٽ ۾ بيهي تنهنجو انتظار ڪرڻ لڳو هوس. ۽ شام جڻ پيل جي پتن مان ڇٽي سڄي حيدرآباد مٿان چانئجي وئي هئي. توکي ڏسڻ جي شدت وڌيڪ گهري ٿي وئي هئي. چاهيو هئم، تون جلدي نڪري اچ. پر تون ٽائيم کان به ڪلاڪ دير سان نڪتي هئينءَ. ظهير توسان گڏ هو. مون کي سُڌ هئي ته هو توکي گيٽ وٽان ئي رکشا پکڙي ڏيندو. پر مان اهو ڏسي حيران ٿي ويو هوس، ته هو توکي گيٽ وٽان رکشا پکڙي ڏيڻ بدران تنهنجي پر ۾ هلڻ لڳو هو. توهان ٻئي هڪ ٻئي جي پر ۾ وک وک هلڻ لڳا هئو. بلڪل ائين، جيئن اڳ تون مون سان انهن روڊن تي هلندي هئينءَ. ۽ هلندي، ايندڙ رومانٽڪ مستقبل جا خواب ڏسندي هئينءَ..... پير پير ٿهڪ ڏئي ٽڙي پوندي هئينءَ. اڄ انهن روڊن تي تون ظهير سان مرڪون ورهائيندي وڃي رهي هئينءَ. منهنجي پيار جي شهر تي دڪ جو ايٽم بم ڪري پيو هو. ۽ سڄو اندر هيرو شيما بڻجي ويو هو. سموريون عقيدتون، محبتون ۽ تقدس جا پرزا هوائن ۾ اڏامڻ لڳا هئا. ذهن خالي، زبان ميٽ، نڙي ڪنڊن پريل سرنگهه بڻجي پئي هئي. مرندڙ احساس کان منهنجا پير پاڻ مرادو توهان جي چڏيل پيرن مٿان کڄڻ لڳا هئا. تنهنجي پيرن ۾ پينسل هيل پاتل هئي. اها پينسل هيل سنجها. جيڪا تو منهنجي ڊائري پڙهڻ کان پوءِ لاهي چڏي هئي. اهو ڇئي ته. هاڻ تون ڪڏهن به هيل جا آواز پاڻ کان پري ٻڌي نه سگهندين. چو ته مان تنهنجي آخري منزل آهيان. ۽ مان پنهنجون سموريون بچايل محبتون تو مٿان وارڻ چاهيان ٿي.

ان شام مان تنهنجي پينسل هيل جا آواز پاڻ کان پري ٿيندي ٻڌي، تو ڏانهن دوڙڻ چاهيو هو، نستين ٽنگن ۾ُرندڙ وجود سان. بلڪل ائين، جيئن ڪو بار وچ شهر ۾ ناراض ٿي ويل ماڻ ٻُڌيان دوڙڻ لڳي. تنهنجا زندگيءَ

سان ٽمٽار ٿهڪ منهنجي جسم تي پريشر ڪُڪر مان نڪتل ٻاڦ جيان لڳي رهيا هئا. ۽ مان وٽندڙ ٽڏ هوندي به پگهرجي درياهه ۾ ٻڏي ويو هوس. تون هئينءَ جو بنا پٽ ڏانهن نهاريءَ جي، خوابن جي نئين حسين وادي‌ءَ جي ڏند ۾ ويڙهجي وڏي رهي هئينءَ. اڳتي گهٽو اڳتي. سموري جسم جي سگهه، پيرن جي ترين ۾ ميڙي، هڪ ڪُليءَ مان شارٽ ڪٽ ڪري ٻوهان جي اڳيان اجنبين جيان وڃڻ لڳو هوس. مون کي اوچتو ڏسي چرڪجي وئي هئينءَ. مهين کان لڪايل اندر جي ڳالهه منهن تي وائڪي ٿي پئي هيئي. مون ڏانهن ڏسي ائين کلي ڏنو هيئي، جيئن پنهنجي گهر ۾ چوري ڪندي ڪو پڪڙجي پئي ۽ اندر جي خوف ۽ شرم کي لڪائڻ لاءِ کلي پئي ڦڪي کل. منهنجي چهري تي پاڻ لاءِ ڪاب سجاٽپ جي لکا نہ ڏسي چيو هيئي:

'امان ڪيئن آهي.....؟'

'ٺيڪ آ ـ هي.' نڙيءَ مان اوپرو آواز نڪتو هو. ٻيهي نہ سگهيو هوس. دل جي ڊپ لپ ڊپ لپ آفريڪا جي گهاٽي جهنگل ۾ اماس رات جو. ڪنهن اداس شيديءَ جي گوڏن ۾ قاتل نغاري مان نڪرندڙ دم دم بڊجي وئي هئي ـــ جنهن جي پڙاڏي ۾ سجو شهر، جهنگل سراپجي ويو هو. ٽڙندڙ وڪن سان وڃڻ لڳو هوس. شهر جا سڀ ڏڳ قبرستان ڏانهن ويندي لڳا هئم. تو ٻُڌيان سڏ ڪيا هئا. ۽ مون کي اهي سڏ واٽ ويندڙ ڪان ٽائيم پڇڻ وارا محسوس ٿيا هئا. اسٽريٽ لائيٽس قبرن مٿان ٽمڪندڙ ڏيئا لڳيون هيون. سمورا خواب نيٽن مان اڏامي آسمان ۾ ٽمڪندڙ تارا بڊجي پيا هئا ـــ پٽون بڊجي ويل روڊ مٿان پٽڪڻ لڳو هوس:

'او ـ نو. مون سان ويساهه گهاتي....؟؟ مون سان ـــ؟؟.....؟؟ ـــ هن آخر ائين ڪري ڇڏيو.....؟ـــ او. نو. امپاسيبل. امپاسيبل..... ناممڪن. هو منهنجو دوست..... هوءَ منهنجي محبوبا..... منهنجي زندگي. منهنجي پٽني... منهنجو دوست منهنجو موت ـــ منهنجي زندگي... منهنجو موت. منهنجي زندگي. منهنجي محبوبا... ويساهه گهاتي موسان....؟.... پنهنجي پٽي سان؟ پنهنجي دوست سان؟؟ مون سان....؟ خدا سان؟ ء.... او نو نو نوـ اهو سڀ ناممڪن آهي. امپاسيبل...'

اوچتو پٽيان ڪنهن چيو هو:

'چا ناممڪن آهي، چا ممڪن. سڀ ناممڪن آهي. سڀ ممڪن. جو ڪجهه آهي ممڪن ۽ ناممڪن جي وچ ۾ آهي. پائڻ ۽ وڃائڻ جي وچ ۾.'

چرڪ پري پٽيان ڏٺو هئم. گوتم بيٺو مرڪي رهيو هو. خشڪ چپن تي زبان ڦيري چيو هئم:

'تون ـــــ گوتم ـــــ آهين نه.....؟.....؟'

ٿهڪ ڏئي چيو هئائين:

'دوستن ڪي سڃاڻڻ ڪڏهن کان ڇڏي ڏنو اٿئي....؟'

'ڏس، مان.... هن وقت به توکي سڃاڻان ٿو. جڏهن ته شهر جا سمورا رستا وسري ويا اٿم.'

ٿهڪ ڏئي کلي پيو هو. پانهن ۾ هٿ وجهندي چيو هئائين:

'ڪا ڳالهه ناهي. مان تنهنجي مدد ڪندس.' ۽ چرڪ پري پنهنجو هٿ منهنجي ڪرائيءَ مان ڪڍي ڇڏيو هئائين.

'توکي ته ڏاڍو بخار آهي؟'

'مان ٺيڪ آهيان ـــــ تنهنجا هٿ ٺري ويا آهن.'

'ڪجهه پيتو اٿئي چا....؟'

'نه.... پيئارينديں.....؟'

'سنجها ڪيئن آهي؟'

ڪنهن پوريءَ سگهه سان سيني مٿان ٽونشو وهائي ڪڍيو هو. ڏاڍي ويو هوس، درد جي پئسفڪ ۾. ٻيهر پڇيو هئائين:

'سنجها ڪٽي آهي....؟'

'سنجها.....' چيو هئم: 'سنجها پنهنجي نئين پريميءَ سان.' گوتم ٿهڪ ڏئي چيو هو:

'ناممڪن ـــــ'

ميٺ چپن تي زبان ڦيرائي جهيڻي آواز ۾ چيو هئم:

'سڀ ناممڪن آهي، سڀ ممڪن؟'

گوتم سرد آهه پري. منهنجي ڳچيءَ ۾ پانهن ورائي ڇڏي هئي.

گوتم منهنجن انهن دوستن منجهان هو ـــ جن سان چاهيندي به فري نه ٿي سگهبو آهي. جن سان پنهنجائپ هوندي به اوپرائپ محسوس ٿيندي آهي. جن سان ملي ڳالهائڻ کان کلڻ تائين. کلڻ کان هلڻ تائين سڀ کوڙو لڳندو آهي. اهڙن دوستن سان ملي منهنجو ساهه پوساڻجڻ لڳندو آهي. انهيءَ ڪري گوتم کي پري کان پاڻ ڏانهن ايندي ڏسي. لنوائڻ لڳندو هوس. پر ان رات هن سان ائين اوچتو ملي پنهنجائپ جو شديد احساس ٿيو هئم. ان گهڙيءَ گوتم مون کي اهڙي ريلنگ لڳو هو. جنهن کي پڪڙي پاڻ کي هيٺاهينءَ ڏانهن ڪرڻ کان بچائي پئي سگهيس. پيرن کي ڏرتيءَ مٿان ٽپائي هن سان هلندي چيو هئم:

'مون کي اڄ تنهنجي ڪمپنيءَ جي ضرورت آهي.....؟'

'مان توسان گڏ آهيان.' گهڙي رکي چيو هئائين: 'اڳ مر ڊاڪٽر وٽ هلون."

'نه مون کي وڊيو سينٽر وڃي هل.'

'وڊيو سينٽر....؟'

'ها.'

'ڪهڙي گيم کيڏندو آهين؟'

'فراگر.'

'فراگر.....؟.....' جنهن مر ڏيڏر کي ٽرينڪ پريل شاهراه پار ڪرائڻي پوندي آهي؟'

'ها اهائي.'

'ريئلي ايڪس. ٿينڪ. گليگا. تائيم پائلٽ چو نه کيڏندو آهين؟'

'مون کي انهن راندين مان ايندڙ ڏماڪن. جهازن جي سيٽين ۽ گولين جي آوازن کان چڙ آهي.'

'پر فراگر ته ڪوئي به نه کيڏندو آهي....؟'

'مان کيڏندو آهيان. جنهن ڏينهن ڪنهن جي مدد ڪري نه سگهندو آهيان. جنهن ڏينهن سخت دکي هوندو آهيان.'

وڊيو سينٽر هليا ويا هئاسون. 'فراگر' جي ڪين هميشه جيان خالي

پئي هئي. ۽ 'اسٽار وارو گيمز' تي ماٿهن جا هشام متل هئا. هن جي چپن تي پيانڪ مرڪ ۽ اکين ۾ وحشت پريل هئي. مان ڪائونٽر تان ٻه ٽوڪن ونڊي هڪ فراگر جي پانداري ۾ وجهي ڇڏيو هو. ٽريفڪ. اسپيڊ سان ڊوڙڻ شروع ڪيو هو مان فراگر کي ٽريفڪ پار ڪرائڻ لڳو هوس. مسلسل فراگر کي ٽريفڪ پار ڪرائيندو رهيو هوس. ۽ بونس/ ثواب ڪمائيندو رهيو هوس. گوتم چيو هو:

ڏهه ٽيڊ وارا آهن، يونيورسٽيءَ جي آخري بس هلي نه وڃي.

سنجها، وڊيو سينٽر مان باهر نڪرندي ئي ٽوڪي ٻيهر ظهير جي پر ۾ هلندي ڏٺو هئم. پاڻ کي توهان جي پٽيان هڪ سين هئي. جنهن جو ڪوبه چيڙو نه هو. جنهن ۾ هڪ پل لاءِ به وقفو نه پئي آيو. ان سين سان گڏ ڪوئي هو جيڪو مسلسل منهنجي دل مٿان خنجرن سان وار ڪري رهيو هو. پر مان هوس جو مئس ئي نه ٿي. رڳو تڙپيس پئي. رڳو تڙپيس پئي خنجر جي نه ڪٽندڙ گهائن تي. پڌل ڏٺو هئم پاڻ کي پهاڙ جي چوٽي مٿان. ڳجهه منهنجو جيرو ٽڪڻ لڳي هئي. (پروميٿس بڻجي ٻيو هوس). گوتم آخري بس ۾ سٽيل شاگردن ڏانهن ڏسندي چيو هو:

'سول هاسپٽل وٽ لهي پونداسون....؟'

'نه مان ڪابه بخار جي گوري ڪائي. ٽيڪ ٽي ويندس.'

گوتم سان سندس هاسٽل اچي ويو هوس. مون کي ڏسي، سندس روم پارٽنر ڪنهن ٻئي روم ڏانهن هليو ويو هو. گوتم پاڻيءَ سان پريل گلاس ۽ 'نولجين' آڻي ڏني هئي. گوري ڳهي گوتم جي ٽيبل تي پيل رف بوڪ ۽ بال پين ڪٽي. پلنگ تي ويهي پٽ کي ٽيڪ ڏئي توڏانهن لکڻ لڳو هوس. چا.....؟ مون کي هن مهل ڇگيءَ طرح ياد ڪونهي. پر مان لکندو رهيو هوس. منهنجي دل پنن تي ڊوڙندڙ بال پين کان وڌيڪ رفتار سان ڌڙڪي رهي هئي. جسم مان جر نڪرندي محسوس ٿي رهي هئم. گوتم ماني آڻي رکي هئي. چيو هومانس:

'مون کي چانهه گهرجي گوتم. بنا کنڊ کير جي. سخت ڪڙڪ...؟'

ڪڙڪ چانهه جا ڏڪ پربندو هليو ويو هوس. ان وقت مون کي چانهه جي ڪوڙاڻ نه جهڙي لڳي هئي. بلڪل ائين جيئن. نانگ جي ڏنگيل

کي نہ جو وٽو پيئڻ مهل ڦڪو محسوس ٿيندو آهي. چانهه پي پيهر لکڻ لڳو هوس. گوتم منهنجي اکڙيل ساهن کي ڏسي. هٿ ۾ جهليل ميگزين هنڌ تي کليل ڇڏي. منهنجي پير ۾ اچي ويهي رهيو هو. لکڻ بند ڪري ڏانهنس ڏسڻ لڳو هوس. همدرديءَ مان چيو هئائين:

'تنهنجي طبيعت ٺيڪ ناهي. توکي آرام ڪرڻ گهرجي....؟'

ڪوبه جواب نہ ڏئي سگهيو هوس. چيو هئائين:

'بتي وسائي ڇڏيان.....؟'

'ها. سيئي بتيون وسائي ڇڏ.'

گوتم سمپ بلب وسائي ڇڏيا هئا. ڪمرو منهنجي اندر جي ڪنڊ بڌجي پيو هو. پلنگ تي سنئون ٿي ٻئي پاڻهون ڪنڌ هيٺان ورائي ڇڏيون هئم. اوندهه رستا بڌجي پئي هئي. جنهن مٿان تون ظهير جي پر ۾ وک وک مرڪون ورهائيندي وڃي رهي هئينءَ. هر ڏسا تنهنجي پينسل هيل جا پڙاڏا گونجڻ لڳا هئا. پڙاڏا. جيڪي مون کان پري ٿي رهيا هئا. ڳجهه منهنجو جيرو ٽڪڻ لڳي هئي. مان تنهنجي ٿهڪن جي پڙاڏن ۾ دفن ٿيڻ لڳو هوس. مونجهه گلو گهٽڻ لڳي هئي ۽ مون دروازو کولي ڇڏيو هو. گوتم پر ۾ رکيل ٽيبل ليمپ ٻاري چيو هو:

'ڪيڏانهن.....؟'

'ٻاهر.' ڏگهو ساهه کڻڻ لڳو هوس. گوتم پيرن ۾ جتي پائيندي چيو هو:

'مان ٻه هلان ٿو.'

'نہ. منهنجي ڪري پنهنجي ننڊ نہ ڦٽاءِ.'

'مون کي ننڊ نہ ٿي اچي.'

هن هڪ ڪمبل مون ڏانهن وڌائي. ٻيو پاڻ کي ويڙهي ڇڏيو هو. اسان انٽرنيشنل هاسٽل جي سنسان ڪاريدور مان هلندا. ٻاهر نڪري آيا هٿاسون. وڻ ۽ رستا ٽڏ ۾ ويڙهجي اڪيلا ۽ اداس نظر اچي رهيا هئا. سورنهينءَ جي چنڊ جي مرٽينگ روشنيءَ ۾. باٽني ڊپارٽمينٽ وٽان لنگهندي چيو هئم:

'مون کي روئڻ نہ ٿو اچي گوتم.... مان روئڻ ٿو چاهيان.'

گوتم اداس ٿي ويو هو. خالي آواز ۾ چيو هئائين. هوريان:

'مان تنهنجي درد کي محسوس ڪريان پيو دوست..... جنهن مان تون لنگهي رهيو آهين..... مان به الائجي ڪيتريون راتيون جاڳي. اداس راتين ۾ اڪيلائين جو زهر پيتو آهي ۽ پي من ئي من ۾ سڙڪيو آهيان.'

پٽڪيو هئم: 'اڳي ڳالهه ڳالهه تي روئي ڏيندو هوس..... هاڻ وڏن وڏن وڇوڙن تي به چپر آلو نه ٿو ٿئي..... منهنجو اندر بٽجي پيو آهي گوتم. مان روئڻ چاهيان ٿو.....'

گوتم سگريٽ جلائي مون کي ڏنو هو. پيو پاڻ جلائي ڏگهو سوٽو هٽي سمورو دونهون سيني ۾ لاهي ڇڏيو هئائين. کن رکي پٽڪيو هو:

'روئندو اڳي مان به ڏاڍو هوس..... پر هاڻ محسوس ٿيندو آهي. مري ويو آهيان.....'

ان رات ڏاڍو روئڻ چاهيو هئم. ٻارن جيان رودِ تي سمهي. اکين تي هٿ رکي. پاڻ کي روئارڻ لاءِ گذري ويل سمورن دکن کي ياد ڪرڻ لڳو هوس ۽ ياد اچي ويئي هئي پنهنجي هڪ ڳالهه. چيو هئم:

'گوتم. اڳي ـــ گهٽو اڳي جڏهن منهنجو وڏو پاءُ بيروزگار هوندو هو ۽ مان ٽيليفون ايڪسچينج. تنهن زماني ۾ پگهار مان ڪجهه پيسا بچايا هئم. پنهنجي وڏي پاءُ کي چيو هئم. 'مون ڪجهه پيسا گڏ ڪيا آهن. مون کي هڪ ڪوٺ ونڊو آهي.' منهنجي وڏي پاءُ چيو هو: 'هل مان توکي لنڊا مان زبردست ڪوٺ وڻي ٿو ڏيان...' منهنجو پاءُ مون کي شهر جي مشهور لنڊا جي دڪان تي وڻي ويو هو... هن مون کي پنهنجن هٿن سان ڪيترائي ڪوٺ پاريا هئا. پوءِ... هن کي به ڪوٺ وڻي ويا هئا. منهنجي پاءُ انهن مان هڪ جي قيمت پڇي هئي... دڪاندار ڪوٺ جي قيمت منهنجي کيسي ۾ پيل پئسن کان ڪجهه گهٽ ٻڌائي هئي. تڏهن منهنجي پاءُ، منهنجي کيسي ۾ پيل پئسن ۾ ٻئي ڪوٺ گهريا هئس. تڏهن مون رڙ ڪري چيو هو... 'به نه هڪ! مون کي هڪ ڪوٺ گهرجي...' ان گهڙيءَ منهنجي اندر جو مفاد پرست ماڻهو جاڳي پيو هو... نه چاهيو هئم. ته منهنجو پاءُ به منهنجن پيسن مان ڪوٺ وڻي. منهنجو وڏو پاءُ، مون کي ڏاڍو چاهيندو آهي..... بلڪل ٻارن وانگر. اڄ جڏهن مان بي روزگار آهيان... ته هو

مون ڏانهن پابنديءَ سان پيسا موڪلينڊو آهي... پينٽ پيس... شرٽس... پرفيومز... يار، مان ڏاڍو سيلفش... آهيان. ڪميٽو.....'

لڙڪ ريڑهيون پائي پنبڻين وٽ مڙي آيا هئا. چيو هئم:

'منهنجا دوست مون کي مسخرو سمجهندا آهن... هو سمجهندا آهن... مون کي ڪوبہ غم. ڪوبہ ڏک ڪونهي... هن ڪڏهن بہ منهنجي اندر مر جهاتي پائي ناهي ڏني. مان جيڪو ايڏو خوش.....'

منهنجو گلو دک سان پرجي ويو هو. وڌيڪ چئي نہ سگهيو هوس. گوتم مون کي پاڪر پائي چيو هو:

'مون کي خبر آهي. تون چا آهين.... مون کي خبر آهي تہ تون هميشه ايترا وڏا ٿهڪ ڏئي چو ڪلندو آهين.....'

مون لڙکن کي پانهن سان اگهندي. سڏکن کي گهٽيندي چيو هو:

'گوتم..... ماڻهو محبتن جي موٽ مر ويساهہ گهاتيون. دوستين جي نانءَ تي دوکا چو ڏيندا آهن.....؟'

'سيئي ماڻهو 'فراگر' کي رستو پار ڪرائي نہ سگهندا آهن دوست.'

'ها..... اسان اڄ تائين ڪنهن کي بہ شربت مر زهر ملائي ڏئي نہ سگهيا آهيون. اڄ تائين..... ڪنهن جي بہ پٺيءَ مر خنجر کپائي نہ سگهيا آهيون..... ماڻهو. اهو سڀ ڪيئن ڪندا آهن.....؟'

'جيئرن احساسن وارا ماڻهو. ڪنهن جي بہ پٺيءَ مر خنجر کپائي نہ سگهندا آهن.' گوتم چيو هو.

مون کي جڻ ڪجهہ ياد اچي ويو هو. چيو هئم:

'ها... جيئرن احساسن وارا ماڻهو. ماڻهوءَ کي ماڻهوءَ هٿان مرندي ڏسي آتم هٿيا ڪري ڇڏيندا آهن.....'

اسان گالهائيندا. پلڪندا. آرٽس فيڪلٽيءَ جي پويان ڪٽي ويل پهاڙيءَ تي پير لڙکائي ويهي رهيا هئاسون. چند جو لاش رات جو درياهہ مر هوريان هوريان اولهہ ڏسا ڏانهن لڙهي رهيو هو. يونيورسٽي جي جهڳٽي مر علامہ آءِ آءِ قاضيءَ جي مزار جو اڇو قبو سرچ لائيٽس جي روشنين مر وٽن وچان. اپرندڙ چند جيان اڌ روشن نظر اچي رهيو هو. تمام پريان حيدرآباد جون روشنيون هلکي کوهيڑي مر. ٽانڊاڻن جيان ٽمڪي رهيون

هيون. گوتم. حيدرآباد جي روشنين ڏانهن تڪڻ لڳو هو.

مون وٽن مان اڌ روشن نظر ايندڙ قاضيءَ جي مزار ڏانهن گهوريندي چيو هو:

'مان آتم هٽيا ڪري چڏيندس....'

گوتم ڏڪي ويو هو. ڪلهن تان ڪسڪي ويل ڪمبل سرير سان ويڙهي چڏيو هئائين.

'خودڪشي مسئلن جو حل ته ڪونهي دوست.....؟'

'مسئلن جو ته ڪوبه حل ڪونهي.... هر حل پٽيان اڪٽ مسئلا چپ هنيون وينا آهن.'

گوتم اداس ٿي ويو هو. چيو هئائين:

'اسان کي پنهنجي مائرن لاءِ جيئڻ گهرجي... چو ته ڪائنات جون سمورين بي غرض محبتون ماءُ کان شروع ٿي. ماءُ وٽ ئي اچي ختم ٿي وڃن ٿيون.' ڪن رکي گهٽيل آواز ۾ چيو هئائين: 'ننڍي هوندي مون ڏهن ۾ هڪ چوڪريءَ جو اسڪيچ ناهي چڏيو هو. جتي به ويندو هوس. جتان به لنگهندو هوس. هر چهري ۾ پنهنجو آئيڊيل ڳولهڻ لڳندو هوس. پوءِ منهنجي مائٽن، منهنجي نه چاهڻ جي باوجود منهنجي شادي ڪرائي چڏي..... جڏهن منهنجي شادي ٿي پئي ۽ منهنجي هٿن تي ميندي هنيئون پئي ته مان ڳاڄ ڳائيندڙ ٽوليءَ ڏانهن ڏٺو هو. مان اهو ڏسي حيران ٿي ويو هوس ته دهل وڄائيندڙ چوڪري بلڪل منهنجي تصوراتي آدرش جهڙي هئي... ان مهل مون کي ائين محسوس ٿيو هو جڻ منهنجو پير اوچتو ڪنهن بارودي سرنگهه تي پئجي ويو هو. منهنجي جسم جا ٽڪر هوائن ۾ وکري ويا هجن... وقت هٽن مان چڏائجي چڪو هو. اها سڄي رات مان پنهنجي زال سان گڏ ڪنهن لاش جيان پيو رهيو هوس.... پوءِ.... پوءِ هوريان هوريان ايڊجسٽ ڪري چڏيو هئم. پر موت ۾ ڇا مليو.....؟ اداس راتين ۾ اڪيلائين جو زهر. پوڳنا... نه ڪٽندڙ پيڙا... رڳو ان لاءِ جو منهنجي زال جا مائٽ. منهنجي پيٽ کي سکي رکي نه سگهيا... منهنجي پيٽ واپس گهر هلي آئي. موت ۾ منهنجي گهر وارن منهنجي زال کي گهر ۾ رهائڻ کان نابري واري چڏي... ۽ مان ٽن سالن جي ڏيءَ هوندي بي انتها پيار ڪرڻ

واري زال هوندي ب. اداس راتين ۾ اڪيلائين جو زهر پيئندي ب جيئندو رهيو آهيان... رڳو پنهنجي ماءُ لاءِ... پوءِ. ڇا مون کي ب آتم هٿيا ڪري ڇڏڻ گهرجي...؟ مري وڃڻ گهرجي سڀئي رشتا ڇڏي...؟ ڇا ڏکن کان ڇوٽڪاري جو اهوئي حل وڃي رهيو آهي.....؟'

ان رات گوتم بلڪل پاڻ جهڙو لڳو هئم. ڇيو هئم:

'اسان سڀ هڪجهڙا آهيون... اسان جا ڏک ساڳيا آهن. ۽ ... ۽ اسان سڀئي فلئٽس جي ديوارن جيان هڪٻئي جي آسري بينل آهيون.....'

ان رات گوتم مون کي اهي ڳالهيون سمجهائيندو رهيو هو. جيڪي هن کان اڳ مان پنهنجن ڪيترن اداس دوستن کي راتيون جاڳي سندن من ۾ جيئڻ لاءِ اتساهه جاڳائڻ لاءِ ٻڌائي چڪو هوس. سڀ ڇاڙيون ۽ رستا روشن ٿي ويا هئا.

ڪجهه روئڻ ۽ ڪجهه ڳالهائڻ ڪري مان ڪنهن حد تائين ريلڪس ٿي ويو هئم.

گهر پهچي اندر ٻيهر رڃهڻ لڳو هو. ڪمري جون ديوارون سوڙهيون ٿيڻ ساهه بوساٽڻ لڳيون هيون. گهر ٽارچر ڪئمپ لڳو هئم. گهر مان نڪري بي مقصد رلڻ لڳو هوس هڪ ڳليءَ کان ٻيءَ ڳليءَ تائين. هڪ روڊ ڪان ٻئي روڊ تائين. سوچڻ لڳو هوس ڪالهوڪي واقعي تي. اڪٿ پيرا سوچڻ جي باوجود... اهي ڳليون اهي رستا جن تي ڪڏهن مون سان هوندي هئيءَ... تن مٽان ڪالهه هن سان ائين پئي ٽليءَ جڻ. اهو ڪو ٻيو نه 'مان' هوس..... ۽ 'مان' ڏاڙيڙ وانگر آيس پئي تو پٽيان..... 'مان' جيڪو تولاءِ سورج هوندو هوس..... جنهن کي جڏهن نه پسندي هئيءَ ته تولاءِ ڏينهن ب رات ٿيڻ پوندو هو..... اهو 'مان' جنهن کي پاڻ لاءِ تون فوٽ پاڻڻ مٽان ٽينٽ هٽي ويهڻ لاءِ ب تيار هوندي هئيءَ. جيڪو تنهنجي سمورن ماڪ پنل خوابن جو محور هوندو هو... ...

ڪيڏي آرام سان تنهن کي ڇڏي ڏنو هيئي....؟ مون کي سڌ آهي جڏهن قربتن جي ماکيءَ ۾ ويڇن جو لوڻ پئجي ويندو آهي. تڏهن نه ملي سگهڻ جا سبب سولائيءَ سان ملي ويندا آهن. پيدا ٿي پوندا آهن. (ماءُ

جو اُمالڪ هر وقت بيمار ٿي پوڻ، پاءُ جي هر وقت ائين اوچتي آڏي پچا.....؟) ڪيڏو سهڻي نموني تو (مون کي) (مون کان) انکار ڪري ڇڏيو هو.....؟ ڪيڏي بيزار ٿي پوندي هئينءَ مون وٽ اچي....؟ پر هن سان ڪالهه ڪيڏو ٺهيل ٺڪيل هئينءَ.....؟ جڙ نوڪريءَ تان نہ. ڪنهن فنڪشن تان وري هجين..... ڪيڏي روشني هئي تنهنجن نيٽن ۾..... نہ ماءُ جي بيماري جو دک، نہ پاءُ جي آڏي پچا جو پئو.... ٽاندن جو مينهن وسندو رهيو هو، هلندو رهيو هوس پجرندو ڪامندو رهيو هوس.

شهاب ملي ويو هو. (اهوئي شهاب سنجها..... جنهن جي ڊرائنگ روم ۾ پرهه جي پهرين پهر جهڙيون شامون گذاريون هيون سين)..... اجهاڻل چهري ڏانهن ڏسي پڇيو هئائين:

'خير ته آهي.....؟'

'خير.....' فلمي مرڪ مرڪيو هئم.

ساڳي ئي ڊرائنگ روم ۾ اچي ويا هئاسون. ڏٺو هئم ان صوفا ڏانهن جيڪو پنهنجي ويهڻ کان پوءِ الف ليلي جو قالين بڻجي ويندو هو ۽ پوءِ ان روشندان ڏانهن، جتي پنهنجون سچايون اچلايل هيون. چيو هئائين:

'ختم ٿي ويو چا.....؟'

'ها.'

ٿڪ ڏئي ڪلي پيو هو: 'ان تي ايڏي اداس ٿيڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي...؟' ڪن رکي چيو هئائين: 'چوڪريءَ کي ماڻڻ کان پوءِ جيترو جلد ٿي سگهي ڇڏي ڏجي. جو ته چهجي وڃڻ کان پوءِ، چوڪري شادي ۾ گهوريل گلابن جهڙي ٿي پوندي آهي. مون کي ڏس... الائجي ڪيتريون آيون. ڪيتريون ويون...؟ پيارا، موسمون ۽ چوڪريون ته 'انجواءِ' لاءِ ڪرڻ ايندیون آهن.....؟' ڏهني عذاب پيدا ڪرڻ لاءِ نہ.....'

چيو هومانس: 'تون عجيب ماڻهو آهين.....؟'

مرڪ هن جي مردانگيءَ سان تمثار منهن کي وڌيڪ حسين بڻائي ڇڏيو هو. اجري چهري تي نيٽ ڪليسا ۾ رکيل پن ميڙ بتين جيان جرکي پيا هوس. هن اٿي دري کولي ڇڏي هئي. مون سندس عقاب جي ڦهليل پرن جهڙن ڪلهن ۽ شاهه بلوط جيڏي قد ڏانهن ڏسي چيو هو:

'اڳي تون وزمر پيئندو هئين.....'

'پيئندين چا.....؟'

'پيئار.'

'اڳ مر ڪڏهن پيتو اٿئي.....؟'

'نه.'

'سگريٽ جو سوٽو هڻي ويندو آهين.....؟'

'باقاعدي.'

'ٺيڪ آهي.'

هو سگريٽ ناهڻ لڳو هو. ڪمري مر مخصوص بوءِ پٽارجي وئي هئي. شهاب سگريٽ کي بند ڪري مون ڏانهن وڌايو هو:

'آ ـ وٺ.' چيو هئائين: 'هڪ ئي دمر سان اندر مر پاٽولي هڻي ويهي رهيل سمورا ڏک اک چنپ مر اڏري ويندئي.'

ڪش هنيو هئمر. هٽندو هليو ويو هوس. شهاب مون ڏانهن مرڪي نهاريو هو. مرڪ هن جي چپن تان ترڪي منهنجي چپن تي پهچي وئي هئي. مرڪڻ لڳو هوس. مون سان گڏ ڪمري جون چارئي ديوارون بہ مرڪڻ لڳيون هيون.

'ڪيئن.....؟'

'واهه آ آ آ....'

سپ وساري ويٺو هوس، ڪائنس موڪلائي باهر نڪري آيو هوس. اُس هوندي بہ هر ڏسا ڪڪر چانڻجي ويا هئا. وٽن جون لامون ڏرتيءَ تي پٽارجي ويون هيون. پلڪڻ لڳو هوس. مان پلڪڻ لڳو هئمر. الائجي رستا پلڪڻ لڳا هئا.....؟ نہ جاڻ ڪهڙي گهڙيءَ رستا پلڪندي. تون مون کي ظهير جي پر مر هلندي نظر آئي هئينءَ ء منهنجي دل جنڊ جي پڙن جي وچ مر اچي ويل ڪٽڪ جو داڙو بڻجي پئي هئي. موت ڪائي تڪيڻ وڪن ء اکڙيل ساهن سان 'ديلڪس' مر هليو ويو هوس. ڪائونٽر تي ويٺل کي تنهنجو ٽيليفون نمبر ٻڌائي. رسيور هٿ مر سوگهو جهلي جهرندڙ جيءَ سان وڃندڙ رنگ جون سيٽيون ٻڌندو رهيو هئمر. ٻئي طرف ڪنهن رسيور کڻي ورتو هو:

'هيلو.....؟' تنهنجو چٽڪٽو آواز گونجيو هو.

'پنهون ٽو ڳالهايان.....' نڙيءَ کي آلو ڪري، ڏکندڙ آواز کي وس ۾ ڪندي چيو هئم:

'ها، چئو.....؟'

'سنجها، مون کي تنهنجي سخت ضرورت آهي....؟'

'ها مان ڪوشش ڪندوس اچڻ جي.'

'پليز تون جلدي اچ.....'

'ها مان ايندوس.....'

'ڪڏهن.....؟'

'جلد.'

'ڪڏهن جلد.....؟.....؟'

'جڏهن چئين.....؟'

'هاڻي هلي اچ، پليز.....؟'

'هاڻي!!!؟' (عجيب تهڪ) 'اِمپاسيبل.'

'سنجها پليز..... مان توسان ملڻ ٽو چاهيان.....؟'

'اچا؟!!!؟'

'پوءِ.....؟ سپاٽي، سپاٽي تہ ايندينءَ نہ....؟'

'سپاٽي ــ؟ نہ، سپاٽي مون کي هڪ ضروري ڪم آهي.'

'سنجها، سنجها مان ڏاڍو عذاب ۾ آهيان.... تنهنجو مون سان ملڻ ضروري آهي. پليز ڪجهہ سمجهہ سنجها.....؟'

'مجبوري آهي.'

'پڪ توکي مون سان محبت آهي....'

(هلکو تهڪ) 'مون کي ڪنهن سان بہ محبت ناهي، سواءِ پنهنجي.'

'مون سان بہ نہ....؟'

'مون چيو، نہ.....؟'

'چئو چئو سنجها، توکي مون سان محبت آهي....؟'

(طنز گاڏڙ تهڪ) 'ها، آهي... بس....؟'

'مون کي ڪِس ڪر....؟'

(ٿهڪ عجيب ٿهڪ)

'سنجها پليز مون کي ڪِس ڪر.....'

'اڇا....؟!!!؟' ۽ هلڪي چميءَ جو آواز.

'توکي مون سان محبت آهي نه.....؟'

'هہ آ آ آ' (احسان ڪندڙ لهجو)

'ظهير سان چو ٿي گهمين سنجها....؟'

'مون کي هن سان گهمندي مزو ٿو اچي.'

'رومانس ڪرڻ لڳي آهينس.....؟'

'ڇئي ڇڏيم: مون کي ڪنهن سان به محبت ڪونهي....'

'مون. مون کي تنهنجي گهرج آهي سنجها.....؟'

'ها ها مان ايندوس.'

'ڪڏهن.....؟ ڪڏهن.....؟'

'ڀئي ڏينهن.'

'ڀئي ڏينهن.....!؟ ..... سپاٽي اڇ نه.....؟'

'ڇئي ڇڏيم پرينهن.'

... ... 'ايندينءَ نه.....؟'

(هلڪو ٿهڪ) 'ها ها آ آ آ.'

'سنجها... ....'

'سنجها.....'

'مان پڌان ڀئي.'

'نوڪري چو ٿي ڪرين.....؟'

'گهُرجون پوريون ڪرڻ لاءِ؟'

'ٿي سؤ رپيا ته مهيني تي توکي مان ڏئي سگهان ٿو؟'

'ها. پر مان محنت سان ڪمائڻ چاهيان ٿي.'

'سنجها....؟'

'ها. چئو؟'

'ڇا هن وقت تائين. مان تنهنجي ڪاب گهرج پوري نه ڪئي آهي.....؟'

'ٿورو ٿو ٿڦين.....؟'

ء مان ڪامندو هليو ويو هوس. ڪيڏي نيچ ٿي وئي هئينءَ. ڳالهائڻ برُ؟

'مون ته ائين ڪڏهن ناهي سوچيو.....؟'

'چوين ته پيو.....؟'

'توکي ٿو چوان، توکي. تون جا مون لاءِ هميشه بي لباس لفظ جيان رهندي آئي آهين.'

چپ ٿي وئي هئينءَ.

'بيوقوف ٿو لڳان نه توکي، هن وقت.....؟'

'تون ء بيوقوف.....!!؟' ٿهڪ. طنز مر ٻڏل ٿهڪ. نه ڪنڊڙ ء مان ڪرندڙ هيناهينءَ ڏانهن. ڦيريون پائي بولاٽيون ڪائي نه ڪنڊڙ اونهائيءَ ڏانهن. ڪيڏو سستو لڳو هوس پاڻ کي....؟

گهر اچي ٽٽي پيو هوس اگهاڙي ڪٽ مٿان. چارئي ڏسائون منهنجي ڪٽ جي چوڌاري واڇوڙي جيان ڦرڻ لڳيون هيون. اها سڄي رات جاڳڻ کان پوءِ به شام تائين، ننڊ منهنجي ڪٽ جي پيراندي ۽ وٽ بيهي منهنجي حالت مٿان مرڪندي رهي هئي. تنهنجا ٽيليفون تي ڳالهايل جملا بگهڙ ٻڌجي منهنجو ماس پٽيندا رهيا هئا. مان ڊگها ڊگها ساهه ڪڍندو گهر مان نڪري ويو هوس. ڊوڙندو رهيو هوس روڊ مٿان سڪون جي ڳولها مر، ء پوڳنائن جا بکيا بگهڙ ڊوڙندا رهيا هئا منهنجي ڪڍ. چاهيندي به ظهير سان نه مليو هوس. سڄو شهر بگهڙن پريل جهنگل لڳو هئم. جڏهن چوڪيدار چور ء دوستين جا دعويدار، ڏاڙيل ٻڌجي ويندا آهن ته ويساهه هر شئي تان کڄي ويندو آهي، پاڻ تان به. منهنجو دوست ظهير..... دوست. منهنجو پيارو دوست..... پر سڄو ڏوهه ظهير جو به ته نه هو.....؟ ء سڄو ڏوهه تنهنجو به ته نه هو...؟ سڄو ڏوهه نارد مُني جو به ته نه هو.....؟ پر، پر ڪجهه ڏوهه منهنجو به هو..... ء ڪجهه ڏوهه اسان پنهين جو به هو.....؟ ها ڏوهه ته اسان پنهي جو هو. ء ڏوهاري ته اسان مان ڪوئي به نه هو.....؟ اسان سڀ بي گناهه هئاسين سنجها.....؟ ء پنهنجا پنهنجا فرض ايمانداريءَ سان نبائي رهيا هئاسون. نباهي چڪا هئاسون.

سوچ جا سپ سلسلا سوڙها بڌجي هڪ ئي محور تي ڦرڻ لڳا هئا پابنديءَ سان وزمر پيئڻ لڳو هوس.

جنهن صبح جو توکي اڇڻو هو، ان صبح جو وزمر گهٽي پيئڻ ڪري منهنجو گلو سالن کان سڪل کوهه جيان ڪارائجي ويو هو. چپ سڪل پٽن جهڙا ٿي پيا هئا. ننڊڙي موريءَ تي ويهي تنهنجو انتظار ڪرڻ لڳم هوس. بس آئي هئي، پهرين اسٽاپ تي بيٺي به هئي، پر تون نه لٿي هئينءَ بس منهنجي پر مان لنگهي هئي، ڏٺو هئم تون فرنٽ سيٽ تي ويٺي هئينءَ سمجهي ويو هوس، ته تون انهن رستن تان اڇڻ نه ٿي چاهيو جن ڪري اورانگهي ڪڏهن مون وٽ پيار وندڻ ايندي هئينءَ.

موريءَ تان اتي اڳئين اسٽاپ ڏانهن هلڻ لڳو هوس. شايد تو موريءَ کي موريءَ تي ويٺل ڏسي ورتو هو: تڏهن ئي ته گهر وڃڻ بدران، موري ڏانهن هلڻ شروع ڪيو هيئي.....؟ سنسان روڊ جي هڪ ڪنڊ کان مار توڙانهن اڇي رهيو هوس، ٻئي کان تون مون ڏانهن. تنهنجي ڪلهن تي پيل ڪاري تر واري چادر جا پلوَ هوائن ۾ اڏامي رهيا هئا، تون سست وڪر سان مون ڏانهن اچي رهي هئينءَ..... ڪيتري عجيب ڳالهه هئي سنجها....؟ ماٺهو سدائين ملڻ لاءِ وڃڻندا آهن، ۽ اسان هميشه وڇڙڻ لا ملي رهيا هئاسون....؟!؟ لڙڪ نيٺن جي پليٽ فارم تي وڇوڙو بڌجي رڙهي آيا هئا ۽ دک گلي ۾ ريل جي سيٽي بڌجي ڦاسي پيو هو. اسان ٽاپڙجندا هڪٻئي اڳيان اڇي بيهي رهيا هئاسون. ڪاپي طرف ڳليءَ ڏانهن اشارو ڪري پڇيو هومانءِ:

'هن ڳليءَ مان، پاڻ اڳي ڪڏهن لنگهيا آهيون....؟' ڪنڌ ڪري ناڪار ۾ لوڏي ڇڏيو هيئي. چيو هئم:

'هن ڳليءَ مان گهر ته ويجهو آهي، پر مان توکي ونڊي نه هلندس چو ته ڪجهه ڳليون، ڪجهه رستا اهڙا به هجن..... توکان وڇڙڻ پچاڻا جن تان ڪڏهن لنگهان به، ته مون کي ڪجهه به ياد نه اچي ـــــ'

مئل آواز ۾ چيو هيئي:

'صحيح آهي.....'

پاڻ وڏو ڇڪر ڪاڻي ان پيڇري تان گهر اڇي ويا هئاسون. جنهن تان اڪثر مون وٽ ايندي هئيءَ. توکي پسندي ئي. امان جي اڌ اجهاڻل نيٽن ۾ پرهه جي پهرين پهر جهڙو سوجهرو ڦهلجي ويو هو. ادي وڏيءَ جي چپن تي مرڪ جا هنج ترڻ لڳا هئا. رابيلا. رابيل جيان ٽڙي پئي هئي. تنهنجي منهن تي موت جي تار آئيندڙ جهڙو تاثر ڇپ ماريو ويٺو هو. مئل منهن سان. بورچيخاني جي در کي ٽيڪ ڏئي. امڙ جي سامهون ويهي رهي هئيءَ. ۽ امان سدائين وانگر تو آڏو پراڻين ڳالهين جون اڳڙيون کولي ويهي رهي هئي. چيو هئمر:

'امان، هن سان پنهنجيون ڳالهيون نه ڪندي ڪر. هيءَ ويچاري اڳي ئي پريشان آهي.'

ٻاهر وڃڻ لڳو هوس. تو منهنجي ٻڌيان ايندي چيو هو:

'ها، آئي مان پرائي آهيان نه.... مون سان پنهنجيون ڳالهيون نه ڪندا ڪيو.'

گهر جي ٻاهران بٽيل جهوپڙيءَ ۾ ڪٽ تي اڇي آهلي پيو هوس. تون گهر جو در ڏئي ڪٽ جي ايس تي ويهي رهي هئيءَ. نه ڄاڻ ڪيتري دير. اجنبين جيان چپ چاپ وٺا رهيا هئاسون. ماڻ منهنجي هنياوءَ تي چپ وانگر چانڪجڻ لڳي هئي. چيو هئمر:

'ڇڏڻ ٿي چاهين.....؟'

'مجبوري آهي.'

'اهو سڀ پهريان چو نه سوچيو هيئي.....؟'

'اندازو نه هئمر.'

'توکي خبر آهي... امان ۽ ادي وڏي، تولاءِ ڪهڙا خواب لڏا آهن...؟'

'ها.'

'انهن جي خوابن جي تو وٽ ڪائي اهميت ڪانهي....؟'

'آهي..... پر..... مان چا ٿي ڪري سگهان.....؟'

'تون ڪري به چا ٿي سگهين سنجهها. سواءِ پاڻ کي ۽ ٻين کي فريب ڏيڻ جي... تون رڳو وڏا خواب ڏسي ۽ ڏيکاري سگهندي آهين... مون کي خبر آهي، مون کي خبر آهي ته تون اداس ڳالهيون ڪري ماڻهن

جي دلين ۾ پهريان همدردي، پوءِ محبت جو جذبو پيدا ڪندي آهين..... رڳو ان لاءِ جو تو ۾ ڪوبه سيڪشوئل اٽريڪشن ناهي... ڪاڪ سڏي سنئين چڪ ڪونهي. مون سان ملڻ کان اڳ... توکي بلڊ ڪينسر هو... ء ... ء مون کي پڪ آهي، ظهير جون همدرديون حاصل ڪرڻ لاءِ، تون يقيناً ڪنهن بيءَ پيانڪ بيماريءَ جو شڪار ٿي وئي هوندينءَ.....'

'تو به ته مون سان ڏوکا ڪيا هئا....؟'

'بدلو ٿي ونين.....؟'

'..... ....'

'مان جيڪڏهن توسان ڏوکا ڪرڻ چاهيان ها.... ته هن وقت تائين تون مري چڪي هجين ها. صبا ۾ اهي سڀ 'ڪوالٽيز'، اهي سڀ 'ايفرٽس' هئا، جيڪي تون ڪڏهن به پيدا ڪري نه سگهندينءَ.... پر مان تنهنجي هر ڳالهه جو مانُ رکيو هو، چو ته زندگي مون کي توسان گذارڻي هئي، محبت مون توسان ڪئي هئي، صبا سان نه.'

ڪوبه جواب نه ڏئي سگهي هئينءَ. تنهنجو چهرو زوردار طوفان جي زد ۾ اچي اکت هنڌن تان پڄي پيل ڪنهن ڪاسميٽڪس جي پبلسٽي بورڊ وانگر بڻجي پيو هو. جهڪي منهنجي سڪل پٽن جهڙن چپن تي ڪِس ڪرڻ چاهي هيئي.

'مري ويل ماڻهن تي ڪنهن به گرم ڇاءَ جو اثر ناهي ٿيندو.....'

پر تون منهنجي ٽوڙ چپن تي پنهنجا نرم گرم چپ گسڪائيندي رهي هئينءَ. توکي هٽائيندي چيو هئم:

'پنهنجي ڇهڙ جا سمورا حق واسطا ته، تون گهٽو اڳ مون کان ڪسي چڪي آهين سنجها... هاڻ نه تنهنجو، منهنجي سرير تي، نه منهنجو، تنهنجي سرير تي اڌيڪار آهي.'

پر تون پيهر مون تي جهڪي پئي هئينءَ، چيو هئم:

'جڏهن محبتون وڃائجي ويندیون آهن، تڏهن ڇهاءُ پنهنجي سموري معنيٰ ء ڇڪ وڃائي ويهندو آهي... ء مان جسمن سان نه، جذبن سان پيار ڪندو آهيان. جسم سان پيار ڪرڻو هجيم ها ته صبا سان وڃي چڪو هجان ها. اڄ ايڏو نه پوڳيان ها.'

توکي ڪجھ بہ سمجھ ۾ نہ آيو ھو. تو پنھنجي قميص جي زپ کي اڌ کولي چيو ھو:

'ھي سڀ تنھنجو آھي... ھي سڀ ھميشہ تنھنجو رھندو. آ. وٺ...؟'

'بند ڪري ڇڏ سڀ ڪجھ سنجھا. ھاڻ ان سڀ تي ظھير جو حق آھي.'

تون ٻُري پئي ھئينءَ.

'مان چا ڪريان پنھون...؟... مان چا ڪريان...؟ ظھير ۾ مون کي جليل نظر ايندو آھي... ھن جو ڳالھائڻ. ھن جا ٽھڪ... ھن جو چھرو...'

لڙڪ تنھنجن نيٽن ۾ رڙھي آيا ھئا.

'توکي چاھڻ کان پوءِ. مون تہ ھر عورت ۾ توکي ڳولھيو آھي سنجھا.....؟'

'ھا.... مان مڃان ٿي پنھون. مڃان ٿي تہ اھا منھنجي عادت بڻجي وئي آھي.... مان ڏاڍو چاھيو ھو. توسان رھڻ. توکي پائڻ... پر مان گھٽو عرصو ڪنھن سان بہ رھي نہ سگھندي آھيان... ھي ڏس... (تو پنھنجو ساڄي ھٿ جو ٻُڪ ڏيکاريندي چيو ھو) جليل. جليل کان پوءِ تون... توکان پوءِ ظھير. ۽ ظھير کان پوءِ بہ ھڪ بي محبت جي لڪير منھنجي ھٿ ۾ اُڪريل آھي. مون کي... مون کي خبر ناھي اھو ڪير ھوندو...؟ پر. پر مان ظھير سان شادي ڪرڻ چاھيان ٿي. اھا منھنجي خواھش آھي. يقين ڪر. مون کي ھن سان ڪوبہ رومانس ناھي. پر ھن وٽ اھو سڀ ڪجھ آھي. جيڪو تو وٽ ڪونھي. مان سدائين مسواڙ جي گھرن ۾ رھندي آئي آھيان... مون کي شاديءَ کان پوءِ مسواڙ جو گھر نہ گھرجي... مون کي پنھنجو. بلڪل پنھنجو آئيڊيل گھر گھرجي.....؟'

'توکي. آخري پيرو ڏسڻ چاھيو ھئم... ماٺھن جي ڪيل ڳالھين جي تصديق ڪرڻ چاھي ھئم. مون کي محسوس پيو ٿئي. ماٺھو ھميشہ اھڙن موقعن جي ڳولھا ۾ رھندا آھن.'

'مون کي..... شرم آھي. پچتاءُ آھي. پنھنجي غلط سوچ تي.'

'ائين نہ چئو پنھون. مون کي احساس آھي. تو مون کي بي انتھا پيار ڏنو آھي... تو مون کي گھٽو ڪجھ ڏنو آھي... منھنجي دل ۾ تولاءِ

عقيدت ۽ محبت کڏهن به ختم نه ٿي سگهندي. پر... پر نه چاهيندي به. مون کي توکان الگ ٿيڻو پوندو... يقين اٿم. پنهنجي سنجها کي سکي ڏسڻ لاءِ. تون اهو سڀ برداشت ڪري ويندين... ۽ ٿي سگهي ٿو... مان تو وٽ واپس اچي وڃان. تون وقت جو انتظار ڪر....؟'

پيانڪ ٿڪ نڪري ويو هئم.

'هاڻ مان ڪنهن به خوش فهميءَ ۾ رهي نه سگهندس سنجها.... هاڻ مان ڪنهن به دوکي ۾ رهڻ نه چاهيندس.'

ڪي مرڪ تنهنجن چپن تي ڏکي وئي هئي. اسان ماڻ ٿي ويا هئاسون. (جڏ مري ويا هئاسون هڪ ٻئي لاءِ.) ڏگهي ماڻ کان پوءِ چيو هيئي:

'هڪ ڳالهه چوانءِ.....؟'

'چئو.'

'تون صبا وٽ کڏهن به نه وڃانءِ ـــــ؟'

'چو.....؟'

'مان اهو کڏهن به برداشت نه ڪندوس.'

'تون برداشت ڪري وئي آهين....؟'

'پر تون هن وٽ نه ويندين.'

'مان صبا جي بي انتها عزت ڪندو هوس.... ڪندو آهيان. چو ته هن کڏهن به پاڻ کي ۽ مون کي فريب ڏيڻ لاءِ. ڪو وڏو خواب نه ڏيکاريو هو. ۽ جڏهن تون سڀ ناتا ٽوڙي منهنجي دوست کي شادي ڪرڻ لاءِ راضي ڪري سگهين ٿي. ته مون کي به حق پهچي ٿو ته مان صبا جي چپن تي اکيون ٻوٽي ڪِس ڪريان.'

تو زوردار چماٽ منهنجي ڳل تي وهائي ڪڍي هئي. ڊپل آواز ۾ چيو هيئي:

'تون هن وٽ نه ويندين....؟'

'ڪهڙي ناتي سان ٿي روڪين.....؟'

'توسان گذاريل سمورن سڃن ۽ نه وسرندڙ ناتن سان.'

'اهي سڃا ناتا. جيڪي اڄ تون فقط ڪجهه لفظن سان ٽوڙي چڪي

آهين.....؟'

'مون کي ايڏو عذاب نہ ڏي پنهون.....'

روئڻ لڳي هئينءَ. امان دروازو کولي اسان ڏانهن اچڻ لڳي هئي. تو تِشوءَ سان لڙکن کي اگهي چڏيو هو. مون کلي چيو هو:

'امان، اڄ هيءَ هميشه، هلي وڃڻ لاءِ هتي آئي آهي.'

'چو... ...!!؟'

'هن جون ڪجهہ مجبوريون آهن، پڇي وٺوس....؟ اڄ کان پوءِ مون کي ڪڏهن بہ سنجها کي آڻڻ لاءِ نہ چئجو.'

'ها، آئي؛ مان ڏاڍي خراب آهيان... توهان جي لائق ناهيان.....'

امان کي پاکر پائي سڏکن مر پئجي وئي هئينءَ. ان وقت تنهنجي پٽي مون ڏانهن ۽ امان جو مک مون ڏانهن هو. ڏٺو هئم. امان جي نيٽن جي آڪاس تي لڙکن جا ڪبوتر اڏامڻ لڳا هئا. امان مون ڏانهن ائين ڏٺو هو، جڻ اهو سڀ ڏڏي مان مري ويندس. پر مان ٿهڪ ڏئي چيو هو:

'تون چو ٽي روئين امان...؟ سنجها تہ مون کي ٽي چڏي وڃي...؟'

امان لڙکن وچ مر چيو هو:

'ايترا آسرا ڏئي چڏي ٽي وڃين....؟ ائين تہ نہ ڪر ڏيءَ.....؟'

سڏکندي چيو هيئي: 'مجبوري آهي، آئي..... مجبوري آهي.....'

کوکلا ٿهڪ ڏئي چيو هئم:

'مجبوري بہ ڪا شيءِ هوندي آهي امان.....؟'

امان پنهنجا لڙک اگهي هلي وئي هئي. مان جهوپڙيءَ جي سيرن مان چٽي ايندڙ آسمان جي نيراڻ مر گهورڻ لڳو هوس. لڙک اگهندي چيو هيئي:

'صبا وٽ نہ... تون وفا وٽ هليو وڃجانءِ.... منهنجي پاران معافي وٺي چڏجانس، مون هن سان ويساهہ گهاتي ڪئي هئي نہ.....؟'

چپ چاپ سيرن مان چٽي ايندڙ آسمان جي نيراڻ مر گهوريندو رهيو هوس. تونَ چوندي رهي هئينءَ:

'مون کي هن وقت اهو چوڻ تہ نہ گهرجي..... پر مان چوان ٿي. توکي منهنجو قسم اهو سڀ ضرور مڃجانءِ.....؟'

'چا.....؟'

'مون کي سڌ آهي. تہ مون کان اڳ جن بہ چوڪرين توسان رومانس ڪيو هو. انهن جي هلئي وڃڻ کان پوءِ. تو انهن کي سندن سمورا نيگيٽوَز ۽ فوٽوگرافز واپس ڪري ڇڏيا هئا. ۽..... ۽ پنهون..... منهنجي ڪزن کي..... منهنجا ڪجهہ فوٽو گرافز وٽي ويا آهن..... هوءَ مون کان نيگيٽوَز ٽي گهري. ڏس. تون غلط نہ سمجهجانءِ...؟... تون مون کي منهنجا نيگيٽوَز ڏئي ڇڏ. مان توکي هفتي جي اندر واپس ڪري ڇڏيندوس...؟'

'ڪٽي وڃڻ چاهين ٿي. تہ سڌيءَ طرح گهري وٺ....؟'

'اڙي نہ نہ. مان توکي هفتي جي اندر واپس ڪري ڇڏيندوس...؟'

مون توکي تنهنجا سمورا نيگيٽوَز ۽ پازيٽوَ واپس ڪري ڇڏيا هئا.

چيو هيئي:

'هفتي جي اندر واپس ڪري ويندوس.....؟' هفتي مان مهينا گذري ويا هئا. پر تو نيگيٽوَز واپس نہ ڪيا هئا. هڪ ڏينهن توکي ٽيليفون ڪري چيو هئم:

'سنجها. نيگيٽوَز....؟'

خالي آواز مر چيو هيئي: 'توکي انهن مان ڪهڙا گهرجن؟'

مون خاموشيءَ سان رسيور ڪريڊل تي رکي ڇڏيو هو. سمجهي نہ سگهيو هوس. تو ايتري سستي نموني مون کان پنهنجا نيگيٽوز آخر چو ورتا هئا....!!؟ جڏهن تہ سڌي طرح گهري سگهينءَ پئي.....؟

جنهن ڏينهن تون آخري پيرو مون کي همیشه لاءِ ڇڏڻ آئي هئينءَ. مان پنهنجي هڪ دوست کان موٽر سائيڪل ونڊي. توکي تنهنجي گهر ڇڏي آيو هوس. مون کي ياد اچي ويو هو اهو ڏينهن. جڏهن تون ۽ مان اسڪوٽر تي المنظر آيا هئاسون. کاڌا هئاسون. چڪن سينڊوچز ۽ آئيس ڪريم سوڌا..... واپسيءَ تي مون اسڪوٽر پوري رفتار سان سپر هاءِ وي تي ڇڏي ڏنو هو. تو وڏا ٿهڪ ڏئي پنهنجيون بانهون منهنجي ڳچيءَ مر ورائي ڇڏيون هيون. پر جنهن ڏينهن توکي تنهنجي گهر ڇڏڻ ٽي ويس. هڪ ٽرڪ کي اوورٽيڪ پئي ڪيم تہ تون منهنجي ڳچيءَ مر بانهون وجهڻ

بدران، ڪالر ڪان ڇڪي خوف مان رڙيون ڪندي چيو هيئي:

'آهستي هلاءِ پنهون، پليز آهستي هلاءِ ڪٽي ايڪسيڊنٽ نہ ٿي وڃي.....؟'

ٿهڪن جي درياهہ ۾ ٻڏي ويو هوس.

تو پنهنجي چيلهہ منجهان نظر نہ ايندڙ ڳرو زنجير ٽوڙي ڇڏيو هو. سيئي منظر جئن ديوارن جي قيد مان آزاد ٿي ويا هئا. تنهنجي پڇاڻان پوڳنائن مٽان اڪيلائي واسو ڪري وئي هئي. واپس گهر اچي. تنهنجا ڏنل پريزنٽس جن ۾ ببلي گمز مان ڪڍي ڏنل مختلف ڪارن اسٽيڪرز. منهنجي ڀائرين مٽان مون لاءِ لکيل گاريون ۽ ڪٽي پيار. تنهنجا وٺي ڏنل ڪولابا (جن مان هڪ ڪي تو ڪاوڙ ۾ اچي. ٽوڙي مروڙي ڇڏيو آهي). 1977ع جو ڪئلينڈر جنهن ۾ دنيا جي مختلف ڪلاڪارن جا فوٽوگرافز ۽ سندن ننڍڙو تعارف ہہ ڏنل آهي. ڪجهہ خط. هڪ عيد ڪارڊ. هڪ لاڪٽ ۽ ڪئلينڈر مٽان ويڙهي ڏنل نيرو لفڙائي پنو. اهي سڀ سيف جي عام خاني مان ڪڍي اندرئين لاڪر ۾ رکي ڇڏيا هئا... ۽، 1980ع واري ڀائري پڙهي هئم: (تنهنجي ڀاهي ڇڏڻ کان پوءِ ہہ پڙهڻ ۾ اچي رهيو هو. لکيل هو):

28-1-1980

اڄ کان استعمال ۾ اچي ويو آهيان. اڻ ٻڌايل مدي تائين.

(انهي پيج هيٺيان لکيو هئم)

2-2-1980

جيڪڏهن انهن لفظن کي ڀاهي ہہ ڇڏيو اٿئي. تہ ڀاهڻ واري جذبي جي سچائيءَ کي هميشه ياد رکجانءِ.

17-3-1980

(مختلف اينگلز ۾ تنهنجن چپن جون ڇڏيل مهرون تن جي هيٺيان لکي ڇڏيل امداد جي ترائيل جا ڪجهہ بند)

وري ملون نہ ملون زندگي رهي نہ رهي.

الائي ڪهڙي خبر دوستي رهي نہ رهي.

چپن کي ٿورڙو اڳتي ڪري ڏسي تہ وٺون.

اهائي ته اها تاريخ هئي سنجها. جڏهن مون پهريون پيرو تنهنجن چپن کي پنهنجي چپن سان چهي ڏنو هو. اکيون ٻوٽي.

25-3-1980

هوءَ جا اڇڪلهه مون سان گڏ آهي ۽ منهنجي گلي جي کليل بٽڻن کي بند ڪري ٿي. (جيڪي سدائين بند ڪرڻ وساري ڇڏيندو آهيان). ۽ منهنجي هر ڏک جي پاڳي پائيوار ٻٽيل آهي. هلندي هلندي ڪنهن به ايندڙ پل ۾ پنهنجو هٿ منهنجي هٿن مان کسڪائي. مرڪ جا گل ۽ باءِ جو آٽوگراف ڏئي هلي ويندي. ۽ مان سندس پيرن ۾ پاتل. پينسل هيل واري سينڊل مان نڪرندڙ آواز. پاڻ کان پري ٿيندي ٻڌندو رهندس.

29-3-1980

هن مون سان خدا تي بحث ڪيو. مسلسل (منهنجي ڳچيءَ ۾ پيل صليب کي ڏسندي رهي) ۽ منهنجي هر دليل کان انڪار ڪندي رهي. آخر ۾ عام لهجي ۾ چيائين:

'مون وٽ نه ايندو ڪر.'

هر وک ڌهندو هليو ويو هوس.

(سنجها. مون کي اهو ڏسي، سوچي حيرت ٿي هئي ته جنهن ڏينهن، نه جنهن شام توکي ريڊيو تي ڏسڻ آيو هوس، ان ڏينهن به تاريخ 29 ئي هئي. فرق هو به ته ٽن سالن جو..... ٽن سالن جو ۽ جڳهه جو. ڪاريڊور جو ۽ روڊ جو. صبح جو ۽ شام جو. مون کي محسوس پيو ٿئي اسان جي ملڻ ۽ وڇڙڻ جي وچ ۾ ٽن سالن جي نه. ڪجهه ڪلاڪن جي وچوٽي هئي..... صبح کان شام تائين جي. انهن ڪجهه ڪلاڪن ۾. اسان هڪ ٻئي کي بي انت محبتون ۽ بي انت ڏک ڏئي چڪا هئاسين).

5-4-1980

سنسان روڊ تان ويس پئي، هوءَ منهنجي سامهون اچي بيٺي. هن سان گڏ شبنم به هئي. مون ڏٺو. سندس نيٽن ۾ ڪجهه ڏينهن جي وچوڙي جي پيڙا کي. چيائين:

'ڪيئن آهين؟' چيم: 'تو آڏو آهيان.' چيائين: 'سپاٽي مون وٽ

ايندين....؟' چيم: 'جي تون چاهين ٿا....؟' چيائين: 'ها مان چاهيان ٿي.... هاڻي شايد روز چاهيان....'

16-4-1980

آسمان سچو ڪڪرن سان ڇانيل هو. اسان فيڪلٽيءَ جي پوئين پهاڙي تي پير لڙڪائي وينا هئاسون. هن مون ڏانهن ڏسندي چيو: 'هلون.....؟' سندس نيٽن ۾ گاڙها ڏورا لهي آيا هئا. اڇي ويا هئاسون چئن ديوارن جي پناهه ۾ ء سمورا آواز در کان باهر رهجي ويا هئا. (ڪيڏو خوش آهيان اڄ؟)

من پرجي آيو هو. ڊائري بند ڪري ڇڏي هئم. سيف جو لاڪر کولي تنهنجو لکيل عيد ڪارڊ ڏنو هئم. لکيل هو:

My 'Punhoon'
You made my wish come true,
My every happiness
Belongs to you.
If you are alive I am alive.
If you are sad, I am sad.
You are my everything
And all my dreams are for you.
Very soon they would become true.
Yours for ever
Sanjha

ء اڄ..... مان جيئرو هوندي بہ تولاءِ مري ڇڪو هوس... اڄ... منهنجي مٽان ڏڪ بگهڙ بٽجي چڙهي آيا هئا. ء تون سڪ جي ننڍ ستل هئينءَ..... ء مان تنهنجو سپڪجهه هوندي بہ ڪجهه نہ هوس..... ڪارڊ واپس سيف جي لاڪر ۾ رکي گهر مان نڪري. بس پڪڙي يونيورسٽي هليو ويو هوس. گهمڻ لڳو هوس اهي سڀ گهٽ جتي ڪڏهن اڪيلو نہ هوندو هوس، تون بہ مون سان گڏ هوندي هئينءَ. پنهنجي مڙني سڃائين سميت. ء جڏهن جامع مسجد جي پر واري مير نور محمد روڊ جي ٽهيل ننڍڙي موريءَ جي ٻئي پر. ديوين جي گهاٽي جهنگل ۾ پهتو هوس، جتي ڪڏهن پاڻيءَ جو ننڍڙو تلاءُ بہ هوندو هو..... ء هلڪي هلڪي جهنگلي

چهر به: ته مون کي ياد آئي هئي اها ڳالهه..... هڪ پيري پاڻ ننڍڙي موريءَ تي ويهي روڊ تان ويندڙ ماڻهن جي وڇ جو انتظار ڪري رهيا هئاسون. جڏهن سڄو روڊ خالي ٿي ويو هو. ته اسان اندر هليا آيا هئاسون. جهنگلي چهر تي وينا ئي مس هئاسون ته روڊ تي ڊوڙڻ جا آواز آيا هئا. تو منهنجي خالي هٿ ڏانهن ڏسي هلڪي رڙ ڪري چيو هو: 'منهنجو چشمو.....؟' وائڙائپ منجهان چيو هئم: 'مون وٽ هو چا.....؟' 'ها آ آ آ.' ۽ مان ديوين منجهان ٽهيل سوڙهي پيچري تان ذري گهٽ ڊوڙندو روڊ تي اچي ويو هوس. ڏٺو هئم موريءَ جي پٽ ڏانهن، جتي ڪجهه به نه هو.... ۽ پوءِ روڊ تي ڊوڙندڙ چوڪرن ڏانهن ڏٺو هئم. جيڪي حيدرآباد ويندڙ ڪراچيءَ جي بس ڏانهن ڊوڙي رهيا هئا. سڀ کان آخر ۾ هڪ ٿلهو چوڪرو پنهنجي ويڪري منهن تي تنهنجو نفيس نظر جو چشمو ٿهڪائي. ٿاڻا ڪائيندو بس ڏانهن ڊوڙي رهيو هو. مون کي ڏاڍي ڪل آئي هئي. مان پئي هٽ پيٽ تي رکي ٿهڪن ۾ پئجي ويو هوس.

پهريان جڏهن تون مون کي ملي هئينءَ، توکي استارز تي يقين هوندو هو. چوندي هئينءَ: 'تون ايريز ۽ مان اسڪارپيو. تون باهه آهين، ۽ مان پاڻي. پاڻ ٻنهي جو ڏهني لاڳاپو بيحد مشڪل آهي. هوريان هوريان تنهنجا سيئي يقين اين ايل سي جي ٽرڪ هينيان اچي ويا هئا. تنهنجو استارز تان يقين ڪچي ويو هو. هڪ ڏينهن مون کي ڳراٽڙي پائي چيو هيئي: 'استارز، سڀ بڪواس آهن..... تون ايريز ۽ مان اسڪارپيو هوندي به هڪ ٻئي کي ڪيڏو چاهيون ٿا..... جڏهن ته اسان کي ڪنهن به حال ۾ گڏ رهڻ نه گهرجي. پوءِ اوچتو ئي اوچتو صبا اسان ٻنهين جي وچ ۾ اچي وئي هئي. تو چيو هو: 'ورگو ڏاڍا مصلحت پسند. اندر جا ڪوٽا ۽ ڪميٽا هوندا آهن. هو پنهنجون ڳالهيون ڪنهن کي به نه ٻڌائيندا آهن. ٻين جون سڀ ڳالهيون ڄاڻڻ جي چڪر ۾ رهندا آهن. مون کي ان استار کان نفرت آهي.'

پر سنجها. اهو به ڪيڏو وڏو المیو آهي...؟ ظهير. جنهن سان تون شادي ڪرڻ ٿي چاهين. اڄ جيڪو تنهنجي مڙني خوابن جو مالڪ آهي.

تنهن جو استار بہ تہ ورگو آهي...؟ مون کي محسوس پيو ٿئي، تون صبا سان نفرت ڪندي بہ هن لاءِ بيحد عزت ۽ احترام رکين ٿي. جڏهن ظهير جي سالگره هوندي، تون نہ چاهيندي بہ صبا کي ضرور ياد ڪندينءَ!

هر سجاتل اڪيلو ڏسي پڇندو هو:
'سنجها ڪٿي آهي.....؟'

مون کي چڙ هئي ان سوال کان، اهڙن سوالن پڇندڙن کان. گهر هوندو هوس تہ امان مون کي اجايو پيار ڪرڻ لڳندي هئي. ٻانهون ڦهلائي، پنهنجي ٻڪ ۾ منهنجي مئل مک کي پري ڇائڻ لڳندي هئي، سهرا. ۽ سهرا برنديءَ تي گاسليٽ. ..... جيڪو ٽيٽو هو، ٽي چڪو. جيڪو ٽيٽو هوندو آهي، تنهن کي ڪوبہ روڪي ناهي سگهندو.... ڪڪر جيڪڏهن شڪليون متائڻ چڏي ڏين، تہ ڪڪر نہ پهاڙي سڏائين. من کي سڌ هئي انهن ڳالهين جي.... پر پوڳنا جو احساس نہ هئم. ٽيڻ لڳو هو، ٽي رهيو آهي.... ٽيڻ بہ گهرجيم، آخر مان (آهيان)، (هئس) ناهيان.... ۽ جيسين (آهيان) پوڳٽو پوندو. دل آهي جا، چتا بڻجي پئي آهي. خبر ناهي ڪيترن سالن کان بڏل آهيان چوڪنيو پهاڙ جي چوٽيءَ تي، ۽ ڪجهہ منهنجي ڪلهي تي ويهي منهنجو جيرو ٽڪي رهي آهي، مون کي چڙ آهي، امان جي اجائي پيار کان.... مون کي چڙ آهي، ڇڄ پڇان کان.... مون کي چڙ آهي، چو.....؟ چا لاءِ.....؟ ڪيئن.....؟ ڪڏهن ۽ ڪٿي.....؟ کان. محسوس پيو ٿئيم هو سڀ هن گهڙيءَ جو انتظار ڪري رهيا هئا. جنهن ۾ ڪري پيو آهيان..... جا گهڙي تہ ناهي ڪا بي انت ڪاهي آهي، جنهن ۾ ڪرندو پيو وڃان ۽ منهنجي دل ٻوساٽبي تي وڃي.

قبرن تي وڃڻ، دعائون گهرڻ ۽ اگر بتيون ٻارڻ، عجيب لڳندو آهي. پر توکان وڃڻ کان ٻوءِ جڏهن پوڳنائن جي سرڪڻ ڏاهي منهنجي ڳچي ۾ سوڙهي ٽي ويندي هئي، تہ تنهنجي بابا سائين جي قبر تي وڃي اگر بتيون ٻاري چڏيندو هوس. اکيون پوٽي ڏگها ساهہ ڪڍي خوشبوئن جو واس ونڊ لڳندو هوس. منهنجون سموريون پوڳنائون ڪکر بڻجي هوائن

۾ اڏامي ويندیون هيون. سڪون خوشبو ٻڏجي منهنجي اندر ۾ سمائجي ويندو هو. اهڙي ئي هڪ شام، تنهنجي بابا سائين جي قبر تي اگر بتيون ٻاري سڪون جي اڻ لکي احساس هيٺ هلڪو ٻڏجي، روڊ تي اچي ويو هوس. تہ هڪ ڪار زوردار بريڪ سان منهنجي پير ۾ اچي بيهي رهي هئي. ظهير ڊرائيونگ سيٽ واري دريءَ مان منهن ڪيندي چيو هو:

'ڪهڙا حال آهن....؟'

'تنهنجي آڏو آهن.'

'ڪيڏانهن ويو هئين....؟'

'سيڪا ٽريسٽ وٺ.' مرڪي چيو هئم. هو هلڪو ٽهڪ ڏئي، ٻاهر اچي ويو هو.

'اچين نہ ٿو موڻ وٺ....؟'

'مان تہ هر وقت توسان گڏ هوندو آهيان.'

'ڪيئن.....؟'

'سنجها ۽ مون ۾ ڪوبہ تہ فرق ناهي.....؟'

ظهير جي اوجل مک تي جرڪندڙ نيٽن مٽان، جڏ ڇپرا لهي آيا هئا. سوچ ۾ پئجي ويو هو. گنهير ٻڏجي چيو هئائين:

'مون سان هلندين.....؟'

اسان ٻئي ميرن جي قبرستان ۾ اچي ويا هئاسون. جهوني قبي جي ڪماني دروازي، جي هڪ ٽلهي تي ظهير ويهي رهيو ۽ ٻئي تي مان. ٻئي ڪيتري ديرَ شام جي سرمائي ڏنڊ ۾ گهوريندا رهيا هئاسون. هن مضبوط لهجي ۾ چيو هو:

'حقيقت ۾ مون اهو نہ چاهيو هو.... مون کي خبر هئي، مون کي خبر آهي تہ سنجها توکي بيحد چاهيندي هئي.... سنجها سڻي آهي، بي انتها.... پر تون هن کي سمجهي نہ سگهين.... تو هن کي ڏاڍا ڏک ڏنا. ۽ سنجها تنهنجي ڏنل ڏکن کي مٽائڻ لاءِ سليپنگ پلز کائڻ لڳي..!. گهر جي اونڌاهين ڏاڪڻين ۾ ويهي، سگريٽ مٽان سگريٽ پيئندي رهي.... مون سنجها کان سُموڪنگ بند ڪرائي.... مون هن کان سليپنگ پلز ڇڏايا. سنجها توسان محبت ڪئي، موٽ ۾ تو هن کي سواءِ ڏکن ۽ نفرتن جي،

ڪجهه به نه ڏنو. تون سنجها کي سمجهي نه سگهين.... آئون ڊاڪٽر اهيان، پر دوائن جي خبر اٿم. مون پاڻ سنجها جي پرس ۾ ڊاڪٽر جي رسڪرپشن ڏني آهي، پڙهي آهي. توکي سڌ ناهي. پر اها حقيقت آهي ته سنجها، هارٽ پيشنٽ ٿي پئي آهي. مون کي ڪنهن به ايندڙ گهڙيءَ تي ڪونهي..... خبر ناهي سنجها.... هوءَ ڪنهن به ايندڙ گهڙيءَ ۾..... مون... مون سنجها جي مختصر زندگيءَ ۾ ڪجهه مهينن جو واڌارو آندو هي... آئون هن جي اداس زندگيءَ ۾ انڊلڪ جا ستئي رنگ پريندس، ٿون سنجها سان شادي ڪندس.'

منهنجي اندر ڪيترائي پيانڪ ٿهڪ پڙاڏا بنجي ويا هئا. ظهير مون کي اهو پار لڳو هو، جيڪو وڏن جون بدل ڳالهيون پاڻ سان منسوب ڪري، پنهنجي دوستن جي ست ۾ سينو ڦوڪي ٻڌائيندو آهي. ۽ ٻڌائي ٿا ڪي مڙني کان وڌيڪ ذهين ۽ هوشيار سمجهڻ لڳندو آهي. ۽ سنجها، ان ان شام تنهنجي ذهانت جو قائل ٿي ويو هوس. چيو هئم:

'بيشڪ، ظهير مان سنجها کي سواءِ ڏکن جي ڪجهه نه ڏئي سگهيس.... منهنجي تن سالن جي پکيڙ تي، تنهنجي مهين جي قربت پاري هي.... چو ته تون هڪ اهڙي چوڪريءَ سان محبت ٿو ڪرين، جيڪا ڪجهه گهڙين جي مهمان آهي.... تو هن کان سليپنگ پلز ۽ سموڪنگ بند ڪرائي، هن کي نئين زندگي بخشي چڏي آهي. تون اوتار آهين، مان اڪشس.... تون مهان آهين، مان نيچ.... تون سچ ڪجهه آهين، مان ڪجهه به نه....'

ڏيادار مرڪ هن جي خوبصورت چپن تي پکڙجي وئي هئي. اسان ٻرن جي قبرستان مان نڪري رود تي اچي ويا هئاسون. ڊرائيونگ سيٽ ي ويهندي مهربان آواز ۾ چيو هئائين:

'ڪيڏانهن ويندين.....'

'مان پهچي ويندس، تون هليو وڃ.'

ڪار اسٽارٽ ڪري، گيئر مٽائي، بريڪ تان پير هٽائي ايڪسيليٽر ي زور وڌائي چڏيو هئائين. ڪيٽن مان چرڙاٽ نڪتا هئا. مان ويندڙ ڪار جي ڳاڙهين بتين ڏانهن ڏٺو هو، جيڪي اونداهه ۾ گم ٿي رهيون هيون.

مون کي اهي ڳاڙهيون بتيون، تنهنجن نيٽن جهڙيون لڳيون هيون، جيڪي پنهنجي فتح تي مرڪي رهيون هيون، لازوال مرڪ.

سال کان پوءِ صبا وٽ هليو ويو هوس.

سمجهيو هئم، هن سان ملي، دل جو بار هلڪو ٿي ويندو. ڪال بيل وڄائي هئم. ڪجهه دير کان پوءِ ڪنهن پڇيو هو:

'ڪير.....؟'

'پنهون.'

در کلي ويو هو ۽ صبا جو مک ظاهر ٿيو هو. هن پنهنجا وار گهٽا ننڍا ڪرائي ڇڏيا هئا. انهن وارن ۾ صبا مون کي خالي خالي لڳي هئي. ڪيس هلڪو نيرو سليپنگ گائون اوڍيل هو. بنا لپسٽڪ جي چپ ڪجهه وڌيڪ ناسي نظر آيا هئم، شايد هن سموڪنگ جي اسپيڊ وڌائي ڇڏي هئي. مون کي ڏسي عجب هن جي، پورن ناسي نيٽن ۾ ڪراس بڻجي ڪپي ويو هو. چيو هومانس:

'اندر اچڻ لاءِ نه چوندينءَ....؟'

هن لوهي گيٽ کولي ڇڏيو هو. مان ڊرائينگ روم جي ساڳي اڪيلي صوفا تي هميشه جيان ويهي رهيو هوس. ڪاب ته ڇٽينج نه آئي هئي هن جي ڊرائينگ روم ۾. ڇڻ سال اڳ جو ڪو فوٽوگراف ڏسي رهيو هوس. صبا منهنجي اداس منهن تي جهنگلي چهر وانگر ڦٽي آيل ڏاڙهيءَ ڏانهن ڏسڻ لڳي هئي. ڏک جون ڪوئلون، هن جي چپن جي شاخن تي لهي آيون هيون. ڏسندي رهي هئي.

'چا ٿي ڏسين صبا.....؟'

'چڏي ويئي نه....؟' ڏڏيل آواز ۾ چيو هئائين.

'ها... صبا....' ڪنڌ لوڏي پري پيو هوس.

'مون توکي چيو هو نه...؟ مان توکي چوندي هيس نه پنهون.....؟ توسان رڳو رومانس ڪري سگهجي ٿو....'

'تون ڪيئن آهين.....؟'

'گذارو ٿئي پيو.... صحافي بڻجي وئي آهيان. ۽ جاويد مادرن

موٽرز ۾، ڪارن ۾ ايئرڪنڊيشنر ۽ ٽيپ رڪارڊ فٽ ڪندو آهي.'

'جاويد.....؟'

'منهنجو مڙس آهي.'

'تو.... تو شادي ڪري چڏي صبا....؟'

'ها.'

'ٽيڪنيشن سان.....؟'

'ها.'

'ء، ۽ تنهنجا خواب.....!!؟'

'توئي چيو هو، خواب ڪڏهن به ساڀيا نه ٿيندڙ. خواهشن جا ڏنڏلا عڪس هوندا آهن؟'

صبا ڪارنر ٽيبل تان سگريٽ جو پيڪٽ کڻي، سگريٽ ڪڍي دڳهو سوٽو هنيو هو.

'اهو سڀ ته فلمن ۽ ناولن ۾ ٿيندو آهي.....؟'

'ڪڏهن ڪڏهن ممڪن، ناممڪن ممڪن بڻجي ويندو آهي.'

'ڪٽي رهندا آهيو.....؟'

'گهر جي مٽئين حصي ۾.'

'ان ڪمري ۾، جنهن جي دري ٽريفڪ پريل روڊ ڏانهن کلندي آهي.....؟'

'ها، تون منهنجو بيڊ روم ڏسندين.....؟ اڄ مان توکي پنهنجو بيڊ روم ڏيکاريان.'

صبا مون کي پنهنجي بيڊ روم ۾ وٺي وئي هئي. فرش تي هلڪي نيري پس منظر مٽان، ڳوڙهي نيري گلن وارو ڪارپيٽ وڇايل هو. ڊبل بيڊ جي ڪارنر ٽيبل تي صبا ۽ سندس مڙس جي شاديءَ جو فوٽو فريم ٿيل هو. روڊ ڏانهن کلندڙ دريءَ مٽان هلڪو نيرو پڙدو لڏيو پئي ۽ دريءَ جي ڪاپي پاسي، ٻن جاڙن ٻارن جو ڪلرڊ پوسٽر چهٽيل هو. صبا بيڊ تي ويهندي چيو هو:

'ڪيئن آهي پنهنجو بيڊ روم....؟'

'خوبصورت.'

'ء منهنجو مڙس...؟' هن فريم ٽيبل فوٽوءَ ڏانهن ڏسندي چيو هو:

'خوبصورت.'

'منهنجو مڙس بي انتها سٺو آهي... هو منهنجي هر خواهش جو احترام ڪندو آهي. جاويد کي مون سان لازوال محبت آهي، جيتري منهنجي توسان هئي... آهي.'

صبا ڳالهائيندي شوڪيس ڏانهن هلي وئي هئي. چابي ڦيرائي. تاڪ کولي هٿ وڌائي بوتل ڪڍي. سينٽرل ٽيبل تي رکندي چيو هئائين:

'تنهنجي لاءِ آهي.'

'هيءَ....؟'

'مون چيو نہ.... منهنجو مڙس مون سان لازوال محبت ڪندو آهي. اسان کڏهن کڏهن پيئندا آهيون.'

'پوءِ..... توهان ڇا پيئندؤ....؟'

'Don't worry about it.'

'نہ صبا، مان وڃان ٿو.....'

'ڊڄ نہ، ويهہ ويهہ. هو ايائين وڃي ڪان اڳ نہ ايندو. ء پيا جي ته توکي خبر آ.'

'پر صبا.....؟'

صبا در ڏانهن ويندي چپن تي آڱر رکي چڏي هئي. واپس آئي هئي. ته سندس هڪ هٿ ۾ جگ، برف ء پاڻيءَ سان پريل هئي. ٻئي هٿ ۾ نفيس گلاس. جگ گلاس ٽيبل تي رکي بوتل کولي چڏي هئائين. صبا پيگ ناهي، هڪ مون ڏانهن وڌايو هو، ء پيو پاڻ کنيو هو چيئرز ڪندي چيو هئائين:

'جاويد جي مهانتا جي نالي.'

اسان پيئندا رهياسين، پهريان ٻہ پيگ تڪڙا. پويان ٻہ پيگ آهستي. صبا آخري ڏڪ پري، سگريٽ دکائي ڏڏيل آواز ۾ چيو هو:

'اڄ ته پنهنجي دل سنجهـا جي پرس ۾ نہ وساري آيو آهين نہ، پنهون....؟'

'نہ..... ويندي ويندي سنجهـا منهنجي دل، منهنجي پر ۾ وساري

وئي هئي.'

'گهٽا ٽڪر ٽيل هئي.....؟'

'حسابن ۾ ننڍي هوندي کان جڏو آهيان... ميٽرڪ ۾ حسابن جو پيپر ئي نه ڏيڻ ويو هوس... صبا، مان آٽوگراف ڏيڻ کان ان ڪري لنوائيندو آهيان، جو مون کي ڊيٽ لکڻي پوندي آهي... ان مهل مون کان وسري ويندو آهي ته ٽياسيءَ ۾ ٽي اڳيان ايندا يا پويان. مان... مان دراصل اڳيان پويان جي چڪرن ۾ پوڻ نه چاهيندو آهيان.... صبا، مان... مان ڏيڻ چاهيندو آهيان بي حساب، وڻ چاهيندو آهيان بي حساب.....'

'مون، مون بي حساب گاريون کاڌيون آهن، رڳو تنهنجي ڪري. ڪاريڊور ۾..... آفيسز ۾..... روڊن تي..... جڏهن تو کال بيل وڄائي هئي نه، دروازو کولڻ آئي هيس، ته مون در جي پر ۾ لڳل سورج مکيءَ ڏانهن ڏٺو هو. جنهن تي هڪ گار وينل هئي، ۽ مون ڏانهن ڏسي مرڪي رهي هئي..... پر سورج مکيءَ جو منهن ان وقت به سورج ڏانهن ڪجيل هو. بلڪل ائين..... جيئن هن وقت منهنجو منهن، توڏانهن ڪجيل آهي. مون کي نڪ تي بار پيو محسوس ٿئي. ڏس ڪا گار ته وينل ناهي.....؟'

'نه، تنهنجو چهرو ته اجرو جر آهي.'

'منهنجي چهري جي اجري جر مان، منهنجو اندر نظر اچي پيو چا.....؟'

'ها.'

'گهٽين گارين جا ڊير پيل آهن، منهنجي اندر.....؟'

'تنهنجي اندر جي چوڪ تي، هڪ بورڊ لڳل آهي.'

'ڪا گار لکيل هوندي پڪ .....؟ ڏس، رائيٽنگ سنجهه جي ته ناهي.....؟'

'رائيٽنگ.....؟ رائيٽنگ ته الائجي ڪنهن جي آهي. پر بورڊ تي بولڊ اکرن ۾ لکيل آهي "Keep city clean"!

'مون ڏي اڇ ته..... تنهنجي صفائي ڪري ڇڏيان.....؟'

صبا پنهنجي سليپنگ گائون جون ڏوريون کولي ڇڏيون هيون.

'هي چا ٿي ڪرين صبا...؟'

'صفائي...؟'

'چڙهي وئي اٿئي. آرام ڪر....؟'

'ڪنهن تي.....؟ چا.....؟ گار.....؟ هي گاريون منهنجو پيڇو نه چڏيندیون..... دراز ڪولينديِ آهيان ته. گاريون نڪري ايندیون آهن..... ڪپڙا چنديندي آهيان ته. گاريون چٽڻ لڳنديون آهن. ڪالهه رات مان ۽ جاويد آڳنڌ ۾ ستا پيا هئاسون، جاويد آسمان ڏانهن اشارو ڪري چيو هو:

'ڏس آسمان تي ڪڪر چانئجي ويا آهن.' مون ڏٺو هو. آسمان سڄو گارين سان پريل نظر آيو هئم. پوءِ ڪيتريون گاريون هوائن ۾ اڏامنديون، منهنجي مٿان اچي ڪريون هيون. مان پلنگ تان اٿي ڪمري ۾ پڇي وئي هيس، جاويد کي چيو هئم. مان باهر نه سمهندیس. پلنگ اندر ڪٽي اڇ..... پڌ پنهون.... ان کان اڳ جو مان گارين جي پٿرن ۾ زنده دفن ٿي وڃان... مون کي بچائي وٺ. مون کي گارين ۾ دفن ٿيڻ کان بچائي وٺ... مون کي بچاءِ، پنهون....؟

سليپنگ گائون هن جي پريل ڪلهن تان ترڪي پلنگ تي پکڙجي ويو هو.

مون کي خبر آهي..... مون کي خبر آهي ته، تون مون ڏي نه ايندين..... تون چاهين ٿو، چاهين ٿو ته مان، سنجها جي ڏنل گارين ۾ جيئري دفن ٿي وڃان... چو ته توکي سنجها پياري آهي... بي انتها. توکي پيو ڪوبه پيارو ڪونهي. ڪوبه نه.'

"Your are great suba..."

'نه نه مان عظيم ناهيان... مان، مان دٻٽ بن آهيان.... جنهن ۾ سيڻ گارين جا پاروٽا ٽڪر اڇلايا آهن. هن يونان جي شهزادي.... تو... سنجها، سيڻ سيڻ.... 'I am not great... I am not great.'

صبا پلنگ تي اونڌي سمهي، پارن وانگر روئي پئي هئي. ٽڙندو وکون ڪٽندو صبا ڏانهن وڌيو هوس. پلنگ تي پکڙيل سليپنگ گائون ڪٽي ڪيس ڏکي چڏيو هئم. من هيرڻ پن ٿي ويو هئو. گوڏا ٽيڪي. صبا جي سڏڪن سبب ڏکندڙ پيرن مٿان، چپ رکي چڏيا هئم. لڙڪ لڪيءَ جي جبلن ۾. يا علي جي نعرن سان، ڪن تائين پرجي ويندڙ ڪوهه جيان نيٽن

جون سموريون ٻڌون پڄي، اٽلي پيا هئا. اندر سجو پڙاڏجي ويو هو.
'You are great sabaaa....'

شهر ٽارچر ڪئمپ ٻڌجي پيو هو. ساروڻيون پهاڙي وچون. جيڪي هر وقت منهنجي ذهن جي سيرن مان نڪري، منهنجي منهن.... ڪلهن.... سيني... هٿن ۽ پيرن تي رڙهڻ لڳندا هئا. ڏکجي ويندو هوس. ساروڻين جي پهاڙي وچن ۾. زهر منهنجي سجي سرير ۾ رت ٻڌجي ڊوڙڻ لڳو هو. پنهنجي لاءِ عذاب ٻڌجي ويو هوس. تڏهن مون شهر کان گهڻو ڏور هليو وڃڻ چاهيو هو... ۽ پٽن سان سفاري ڪٽ ٻڌي گهر مان نڪري آيو هوس. پلڪندي، ڪيفي جبيس جي ٻاهران اچي، فوٽ پاٽ تي لڙڪيل وال پوسٽرز ڏسي رهيو هوس ته، پٽيان ڪنهن چيو هو:

'ڪيڏا خوبصورت ٻار آهن....؟'

پهريان مرڪندڙ ٻارن جي وال پوسٽر ڏانهن ڏٺو هئم ۽ پوءِ منهن ورائي پٽيان. وفا مرڪي رهي هئي. ڪا شئي نهائيءَ مان اچل ڏئي سيني تائين پهچي، واپس نهائيءَ ۾ گم ٿي وئي هئي. چيو هئم:

'تون....!!!؟'

'سامهون بڪ اسٽور تان پنهنجي لاءِ 1983ع جي ڊائري ۽ هن لاءِ (وفا. پر ۾ بيٽل. پاڻ ڪان پنج سال وڏي نظر ايندڙ سانوري. پر بيحد اسٽائلش چوڪريءَ ڏانهن اشارو ڪري چيو هو) نئين سال جو هار اسڪوپ بڪ وٺي ٻاهر نڪتيس ته سامهون تون نظر اچي وئين....؟'

'سامهون يا پٽيرو....؟'

'سامهون هج يا پٽيرو... مون کي هميشه سامهون ئي نظر ايندو آهين.'

'ڳالهائڻ سکي ورتو اٿئي؟'

'ڪو سمجهڻ وارو هجي، ته ڳالهائڻ ڏکيو نه لڳندو آهي.'

اداس هوندي به مرڪي پيو هوس. وفا استائلش چوڪريءَ ڏانهن اشارو ڪري چيو هو:

'هي منهنجي ڪزن آهي، چمپا. ڪراچي ۾ رهندي آهي.... ۽ چمپا، هي پنهون آهي....'

'لڳي ٿو.' چمپا مرڪي چيو هو.

'چا؟'

'پنهون.'

چمپا جي جواب اسان جي چپن تي. مرڪ جي مناڻي ورهائي ڇڏي هئي.

'هلو پلا....؟'

'تون فري آهين پنهون....؟'

'فري ئي فري.' ڏکيل مرڪ مرڪي چيو هئم.

چمپا منهنجي چهري تي ڪو خاص تاثر نه ڏسي، پرس سنپاليندي روڊ ڪراس ڪري، پرينءَ پر پارڪ ڪيل ڪار ڏانهن هلي وئي هئي.

پٽينءَ سيٽ تي ويهي رهيو هوس، وفا منهنجي پر ۾ اچي ويهندي چيو هو:

'المنظر هلون چمپا....؟'

'خودڪشيءَ جو موڊ آهي چا....؟'

'تون ساڻ ڏين ته....؟'

'نه سائين، ڪار گهر واپس ڪير موٽائيندو؟'

وفا ڪان ٿهڪ نڪري ويا هئا. ڪار تلڪ چاڙهي لهي، سول هاسپٽل جو موڙ ڪٽي. هيرآباد ڏانهن ڊوڙڻ لڳي هئي. چمپا ٽيپ رڪارڊ جو بٽڻ آن ڪري ڇڏيو هو، ۽ ڪوئي ڳائڻ لڳو هو:

My darling had some work
So I went to the show alone.
They turned off the lights
And turned the projector on
And I saw my darling and my best friend walking in.
As I was sitting right there they did'nt see me.
And they sat right in front of me
And when he kissed her lips I almost died,
And in to the middle of the color cartoon.
I started to cry.
Then I started walking to home,
When mama saw the tears, said,

Baby what is wrong,
And just to keep from telling her a lie
I just said, sad movies make me cry,
Sad movies always make me cry....

ڪار جامشوري جي پل اورانگهي. موڙ ڪٽي المنظر وٽ اچي وئي هئي.

پريان سنڌوءَ جون چڑواڳ لهرون. هوائن تي ململ جي ڪلي پيل ٽانڻ وانگر، لهرائڻ لڳيون هيون. لهرن ڏانهن ڏسندي مون کي پنهنجي ٽريو دوست ڏاڍو ياد آيو هو. جيڪو محبتن جي ڳولها ۾ نڪتو هو ۽ نفرتن جي درياهه ۾ ٻڏي ويو هو، ٻڏي ويو هو الائجي ڇوڙيو ويو هو....؟ ڏسڻ وارن ٻڌايو هو، تن ڏينهن کان پوءِ، پوليس جڏهن سندس مڙهه پل جي پائيتالين دروازي مان ڪڍيو.... تہ هن جون ٻئي مٽيون پکوڙيل هيون، جن ۾ پريل هئي. واري.... واري... ڪاب مکڙي ڪوب گل نہ. واري تہ هن جي ڪوٽ جي کيسن ۾ ب پريل هئي.... اهو ڪوٽ جنهن ۾ هن سان گڏ هلندي جنوريءَ جي پارن ۾، مان پنهنجا ٺري ويل هٿ وجهي. پارو ٽيڻ کان بچائيندو هوس... ۽ هو منهنجي اڇڻين حرڪتن تي. ٿهڪ ڏئي کلي پوندو هو. ۽ کلندي هڪدم مان بڇجي ويندو هو. مون کي سندس ان ڳالهہ تي ڏاڍي کل ايندي هئي. کانئس پڇندو هوس: 'ٻڌ. تون ٿهڪ ڏئي هڪدم مان ڇو ٽي ويندو آهين....؟' ڪو جواب ڏيڻ کان سواءِ. ڪاري رنگ واري چورس فريم جي عينڪ پٽيان نظر ايندڙ. ميرانجهڙن نيٽن سان تڪڻ لڳندو هو...

'ڇا ٿو سوچين....؟' وفا مون کي چپ ڏسي پڇڻ لڳي.

'سوچيان پيو... موت کان پوءِ ڇاهي....؟'

'موت کان پوءِ....؟ موت کان پوءِ ٻاويهين ڊسمبر کان ب ڊگهي. نہ ڪٽندڙ رات آهي.'

'ايڏي ميڇوئر ڪڏهن کان ٽي وئي آهين....؟'

'جڏهن تو پهرين ڪِس ڪئي هئي.' چمپا ڪرسيءَ تان اٿي ريلنگس ڏانهن هلي وئي هئي.

'پهرين ڪس؟'

'جڏهن مان رڳو سورنهن سالن جي هئس ۽ تون ايڪيهن سالن جو....؟'

'اڄ مان پنجويهين مر آهيان؟'

'مان ويهين مر.'

'گذريل ڏن سالن مر مون سان ڇو نہ ملي هئينءَ وفا....؟'

'مون پاڻ نہ چاهيو هو.'

'ڇو؟'

'تون مصروف هئين نہ....؟'

'۽ تون....؟'

'انتظار پئي ڪيم.'

'ڪنهنجو؟....'

'تنهنجو.'

'منهنجو...؟'

'ها.... تنهنجو.'

'۽ هاڻ.....؟'

'تون ملي ويو آهين.'

'ڪير ٿو چئي....؟'

'پهريان ماٺهن پئي چيو. هاڻ تنهنجو چهرو پيو ٻڌائي.'

مان ٽيبل تان پاڻيءَ جو پريل گلاس کڻي، چپن تي لڳائي چڏيو هو. وفا چيو هو:

'چڏي ويئي نہ....؟'

سڄو پاڻي زهر ٿڄي ويو هو. ۽ مان هڪ ئي ڳيٽ مر پي ويو هوس. کن رکي چيو هئائين:

'چيو هيئي.... هوءَ گهڙين جي مهمان آهي.... هن کي سچين محبتن جي ضرورت آهي... مان هن کي سڀ ڪجهہ ڏيندس... ڏيئي چڏيئس نہ سڀ ڪجهہ.....؟ ملي ويون هن کي سڀيون خوشيون.....؟ ڏنو ٿئي پاڻ کي....؟'

'مان اڄ هليو ويندس.'

'ڪيڏانهن....؟'

'ڪنهن ب طرف.'

'توکي سڌ آهي، مون ڪيڏو انتظار ڪيو آهي....؟'

'انتظار..... بي جرم سزا.... پولار ۾ اونڌي لٽڪجڻ جي پوڳنا.'

'پنهون.....؟'

'جي.....؟'

'آءِ، لو، يو؟'

'تون.... تون ڏاڍي سٺي آهين، بي انتها.....' مون پنهنجو هٿ، ٽيبل مٿان پکڙيل وفا جي هٿ مٿان رکي ڇڏيو هو.

'چا ٿو چاهين.....؟'

'سڀ چاهنائون مري ويون....'

'واپس ڪڏهن ايندين؟'

'چئي نه ٿو سگهان.'

'پاڻ سان گڏ مون کي ب ڏک ڏيڻ چاهين ٿو.....؟'

'وفا..... پاڇي ۾ ڪوب ڪلو ڪوڙي، پاڻ کان ڌار ڪري نه سگهيو آهي.'

وفا منهن مٽي ڪري، مٿان اچي بيئل بيري کي خالي آواز ۾ چيو هو:

'چڪن سينڊوچز ۽ ٽي ببل اپ.'

'چڪن سينڊوچز ۽ ٽي ببل اپ.... چڪن سينڊوچز ٽي..... ۽ چڪن سينڊوچز..... اوچتو منهنجي ذهن جي سير مان هڪ وڏو پهاڙي وڇون نڪري رڙهندو، منهنجي دل واري پاسي لهي آيو هو. ۽ پنهنجا پير کوڙي ڏنگڻ لڳو هو.

'ب پليٽ چڪن سينڊوچز، ۽ ب، آئيس ڪريم سوديا.....' هڪ پيري پاڻ هڪ دوست کان موٽر سائيڪل ونڻي، المنظر آيا هئاسون... سنڊوءَ جي ڪناري چپر مٿان رڪيل ڪرسين تي اچي وهي رهيا هئاسون. تو بيري کي چيو هو: 'ب پليٽ چڪن سينڊوچز ۽ ب آئيس ڪريم سوديا....'

'منهنجي لاءِ ڪوڪ.' چمپا گرل تان هٽ هٽائي. اسان ڏانهن ايندي چيو هو. ۽ بيرو هليو ويو هو.

ڪجهه ئي دير ۾ سينڊوچز ۽ بوتلون ٽيبل تي رکي بيرو واپس هليو ويو هو. چمپا سينڊوچ ۾ چڪ وجهندي پڇيو هو:

'توهان جي سفاري ڪِٽ ۾ چا پيل آهي....؟'

'اڏ ڊزن ڪهيون. سئيون ۽ پيڪٽ. هڪ ريل. چار سُويون. بٽڻ. نولجين. بسڪوپان. اسٽريسلز. اٺ پيڪٽ پيڪسيز جا چڪليٽس. هڪ ڏونگهو. چانهه جي پتي. ڪنڊ. پائوڊر ملڪ. ماچيس اڏ ڊزن. رسو. ٽارچ. اجرڪ. ڪجهه خالي ڪاپيون. ست بال پين. بسڪٽس چاڪو. ٽوئرسٽ ڊپارٽمينٽ جو نقشو. بُرش. واٽر ڪلر. پينسلون ۽ اسڪيچ بڪ.'

'ڪيڏانهن ٿا وڃو.....؟'

'هِچ هاءِ ڪنگ تي.'

'ڪيسين ڏئين.....؟'

'جيسين تائين وڃي سگهيس.'

'چهري مان ٽڪل ۽ اداس ٿا لڳو....؟'

'رڳو اداس چئو.'

'چو آهيو.....؟'

'عادت ۾ شامل آهي.'

'سيلف امپوز ٿا ڪريو....؟'

'سيلف امپوز ڪرڻ وارا. ڏاڍا نيچ هوندا آهن.'

'.... ....'

'توهان ۾ ڪا خاص ڳالهه ته ناهي....؟'

'ڪيئن؟'

'وفا توهان جي ڏاڍي تعريف ڪندي آهي.'

'وفا جي سٹائي آهي.'

'بس توهان نيڪ آهيو. خوبصورت ناهيو.'

'مون ڪڏهن سمجهيو ته ناهي.'

'ڇا.....؟'

'پاڻ کي خوبصورت.'

'چو؟'

'خوبصورت هجڻ ۽ سمجهڻ جو حق رڳو، چوڪرين کي هئڻ گهرجي.'

'۽ مردن کي.....؟'

'خبر هئڻ گهرجي.'

'تہ.....؟'

'تہ خوبصورتي چاهي....؟'

'چاهي خوبصورتي.....؟'

'جيڪا منهنجي اندر ۾ آهي.'

'چاهي توهان جي اندر ۾.....؟'

'جيڪو سنڌوءَ جي لهرن ۾ آهي.

'چا آهي سنڌوءَ جي لهرن ۾....؟'

'جيڪو توهان جي نيٽن ۾ آهي.'

'توهان ڳالهايو خوبصورت ٿا.'

'خوبصورت ڳالهين سان، تہ ڪنهنجو بہ پيٽ پرجي ناهي سگهندو.'

اسان ٽئي ماڻ ٽي ڪائڻ لڳا هئاسون. گهٽي دير کان پوءِ چمپا ٻيهر چيو هو:

'توهان ٻئي، شادي چو نہ ٿا ڪري ڇڏيو....؟'

'حاصل ٽي وڃڻ کان پوءِ، هر شئي پنهنجي معنيٰ وڃائي ڇڏيندي آهي.'

وفا پنهنجو منهن مٽي ڪري، مون ڏانهن ڏٺو هو. مون کي لڳو هو، جڻ هن چيو هو:

'اهو تون نہ، تنهنجي اجائي حاصلات کان پوءِ جي مايوسي ڳالهائي رهي آهي.'

ٻيهر ڪنڌ نوائي ڪائڻ لڳي هئي. چمپا پرس مان آٽوگراف بوڪ ڪڍندي چيو هو:

'نہ مون کي ڪهاڻين پڙهڻ جو شوق آهي. نہ ٽي وي تان پيش

ٽيندڙ، سنڌي ڊرامن ڏسڻ جو. پر پوءِ به خبر ناهي ڇو، توهان کان آٽوگراف ونڻ تي، جيءُ چاهي ٿو.' چمپا آٽوگراف بوڪ مون ڏانهن وڌائيندي، مرڪي چيو هو:

'آٽوگراف پليز؟'

پاڻ ڏانهن سري آيل آٽوگراف کي کولي، ڪيتري دير آٽو گراف جي پيلي ڪارڊ جي پيلاڻ ۾، تڪيندو رهيو هوس. پوءِ پينٽ جي پڇ پيڪٽ مان بال پين ڪڍي، لکي ڇڏيو هئم:

'ضروري ناهي، اسان جنهن طرف ڊوڙي رهيا هجون. منزل به ان طرف هجي. منزل ته ڪنهن به طرف ٿي سگهي ٿي.

اتر ــ ڏکڻ ــ اولهه ــ اوپر.

ڊيٽ لکڻ کان سواءِ، چمپا کي واپس ڪري ڇڏيو هئم. چمپا پڙهڻ لڳي هئي. بيرو آيو هو، ۽ وفا بل تي پنجاهه رپيا رکي ڇڏيا هئا. بيرو هليو ويو هو، وفا آٽوگراف بڪ چمپا کان ونڻ، پڙهڻ لڳي هئي. بيرو آيو هو. وفا پنج رپيا رکي بيا پيسا کڻي چيو هو:

'هلون.....؟'

اسان ٽئي اٽي ڏاڪڻيون لهي، ڪار وٽ اچي ويا هئاسون. وفا پڇيون در کولي چيو هو:

'اڄ.....؟'

'نه.'

وفا جي چپن جي ڪنڊن سان گڏ نيٽن ۾ ڪجهه ڏڏي ويو هو. مرڪي چيو هئم:

'اوڪي؟....'

'گوڊ باءِ.' چمپا مرڪي چيو هو. ۽ گاڏي اسٽارٽ ڪري ڇڏي هئائين. مان هلڻ شروع ڪيو هو. ڪار جامشوري جي پل جي موڙ تائين، مون سان گڏ هلي هئي. مان ڪار ڏانهن ڏسڻ کان سواءِ، سپر هاءِ وي تي پهچي. جامشوري ڏانهن هلڻ شروع ڪيو هو. ڪار اوير ڏانهن الهي وئي هئي. ڳائڻ لڳو هوس:

Feelings,
Feelings of love,
Again in my heart
Feelings,
Feelings like I'll never have you,
Or the feelings I never lost you
A gain in my heart.
Feetlings.

پٽيان ڪنهن زور سان بريڪ هنيو هو. چرڪ پري پٽ ڏانهن ڏٺو هئم. چمپا ڊرائيونگ سيٽ تان مرڪي رهي هئي. وفا پٽيون در کولي. باهر اچي وئي هئي. هٿ مر جهليل ڊائري مون ڏانهن وڌائيندي چيو هٽائين:

'رکي چڏ.'

'پر. هيءَ تہ. تو پاڻ لاءِ ورتي آهي....؟'

'الگ همیشه تو ئي مون کي سمجهيو آهي....؟ پهريان بہ. هاڻ بہ. هان وٺ رکي چڏ....؟'

مرڪڻ چاهيو هئم. پر مرڪ هوائن جي رخ تي رکيل ڏيئي جي لاٽ جيان ڦڙڪي اجهامي وئي هئي. محسوس ٿيو هئم. وفا تابوت مر آخري ڪوڪو ٽوکي چڏيو هو. ۽ مان هن کان چپ چاپ ڊائري ونڊي چڏي هئي. وفا کار مر ويهي دروازو بند ڪري چڏيو هو. ڪار موڙ ڪٽي واپس اوپر ڏانهن موٽي وئي هئي. ڪار کي پاڻ کان ڏور ويندي ڏسندو رهيو هوس. سراپيل من سان ڊائري کولي ڏني هئم. چوٽين مهيني جي ساڳي تاريخ واري پيج تي لکيل هو:

To,
Loving 'Punhoon'
Fisrt love is the last love
which can neither be created
Nor can be destroyed.

ڪيتريون گهڙيون ڪراچي واهہ مٿان ٽهيل. موريءَ جي سيمنٽ جي جهنگلي تي ويهي، سوچيندو رهيو هوس. گهٽو ڪجهہ. ڪجهہ بہ نہ سمجهي ڊائري بند ڪري، ٽڪل ٽهڪ ڏئي کلي پيو هوس. ٽهڪ. اڌ مئل

ٿهڪ. ۽ هلڻ لڳو هوس. هلندو رهيو هوس. روڊ. رستا..... پيچرا.... لاهيون چاڑهيون... ميدان. سپ منظر پٺ ڏانهن رهندا ويا هئا. ميدان هو. مان هوس ۽ سورج هو. هلندا رهيا هئاسون پوءِ سورج ۾ ٽڪجي پيو هو.

هن مهل رات جا ۾ ٽين پيا. مان جڏهن هن پهاڙ تي چڑهيس پئي. تہ سورج رات جي آخري الٽي اولهہ ۾ هاري. آسمان ۾ هٿوراڙيون هٽي ٻڏي ويو هو. مٿي پهچڻ تائين مون کي سڌ ناهي. ڪيتري دير لڳي هئي. پر مان چڑهندوئي هليو ويو هوس. پهريان تيز. پوءِ ڪجهہ آهستي. آخر ۾ هٿن پيرن ۾. هڏجي ويو هوس. پهاڙي جي مٿاڇري تي پهچي. سڀاري ڪٽ سوڏو پٽيءِ ۾ ليٽي. ڏگهن ساهن ۾ ٻڏي ويو هوس. ڪليل سرمائي آڪاس ۾ هر ڏسا. تروراٽامڻ لڳا هئا. زبان ڪاکڙي تائين ٽڪر ٻڏجي وئي هئي. ۽ خاموشي ڪن ۾ تيز سوسات جي آري هلائيندي رهي هئي.

هن وقت رات جا ۾ ٽي ويا آهن. ان وچ ۾ ۾ پيرا چانهہ ناهي بسڪٽس سان پيتي آهي... دل تہ هن وقت ۾ چانهہ ناهي پيئڻ تي ٿئي ٿي. پر هاڻ مان ننڊ ڪرڻ چاهيان ٿو.... ڪيڏو سڪ آهي هتي....؟ سڪ جيڪو ميلن تائين پکڙيل آهي.... مان ڏک جون سموريون سرحدون پار ڪري آيو آهيان... (چا ڏک جي ۾ ڪا پڃاڻي هوندي آهي...؟) خبر ناهي. پر هن مهل مون کي ائين محسوس پيو ٿئي جڻ. سپ نفرتون.... سپ محبتون. اوندهہ ۾ وڃائجي ويون آهن. هوا ۾ هلکي نشو چاڑهيندڙ. ٽڏ ۾ شامل ٿي وئي آهي... ۽. ۽ مون کي هن پهاڙي جي چوٽيءَ تي ستي. ائين پيو محسوس ٿئي. جڻ اکيون چنبيندڙ تارن جو ڇٽ. منهنجي مٿان جهڪي آيو آهي. مان مسلسل سوچيندو رهيو آهيان... سوچيندو ۽ پوڳيندو رهيو آهيان..... نہ چاهيندي بہ..... ورجاءُ کي ختم ٿيڻ گهرجي. ۽ ننڊ منهنجي چپرن تي ماکيءَ لار جيان اوتجي پئي آهي. مان وڌيڪ جاڳي نہ ٿو سگهان. وڌيڪ جاڳڻ ۾ نہ ٿو چاهيان..... مان. مون کي معاف ڪري ڇڏجو. مون کي سخت ننڊ. ننڊ. ننڊ نن... ... ...

نيو فيلڊس جا تازه شايع ٿيل ڪتاب

1- رهجي ويل منظر (ناول) طارق عالم ابڙو

2- ديس بديس (سفرنامو) عبدالحئي پليجو

3- ه ٿيءَ هاڻا ماڻهو سنڌيڪار: عبدالواحد آريسر

4- ڳجهه ڳجهاندر ڳالهڙيون علي احمد بروهي

5- انا ميڪا الطاف شيخ

6- روح جا ريلا عبدالواحد آريسر

7- چانديءَ جون تارون ۽ پرهه کان پهرين ماهتاب محبوب

8- نيلسن منديلا جي ڪهاڻي (آتم ڪهاڻي) نيلسن منديلا

9- جمال ابڙي جي آتم ڪٿا(ٽي جلد)* ڏسي ڏوهه اکين سين
* اونهي ڳالهه اسرار جي * ٿوهر ۾ ڳاڙها گل

10- جام جاموٽ جامڙا علي احمد بروهي

11- پلصراط (جيل جي ڊائري) ڊاڪٽر دودو مهيري

12- اسپارٽيڪس (ناول) هاورڊ فاسٽ

13- بُک (ناول) نٽ همسن

14- اسان جيئن جيئي ڪو عبدالواحد آريسر

15- ٻه ننڍا ناول آغا سليم


16- ماڻهو (انسان جي ارتقا جي ڪهاڻي) بدر ابڙو

17- خواب خوشبو چوڪري (ناول) ماهتاب محبوب

18- خط، انترويو ۽ تقريرون (جلد1) شيخ اياز

19- خط، انترويو ۽ تقريرون (جلد2) شيخ اياز

20- عاشي (ناول) هينري راٿرڊ هڪگرڊ



هن ڪتاب تي ڪجهه ليکڻ جا رايا:

عام طور اسان جڏهن به ڪنهن ڪٽائي ساهت جو ڪردار پيش ڪندا آهيون - ته اهو روايتي، ورجايل ، پاروٽو ۽ بين تمام گهڻن جو "ڪنيل ليکو" هوندو آهي. پر "رهجي ويل منظر" سنڌي ادب جي ان بدعت کان تمام پري آهي - پڙهڻ سان نه رڳو محفوظ ٿجي ٿو. مسرت ملي ٿي - پر گهڻو ڪجهه نئون ۽ گهڻن جو اڻ ٻڌل ۽ اڻ سمجهيل ملي ٿو. ۽ ان ڪري هي ناول گهڻن جي پرمن کي ڏوڏيندڙ ثابت ٿئي ٿو. تشبيهن کي جيتوڻيڪ اڄ جي ڪٽائي ساهت ۾ ايتري اهميت نٿي ملي جيڪا اڳ هئي. پوءِ به تشبيهن جي پنهنجي خوبصورتي آهي. شرط اها آهي ته ليکڪ ان ۾ تخليق کان ڪم وٺي ۽ جديد حوالن جي خيال کان نه ڇڏو "موهن ڪلپنا" ئي آهي. پر "رهجي ويل منظر" سان ان ۾ طارق جو اضافو ٿيو آهي. ڪلپنا کانپوءِ طارق ئي هڪ اهڙو ليکڪ آهي. جنهن جديد. نيون ۽ خوبصورت تشبيهون ڏنيون آهن.

- ڪيهر شوڪت

"..... گذريل ستن اٺن سالن ۾ سنڌي زبان جي (شيخ ايياز جي لکڻين کي ڇڏي) مون کا به اهڙي لکڻي نه پڙهي آهي جنهن هن ناول وانگر مون کي حيرت ۾ وڌو هجي."

- عبدالقادر جوٽيجو

دنيا ۾ آهن ڪل 36 ٽيمس. جنهن تي ڇنڇيهه لک ڪهاڻيون لکجي چڪيون هونديون. دنيا ۾ ڪو اهڙو ٽاپڪ نه بچيو هوندو. جنهن تي نه لکيو ويو هوندو. ڳالهه آهي پريزنٽيشن جي. ساڳين ٽاپڪس تي دنيا جا ليکڪ لکن ٿا. پر هر ليکڪ جي لکڻ جو پنهنجو ائسپريشن جو انداز آهي. سو طارق عالم جي ائسپريشن جو انداز ايڏو سهڻو هو. سچ پچ. بنا رڪ رکاوَ جي ته مان حيران ٿي پيس. هن نوجوان اهڙو سهڻو ناول لکيو آهي جو ماڻهو پڙهي وائڙو ٿي سگهي ٿو.

- امر جليل

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.